
سوال چہرا
جواب چہرا
ظفر
عباسی

سوال چهرا جواب چهرا

ڪهاڻين جو مجموعو

نئين ٽهيءَ جو ڪهاڻيڪار

ظفر عباسي

ناشر

اداره شهباز پبليڪيشنس

حيدرآباد سنڌ

پوسٽ باڪس ١٣٠

اداري جا سڀ حق ۽ واسطا قائم

گذارش : نظر چڪ سبب ڪتاب جي آخري ڪهاڻي "سور پچار" اسهاڳ / پوياڙيءَ کان اڳ ۾ ڇپجي وئي آهي. مهرباني ڪري درست ڪري پڙهندا- ادارو

ڇاپو : پهريون

٢٧ ڊسمبر ١٩٨٢ع ١٠ ربيع الاول ١٤٠٣ھ

قيمت: ٻارهن روپيه ١٢-٠٠ روپيه

سول ايجنٽس

ادبيات ٻلڪ چاڙهي حيدرآباد سنڌ

ڪتاب: سوال ڇهرا جواب ڇهرا. ڪهاڻين جو مجموعو
ظفر عباسي- پبلشر نور محمد عباسي
ڇپائي شهباز پرنٽنگ پريس، حيدرآباد
اداره شهباز پبليڪيشنس
روم نمبر ٧ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل شاپنگ سينٽر
حيدرآباد سنڌ پوسٽ باڪس ١٣٠ مان پڌرو ڪيو

ڪھاڻين جو مجموعو 'پبليشر' طرفان نور محمد عباسي	٥
منھنجي ذات ڏوھاري	٩
مھاڳ / اڳياڙي	١٤
پورو اڻ پورو جيون	٢١
قومي آرٽسٽ	٢٧
ماڻڪين منجھه ميت	٣٨
آزاديءَ کان قيد ڀلو	٤٤
مرڪ ڪٽورا رت ڦڙا	٥١
عزت جا ٽڪل پنڌڻ	٥٨
زندگي خودڪشي	٦٦
ڪٽيل زبان ۽ اسيٽن گن	٨٥
انڊلٺ ريکا	٩٥
مٽل وجود چاول وجود	٩٩
ڪنڌ جھڪائي بيٺل سچ	١٠٥
سوال ڇھرا جواب ڇھرا	١١٤
امھاڳ پوياڙي	١٢٨
سور پچار	١٣٤

ارپنا-

مرڪ!!

جي ناليِ-

جنهن مون کي بن جي سزا ڀوڳيندي پسي ورتو

۽ ڏاڍي پاڙوهه منجهان چيو ته

”هاڻي جهنگن ۾ ڀٽڪڻ ڇڏي ڏي!

اڄ مون سان گڏ شهر ڏي-!

نئين عزم سان نئين حوصلي سان!

پو پاڻهي تنهنجي من ۾ رڪندڙ دونهون

اجهامي ويندو ۽ پوءِ

جيڪڏهن شروع تون ڪندين ته توڙ مان رسائيندس

ابتدا تون ڪندين ته انتها مان ڪنديس!!“

ظفر عباسي ٢٧/٦/١٩٨٢

پبلیشر طرفان

اڄڪلهه سرڪاري يا نيم سرڪاري پبلشنگ ادارن کي ڇڏي جيڪي به خانگي پبلشنگ ادارا آهن، آهي سنڌي ادب جي مختلف صنفن تي ڪجهه وقت ته ڪتاب ڇپائيندا رهندا آهن پر پوءِ اهو شوق آهستي آهستي ڍرو ٿيندو ويندو آهي. پر اداره شهباز پبليڪيشنس حيدرآباد سنڌ هڪ اهڙو ادارو آهي. جنهن گذريل ڪجهه سالن کان پنهنجو اهو سلسلو قائم رکيو اچي ۽ ان ڏس ۾ اسان جو هيءُ ادارو ڪيترائي سنڌي ادبي ڪتاب ڇپائي چڪو آهي ۽ اڃا به ڇپرائيندو رهندو.

اسان کي اها خوشي آهي ته سنڌ جا مشهور ليکڪ اسان سان ان ڏس ۾ تعاون ڪندا اچن ٿا.

۽ ويجهڙائيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي مختلف ڪيترن ۾ جهڙي ريت نيئن ٽهيءَ جا نوجوان اديب اڳتي قدم وڌائي رهيا آهن. انهن جي جذبي ۽ ادبي پورهي کي ڏسندي يقين ٿو ٿئي ته اسانجي نيئن نسل جي نواجوانن ۾ پنهنجي سنڌي ٻولي ۽ ساهت لاءِ تمام گهڻي آڪهر ۽ مون موجود آهي. سنڌن اهو پورهيو مال ۽ رومال جي لحاظ کان ڪنهن به طرح ٻئي ڪنهن ادب جي پيٽ ۾ گهٽ ڪونهي.

اسان جو نيئن ٽيهي جو ڪهاڻيڪار نوجوان ساهتڪار ظفر عباسي به ڪنهن تعارف جو محتاج ڪونهي جنهن ادب جي ميدان تي چڱيون وڪون ٺيڙيون آهن ۽ ويجهڙائي ۾ نهايت ٿي پابوهه سان ڪهاڻي جي ڪيتر

۾ پاڻ ملهائي رهيو آهي. سنڌس ڪهاڻين تي هڪ طائراڻه نظر ڊوڙائڻ سان اهو پرو پئجي ويندو ته هو زندگيءَ جي مختلف موضوعن تي پنهنجو قلم ڪڍي ٿو. سنڌس ڪهاڻين جو پنهنجو رنگ ۽ پنهنجو جداگانه مزاج آهي.

اسان جو هي ڪتاب ”سوال ڇهرا جواب ڇهرا“ ٻارهن ڪهاڻين جو مجموعو وڏي فخر سان شايع ڪري رهيا آهيون. جئن ته اسان وٽ نون لکندڙن ۾ اضافو اچي رهيو آهي. ڪيترائي لکندڙ ادب تخليق ڪري پنهنجو نالو ڪيرائي چڪا آهن ۽ ڪيترا اهڙا به ليکڪ آهن. جيڪي يقينن لکڻ جي تيارين ۾ هوندا. انهن سڀني ليکڪن لاءِ مشاهدي سان گڏ و گڏ مطالعي جي به ضرورت آهي. جئن ته دنيا جو سٺو ادب انگريزي زبان ۾ ترجمو ٿيل آهي ۽ اسان وٽ ڪيترا عام پڙهندڙ يا ڪنهن حد تائين لکڻ جا شوقين ڌارين ٻولي هئڻ سبٻان لاڀ پرائي نٿا سگهن. ان ڪري اسان جي اها پڻ ڪوشش رهندي ته انگريزيءَ ۾ ڇپيل معياري مواد جا سنڌي زبان ۾ ترجما شايع ڪريون.

ان ڏس ۾ اسان جا دوست ضرور تعاون ڪندا.

حسب معمول اسان جو ڇپيل هي ڪتاب ڪهاڻين جو مجموعو ٻين ڪتابن وانگر پڙهندڙن ۾ مقبول ويندو ۽ ان جو قدر ڪيو ويندو ته جيئن هيءُ سلسلو اڳتي وڌائي سگهون.

خادم العلم

نور محمد عباسي

سائينم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار
دوست مٺا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين

(شاهه)

سوال چهرا جواب چهرا

منهنجي ذات ڏوهاري

پارڪ جي ڪنهن اداس بئنچ تي ويهي / سيٽ تي ويهي، بس جي لوڏن ۾ / ڪٽ تي ويهي، بستري ڪي ٽيڪ ڏئي / اسٽڊي روم ۾ ڪرسيءَ تي ويهي، ٻئي ڏوٿيون ٽيبل تي رکي، ٻئي هٿ ڪاڏيءَ تي رکي منهنجو هي ڪتاب پڙهندڙ سنگتيوءَ!

اڳي اڳي جي ڳالهه ڪندا آهن ته ڪنهن ديس ۾ هڪڙو نوجوان رهندو هو جنهن جو نالو 'ظفر' هوندو هو. هوش سنڀاليندي ئي هڪ ڏينهن هن ڏٺو ته هڪڙي 'ماڻهوءَ' هڪڙي وڏي نوڪدار سيخ ڪٺي هڪ 'انسان' کي مٿي ڪان جو هڻي ته ٻنهي چنگهن جي وچ مان وڃي نڪتس. پوءِ هن 'ماڻهوءَ' ڇا ڪيو جو ان 'انسان' کي هڪ وڏي تندور ۾ وڌائين ۽ ٿورڙي لمحي هو 'ماڻهو' ان سيخ ٽيل انسان کي وڏا وڏا ٽهڪ ڏئي کائڻ لڳو.

ان ڏهاڙي کان وٺي ظفر روشنيءَ کان ڀڄڻ لڳو ۽ هميشه هميشه لاءِ وڃي اونداهه جي پاتالن ۾ رهڻ لڳو. جتي ٻه ڪا چٽنگ دکندي هئي اهو اتان وٺي ڀوڙندو هو ۽ وري وڃي ٻين اونداهن غارن ۽ چرن ۾ پناهه وٺندو هو. هو اهو ان لاءِ ڪونه ڪندو هو جو هو روشنيءَ کان

ٻچندو هو پر هو اهو سيڪجهه ان لاءِ ڪندو هو، جو جڏهن روشني ٿيندي هئي ته ڪائنات جي هر شئي کيس گهايل نظر ايندي هئي- اتان جا ماڻهو کيس اگهاڙا ڏسڻ ۾ ايندا هئا- سندن جسمن منجهان کيس گند ۽ پوڻ ۽ ٽمندي نظر ايندي هئي- هو ماڻهن جا ڪپڙا پاڻي ٻيٺل گڏهه پسندو هو جيڪي انسانيت جي پيشانيءَ تي بدنما داغ هوندا هئا.

هو چاهيندو هو ته هن انسانن ۾ انسانيت پيدا ٿيڻ گهرجي ۽ هن سموري ڪائنات کي ائين پوتر/پاڪ ڪيو وڃي! جيئن عيسيٰ مسيح ڪيو هو.

هڪ دفعي هن سوچيو ته اهو سيڪجهه مان ڪيان پر وري هو ٻچي ويو- سٽ نه ساري سگهيو- ائين ڪرڻ کان کيس ٻپ ٿيڻ لڳو ته متان ماڻهن جو رت ۽ پوڻ اگهندي اگهندي پاڻ به نه ان روڳي جيون / روڳي معاشري جو روڳي ماڻهو ٿي وڃان ۽ پوءِ عيسيٰ مسيح سمان صليب تي ٽنگجي وڃان.

اهڙي طرح راوي روايت ڪندي ڳالهه کي جاري تو رکي ته پوءِ ظفر ائين ڪندو رهيو. انيڪ يگن تائين اوندهه سان نينهن نڀائيندو رهيو- روشنيءَ سان حقارت ڪندو رهيو- زمانو هلندو رهيو- ماڻهو هلندا رهيا- وقت هلندو رهيو، روشني هلندي رهي- اوندهه هلندي رهي....

پوءِ هڪڙي دفعي ڇا ٿيو جو ٻڙ جي هڪ صديون پراڻي وڻ جي پولار ۾ لڪندي، اتي هن ڪجهه چرپر

محسوس ڪئي- ڀهريائين ته هو ڇرڪجي ويو (ڀنو هرگز ڪونه) ۽ حيران ٿي پڇيائين ،

”ڪير آهين؟“

جواب ڪونه مليو- اونده هئڻ ناتي هن ڪجهه ڏٺو به ڪونه! پر پنن جي ڪڙ ڪڙ جي آواز ٻڌڻ ڪري محسوس ڪيائين ته ڪو اتان ونئي ڀڳو- هن اونده ۾ هڪ ڀرپور ٽهڪ ڏنو ۽ پوءِ ڪلندي چيائين،

”ٻئي اونده جا پوڃاري آهيون- رقيب آهيون- عجيب ڳالهه آهي! هڪ ٻئي کي ختم ڪرڻ بدران هڪ ٻئي کان ٻچي رهيا آهيون- ڀڄي رهيا آهيون!“

۽ پوءِ هن وري هڪ وڏو ٽهڪ ڏنو .

سڪل پنن جي ٽڙڪڻ جو آواز بند ٿي ويو ، هن ٻڌڪيو .

”اونده جو پتنگ به عجيب آهي- اونده جو ڏيئو ڏسي موٽي ٿو!“ ٻيهر ڪيس مخاطب ٿي چوڻ لڳو .

”تون ڪهڙو پتنگ آهين؟ ٻڌاءِ ڪهڙو پتنگ آهين! تون اونده جو! جو اونده جو ڏيئو ڏسي به موٽين ٿو!

هلڪي ٽهڪ کان پوءِ وڏي اڪير ۽ اتساهه منجهان ڪيس چيائين .

”آ- اڄ ته ٻئي اونده جي ڏيئي تي پتنگن جيان جلي ڪامي ۽ پچري وڃون!“

راوي روايت جاري رکندي ٻڌائي ٿو ته پوءِ ٻيهر پنن جا ٽڙڪاٽ ظفر کي ويجها ٿيندا ويا ۽ پوءِ هنن

پنھي ھٿن جي ڏاڦوڙن سان ھڪ ٻئي کي پسي ورتو ۽ پوءِ الاھي سارو وقت ڳالھائيندا رھيا.

۽ اھڙي طرح انھن قاتل ماڻھن منجھان (جيڪي ٻئي جي وجود کي پنھنجي مٿان بار سمجھندي، ھڪ ٻئي کي قتل ڪرڻ ڪان سواءِ ٻيو ڪجھ چاھيندا ئي ڪونه ھئا) ڪيس ھڪ انسان سليو/سائي مليو.

انھيءَ الاھي ساري وقت ڳالھائڻ ۾ ھنن ھڪ ٻئي سان ڪوڙ ساريون ڳالھيون ڪيون. وڏا وڏا بحث مباحثا ڪيا. ھڪ ٻئي کي سمجھايو ۽ سمجھي ورتو ۽ پوءِ ھنن روشنيءَ کي حاصل ڪرڻ جو پڪو پھه ڪيو ۽ اھڙي طرح ھو ھر ھٿ ايندڙ شئي کي ٻئي سان گسائي روشني پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا ۽ ان پيدا ڪيل ٿوري مقدار واري روشنيءَ ۾ ھنن اتان جي لوڪ جي پوٿن تي چڙھيل پوٿاڙن کي سٿون ڏئي لاھڻ شروع ڪيو/ھنن جي اگھاڙن جسمن کي ڍڪڻ شروع ڪيو/ انھن جي عيبن کي سڌارڻ شروع ڪيو/انھن جي جسمن منجھان ٽمندڙ رت ۽ پونءِ کي اگھڻ شروع ڪيو ۽ پوءِ ھنن انھن اونداھن جھنگن کي باھه ڏئي ڇڏي ته جيئن سج ديوتا جي روشنيءَ منجھان فائدو وٺندي پنھنجي مٽي کي پاڻي ڏئي سگھن ۽ پوءِ اھڙي طرح ھنن اونده سان نينھن ٽوڙي اڇي روشنيءَ سان ناتو جوڙيو.

راوي ڏادي ڏک جو اظھار ڪندي روايت جاري رکندي ٻڌائي ٿو ته ...... پر پوءِ ھڪڙي بيرحم صبح

جو انهن ٻنهي جا لاش ڪوئلن جي صورت ۾ لڏا ويا ۽ انهن جي پرسان هڪڙو جوڳي راڳو ڳائي رهيو هو. (پڇڻ تي ٻڌايائين ته رات ڪنوڻ/ روشني ڪري ۽ کين ختم ڪري ڇڏيائين)

ڪالهه ڏٺو سين ته اهو ساڳيو ئي جوڳي گيڙو ويس ۾ وچ شهر واري چوڪ تي وڏي آواز ۾ راڳو ڳائي رهيو هو.

ظفر عباسي

١٩٨٢-١-١

مهاڳ / اڳڀاڙي

سگهاري سوچ مان سرجندڙ ادب قومن جي تقدير کي بدلائڻ لاءِ تدبير جي حيثيت ٿو رکي. ’ادب براءِ زندگي‘ نه رڳو سماجي پر قومي ۽ نظرياتي، انقلابي رخن کي سگهاري هٿي ٿو ڏئي.

ادب ولوڙي جو نانءُ آهي- ادب ڪشمڪش جو نالو آهي- ادب جدوجهد جو نالو آ. ادب زندگيءَ جو نالو آ. ۽ جنهن زندگيءَ ۾ زندگي ناهي هوندي، اها زندگي نانءَ هوندي آ ڪنهن لاش جو! ۽ اهو ادب [ادب براءِ ادب/تفريح] نه رڳو ادب لاءِ پر پوري قوم لاءِ آفيم جي حيثيت ٿو رکي.

سنڌي ادب جي سنڌوءَ مان الاهي وهڪرا نڪري رهيا آهن. پر انهن وهڪرن جو کهڙو ڪارج جيڪي مهاڙيءَ کان نڪري پڇاڙيءَ ۾ اچي ’چڙو‘ چوڙ ڪن. عظيم آهن اهي وهڪرا، جيڪي ڌرتيءَ جي سيني ۾ پاڻي پهچائي آبادي ٿا ڪرائين، پياسي سرڙن جي اسات ٿا لاهين. پوءِ اهڙي ٿي ڪنهن وهڪري ۾ جيڪڏهن ڪا سهڻي ٻڏي ٿي وڃي ته اهو ڏوهه ان وهڪري جو نه پر سهڻيءَ جو آهي، جنهن نه ڏٺو وائڙو/نه سوچيو سمجهيو.

جھرندڙ ڏرتي اهڙا ليڪ چٽيندي آهي، جيڪي پنهنجي قلم سان کيس کيڙين، ترقي پسند ذهن جي سوچ جو ٻج پوکين ۽ ٻڙڇيون/ ڀالا اپائين. جيڪي ظلم جي گهاٽي ۾ پيڙجندڙ اڄ جا ٻلاول، هتي ۾ ڪٽي، نه رڳو 'ظالم کي، ظلم جي وصف سيکارين'. پر سندس ڏاهيل انهن گهاڻن کي به تباهه ڪري ڇڏين جن ۾ اهي پيڙجي رهيا آهن.

آءٌ هتي اهڙي ئي هڪ ليکڪ سان اوهان کي ملائي رهي آهيان، جنهن پيو سڀ ڪجهه ڪري ڇڏيو آ پر هاڻي پڙهندڙن ڏانهن واڇي رهيو آهي ته ڪهڙا ٿا سندس چاهت کي اپنائين.

نمائين نگاهن وارو! قد جو ڊگهو! اصل وڏن ڪان وڏو! سنهڙو سگريٽ جهڙو! اصل هٿ وجهڻ سان ايئن لڳندو چڻ ماس جي سوڙي ئي ڪانه اٿس. بس هڏن جي هڙ لڳندو. گهڻو ڪري سلوار قميص ۾ ڪڏهن ڪڏهن مفلر سان پنهنجي سنهڙي ۽ صراحي دار گردن کي زينت بخشڻ وارو! ڪڏهن ڪنڌياري جي ڪنهن ڪنڊ ۾ ته ڪڏهن ڪنهن ڪنڊ ۾! ڪڏهن صبح جو ته ڪڏهن سانجهيءَ جو! پيرين پيادو! هيٺ ڪنڌ نمائو! پنهنجي سوچن جي ساگر ۾ ٻڏل! شهر جا رستا- گهٽيون- بزارون- ۽ دڪان اتارينڊو نظر ايندو! اهي سڀئي نشانيون اوهان کي نئين ٿهيءَ جي سڃاڻ ليکڪن توڙي شاعرن مان سڀني کان اڳڀرو وڏي آيل ڪهاڻيڪار ۽ شاعر ظفر عباسيءَ سان متعارف ڪرائيندبون.

گهڻا ماڻهو قدرت جي طرفان ڏنل خوبين جا خزانا ۽ شخصيت جا شهه پارا وٺي هن دنيا ۾ جنم وٺندا آهن. هو عزم، همت ۽ حوصلي جي بيپناهه قوتن سان مالامال هوندا آهن. هنن جي همت، عظمت ۽ جرئت هنن جي شخصيت جي تمام شهپارن کي اجاگر ڪندي آهي ۽ سندس شخصيت جو هر هڪ شهپارو ايترو ته روشن ۽ تابناڪ هوندو آهي جو انهن جي شخصيت کي ڏسي اهو فيصلو ڪرڻ ڏکيو ٿي پوندو آهي ته سندن شخصيت جو ڪهڙو شهپارو ٻئي شهپاري تي فوقيت ٿو رکي. ليڪن انهن سڀني خوبين جي باوجود اهي انسان هڪ ٻي خوبي، عجز ۽ انڪساريءَ جي خوبي به رکندا آهن ۽ اها خوبي سندن شخصيت کي وڌيڪ پراثر بڻائي ڇڏيندي آهي.

ظفر جي شخصيت تي جيڪڏهن نظر وجهبي ته سندس مڙني شهپارن مان روشنيءَ جا ڪرڻا چلڪندي نظر ايندا ۽ اهي ئي ڪرڻا هن سنڌ سڀاجهيءَ کي ڪڏهن ڪومل ڪوتائن ۾ ته ڪڏهن ڪورن جذبن جي روپ ۾ ڪهاڻين جي صورت ۾ روشني ۽ رنگت بخشيندا آيا آهن. ظفر ۾ اجان اڳتي به اميد آهي ته سندس اهي ڪرڻا خشڪ شين کي تر ڪندا رهندا.

ذاتي طرح پاڻ نهايت سڀاجهي سڀاءَ وارو ۽ سنجيده قسم جو ماڻهو آهي پر جذباتي ۽ حساس به حد کان وڌيڪ آهي. پاڻ ڇا آهي؟ ۽ ڇو آهي؟ اهو ته اڄ

تاڏين پاڻ ئي سمجهي ناهي سگهيو! ۽ ڪوشش جي باوجود به پنهنجي زندگيءَ کي ڪا معني ڏيڻ چاهيندي به ڪا معني نه ڏيئي سگهيو آهي. دوستيءَ جي معاملي ۾ اصلي نرم- نيازمند ۽ ساڪيءَ جهڙو ،مُڙو- همدردن جو همدرد! هڏ ڏوکين جو هڏ ڏوکي! دشمنن کي سندس مان ڪوبه ڊپ ڊاءُ نه آهي / نه ڪرڻ گهرجي! دوستن کي سندس منجهان گهڻو فاعدو آهي! دوستن جو حلقو تمام وسيع اٿس پر تنهن هوندي به ملي اٿس رڳي پيڙا- پوڳنا ۽ زنده هجڻ ڪارڻ عذاب! پاڻ کي هن وسيع ڪائنات ۾ بلڪل اڪيلو ۽ تنها محسوس ڪندو آهي- ان جو سبب شايد اهو آهي ته سندس دوستن ڪڏهن به سندس کي/سندس طبيعت کي، سمجهڻ جي ڪوشش نه ڪئي آهي ۽ جڏهن ته سندس جي هميشه کان اها تمنا رهي آهي ته مون کي منهنجا سنيار/ هڪجيڏا دوست / مت، سمجهڻ جي ڪوشش ڪن ته مان ڇا آهيان ۽ ڇو آهيان؟! ته جيئن مان پنهنجي زندگيءَ کي ڪا معني ڏيئي سگهان!

ڪلا ڪيتر ۾ ڪيس ننڍڙي وهيءَ کان ئي لکڻ جو روڳ لڳو ۽ سڀ کان پهريائين سنڌي ڪهاڻي لکي ادب جي اڻانگي سفر ۾ پير پاتائين- ۽ پوءِ باقائده طور تي ادب جو بار پنهنجي سنهرن ۽ ڏبرن ڪلهن تي ساهتي پبليڪيشن جي قيام ۽ سندس پهرئين ڪهاڻين

جي مجموعي "گهرا گهرا گهاءُ" سان سال ١٩٧٩ ۾ ڇپيا هئا ۽ پڙهندڙن ۾ ڪافي مقبول ٿيا.
ڪنيائين. ان کان پوءِ سنڌس ٻيو ٻارڙن جي ڪهاڻين
جو مجموعو 'تارا تارن هيٺ' ١٩٨١ ساهت سال جي
سلسلي ۾ پڌرو ٿيو! هيل تائين سترَ کن ڪهاڻيون. ٻه
عدد ناول ۽ مختلف ڪالمن کان سواءِ، ڪافي شاعري
به ڪري چڪو آهي. هي سندس ڪهاڻين جو ٽيون
مجموعو "سوال ڇهرا جواب ڇهرا" اوهان جي هٿن
۾ آهي.

جيتري قدر هي انسان قديم آهي- هي معاشرو- هيءَ
تهذيب، پراڻي آهي، هي ادب، ۽ فن قديم آهي اوتري
قدرڻي ظرافت ۽ لياقت جو فن به قديم آهي. هر دؤر
۾ هر تهذيب ۾ مختلف خيالن- مختلف سوچن، مختلف
ذهنن جي ماڻهن مختلف نمونن سان پنهنجي فن، فڪر
خيالن، سوچن، جذبن ۽ احساسن کي هن دنيا اڳيان ادب
جي ميدان ۾ روشناس ڪرايو آهي. اهڙن فنڪارن ۽
اهڙن مفڪرن جي هر دور ۾ ڪلهه کان وٺي اڄ تائين
۽ اڄ کان وٺي سڀاڻي تائين ضرورت محسوس ڪئي
ويئي آهي ۽ ڪئي ويندي! اهڙن فنڪارن جي فن جو
مقصد هوندو آهي هن سماج ۽ معاشري ۾ برايں، بچڙاين،
ڪمزورين ۽ اوڻاين خلاف آواز اٿارڻ! انهن کي نسورو
ناسور سمجهي هن معاشري جي اڳيان سندن اصليت
ظاهر ڪرڻ! ته جيئن هن معاشري جي اصلاح ٿي

سگهي ۽ هن معاشري جي ماڻهن جي انهن قديم ريتن ۽ رسمن جيڪي هن معاشري کي ڪوريئڙي جي ڄار وانگر چوڌاري ڇمبڙي بيٺيون آهن. انهن جي اصلاح تي سگهي ۽ انهن جي وچان ڄار ڪٽي ماڻهو پاڻ بچائي سگهن.

ظفر جو مقصد بنيادي طور تي تعميري ۽ اصلاحي آهي! هو حق ۽ سچ جي سات سان ظلم ۽ ڏاڍ جي ڏهڪاءَ خلاف هميشه پنهنجي معياري ڪهاڻين ۽ شعرن جي ذريعي، آواز اٿاريندو رهيو آهي ۽ اٿاريندو رهندو. ان سان گڏ پنهنجي ڪهاڻين ۾ پڙهندڙن کي پنهنجي ذاتي تجربن ۽ مشاهدن سان به متعارف ڪرايو اٿس ۽ انهن ۾ پڙهندڙن کي شريڪ ٿيڻ جو پيغام ٿو ڏئي ته جيئن اهي به انهن ۾ شريڪ ٿي پنهنجي لاءِ جيئڻ جي ڪا نئين راهه- ڪو نئون ڏس ڳولي سگهن ۽ هڪ ڪامياب ڪهاڻيڪار جو ڪمال به اهو آهي ته- هو ڪيتري حد تائين پنهنجي احساسن ۽ جذبن سان پنهنجي پڙهندڙ کي متاثر ڪرڻ جو ساهس ٿو رکي؟

ظفر جي هن ڪهاڻين جي مجموعي ۾ اوهان کي زندگيءَ جي ڪيترين ئي ڪمزورين ۽ اوڻاين خلاف ڪاميابين ۽ ڪامرانين جا رخ ملندا! سندس ڪهاڻين جي ڪاميابيءَ جو راز به اهو آهي ته پاڻ هميشه زندگي جي جيئرن جاڳندڙ ڪردارن ۽ حقيقت کي ويجهو کان

ڇهندڙ مسئلن / مونجهارن تي قلم کنيو اٿس. سندس هن مجموعي ۾ به زندگيءَ جي انيڪ ۽ لاتعداد مسئلن ڏانهن ڌيان ڇڪايل آهي! جن کي ختم ڪرڻ سان ئي هن سماج ۾ رهندڙ سپوتن جي بهتري ۽ ڀلائي آهي. بهرحال وڌيڪ اوهان پڙهندڙن جي سمجهه، ڏانءَ، مطالعي، مشاهدي ۽ تجربي تي مدار تو رهي ته ظفر ان ۾ ڪيتري قدر ڪامياب ويو آهي؟!!

رخسانه انجم ميمڻ
گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ڪنڊيارو سنڌ

١٠-٣-١٩٨٢

ڀورو / اڌڀورو جيون

سگريٽ! آخري سهارو، زندگيءَ جو. ڪش مٿان ڪش! ٿانڀائي جو گمان، سگريٽ جي ڇوڏيءَ تي. دونهين جا گول گول دائرا ڏسي پيهي ويو منجهن. ڪو شعر ذهن تي هريس ٿو- ها ڪجهه ان طرح هو ”سگريٽ دکايو هئم تنهنجي ياد وسارڻ ڪارڻ- مگر ظالم دونهين تنهنجي تصوير بنائي ڇڏي.“ ڪنهنجي تصوير بنائي ڇڏي.“ ڪنهنجي تصوير!؟ هو سوچڻ ٿو لڳي پر افسوس ٿو ڪري ته ڪيس ڪابه مس- ڪانه هئي- بس هڪڙو اميج هوس ذهن ۾ ته ڪا سپنن جي شهزادي؟- اهو سوچي وري ٻڇي ٿو وڃي! جي ڪڏهن وري اها! نه ملي سگهي / نه حاصل ڪري سگهان ته؟! مون ۾ ته ايترو ساهس ئي ڪونهي جو وري، اهڙي ڀيڙا ڀوڳي سگهان ان ڪري ڇڏيس ڪٽي. نه نه هوءَ هئڻ گهرجي جنهن لاءِ مان هجان- جيڪا منهنجي لاءِ هجي. زندگيءَ جو ٻيو نالو پيار آهي. پيار! ڪيڏو نه سندر لفظ آ- نه پيار! ڇڏس! سان پيار بنان جيون گذاري دنيا کي ڏيکاريندس ته پيار بن به ماڻهو جي سگهي ٿو جهان ۾.

اوچتو چانهن جي ٻاڙ! ڪير ڪري اڌ رات جو. هون! ماني ڏي ملي ٿي ٿورن سان. هڪ الله جو نالو ۽ ٻيو ماني مکيل! خواهش ته ڏس! امان کي چوان؟- نه ڇڏي نه ڪڏهن موراڳهي گهر مان- ماءُ جي دل آڙي- ڪونه ڪيندي گهر مان! نه ڏيندي چانهن! نه يار ماءُ کي ڪهڙي ڏيان تڪليف پيريءَ ۾! وڃان ٿو هوٽل تان پي ٿو اچان- نه بند ٿي ويون هونديون هوٽلون! گهڙيءَ ڏانهن نگهه! سوا ٻارنهن! سواءِ سمهڻ جي ٻيو ڇا ٿو ڪري سگهجي هن مهل. هون! ٻيٽون به ويون پرڙجي. ڇو پرڙيون؟— مليون جو موٽ ۾ ياچايون. ڪهڙي حجت ياچائن ٿي. عذاب آ زندگي هاڻ ته قسمان! اڳي ٿهڪ ڏيندو هئس وڏي واڪ. ڪڏهن ڪڏهن ته ڏٺي وجهندو هوس مڙسالڪيون گاريون. ڪير هو چوڻ وارو. اديون سي ته ويون هون اڳي ئي پرڙجي. باقي به امان سا ته هٿي پنهنجي پاڻ ۾. هاڻ ته زندگي آ اسان جي جڻ—! کلي نموني وڏي واڪ ڪا ڳالهه به نه ٿي ڪري سگهجي. ڀائر قاتل دوڏن سان نهارن ٿا ڪا غلط سوچ رکيو دل ۾. توبهن.

اف! هيڪلائي! اڪيلائي!! تنهائي!!! سٺي آ، ڀلي آ، چڱي آ، پر نصيب به ته ٿئي نه. گهر ۾ هو عذاب، ڪڏي وڃجي، وڃجي ٿو ٻاهر ته ٻليان نعري بازي ’ڏاڍيم ٿو ٻاس ڪري! ڇڙو جو آهي‘ اهڙا الزام!—

شادي! عذاب آ ڪن لاءِ! تعدي آ ڪن لاءِ ۽ ڪن لاءِ وري.......

اڄ ۾ گهڻو گهڻو اڳ ۾ ڪنڌ هنيو وتندو هو گوڏن ۾! منهن هوندو هوس مونن ۾، بلڪل پٽائي سمان! پر پوءِ جڏهن پڊائين قراني آيت اها ته ’۽ مون ڏنيون اکيون جيئن ڏسو منهنجي قدرت ۽ ساراهيو ان کي.‘ اکيون پوءِ ويس کلي- ڏسڻ شروع ڪيائين ۽ پوءِ جڏهن شروع ڪيائين واجهائڻ ته ماڻهو، چوڻ لڳا ته ڇورو آ وات ڳاڙهو حياءُ ڏي کو نه اٿس ڪنهنجي ننگن جو. چڻ پنهنجون اٿن ٿي ڪونه!

اوڪ جا پڌي طعنا ۽ تنڪا، چاتو هن ته واقعي ڪري ٿو بيهودگي. سيان سندس به ڪنهن ماءُ/پيڻ/زال ڏي نهاري نه لوڪ! ان ڪارڻ بيهر ڪنڌ منهن ۽ اکيون هيٺ. هتي هتي هر ڪنهن هنڌ. مٿين مائٽين به ائين ماڻس چوي.

’اسان جو هي پٽڙو آهي اهڙو جهڙي ڇوڪري. معصوم مڙو. ويچارڙو نه ڪنهن جي ٻن ۾ نه ٽن ۾ ڏاڍو آهي اشراف.‘

اهي ڳالهيون پڌي، ٿئي خوش! ته ٻيلي ٿئي ٿي تعريف، سندس ۽ پوءِ گد گد ٿي، ڪري ڪنڌ اڃان به هيٺ. ڪوڙ عرصي بعد ڪم پيس هڪ چاچي ۾ ته خبر پيس ته ڪهڙو آهي چاچو، چاچي، سوٽ، ماسات!؟ يا جڏهن هر ساڻس ملن ته چها سڏي کين هڪ دفعي

ته ڏاڍو مزو ٿيو. ڇٽي ويو ماميءَ کي 'سوٽ خوش آن!'
۽ ٻئي گهمدي سوٽ کي ماسي! ڏاڍو چيڙايس ماڻهن.
پوءِ سوچ آيس ته پيلي ڪيسٽائين رهندا ٻابو امڙ جيئرا.
هلندو هر ڪوئي، پوڪو اڳي، ڪو پوءِ. ٻار ايندا مٿي
تي سو ڪجهه ته چاڻ سڃاڻ هجي. ان 'ڪاز' کي
اڳيان رکي چيائين ماءُ کي 'هيل مون کي هنن ماڻهن
جي چاڻ سڃاڻ ڪراءِ.' ماڻس ليکي ته ڇورو آهي
ڪريو سو تنهن مهل ته وٺي نٽائي پر پوءِ وري نه وٺي
وٺي ڪيس ماڻهن. هن جو سمجهو ته وڃي ٿو هٿن مان
سو ٻوڙندي وٺي چاچي وٽ چيائين 'ڪل پير ۾ ته
پٽر لڳندا ٿي آهن، تنهن کان سواءِ ڇوڪرو ٻه پنهنجوئي
اٿئي ڪر ڪا قربداري' چاچي ورائيس 'ڪونهي ڪو
اوماَن وٽ عيوض تنهنڪري معافي!'' ماڻس پنهنجي پر
لڳي رهي، وڃي چيائينس ماسس کي 'ادا جهڙا آهيون
تهڙا آهيون تنهنجا آهيون.' پر پاڻس ٻه نه مڃيس، ڇورو
آهي ڪاليجي سو ٿهندو ڇا اڻ پڙهيل سان، جوڙو اهو
ٿهندو جو هوندو هر ڳالهه ۾ يڪسان.' ماڻس ڪو نه
گهٽائي، وٺي ماسس وٽ 'ادي! پيٽون آهيون پاڻ ۾ ماڻتي
۽ قرب ٻه وڌندو آ 'ڏني وٺي' سان، پر پيٽس ٻه چي
'منهنجي ڌيءُ آهي پنهنجي پاءُ لاءِ جڏهن اهو پرڻائيس.'
موٽي آئي پٽڪو ٻڌي. قبلهيءَ جهڙو ٻوٽ ڪري.
ڪوڙ آيس چاچن، مامن، ماسين تي هون معاشرتي
ريتون ٿي پنهنجون! سوٽ ماسات، ڦقات ملي ته واه واه
نه ته.... انهي ڳالهين ته آهن ڏاريا چڱا ڪنواريتا خود

.تن ڪُولهيندا گهوٽيتن کي. سچي بہ! هٿڻ بہ ائين گهرجي.
ن سان واسطو بہ وڏي ٿو ۽ ڪتان ڪتان جا اچي ملن ٿا
ڪتي ڪتي مائٽ! مطلب جا يار پر دنيا ئي مطلب جي آ
ٽ ٿيا تہ چا ٿيو؟ اف! هن ويل ’گهر واري هجي ها
. ملي نہ ها چانهن! ضروري آهي شادي. ڪم ڪار
ڪانسواءِ زندگيءَ جو ساٿي، غم ورهائڻ وارو دوست.
ڇي عمر لاءِ! وڏي ڳالهہ آ. وري قسمان وڏي ڳالهہ
، آهي تہ پنهنجي ملڪيت/ورثي جو وارث بہ شاديءَ
ڪان سواءِ نہ ٿو ٿي سگهي پيدا.

پيا ڪم تہ ٻئي طريقي سان بہ ٿي سگهن ٿا.
سوچ منجهان جند ڇڏائڻ لاءِ ڪنڌ کي جهٽڪو.
نڊ ڪرڻ لاءِ سانباها! سوڙ مٿان ورائي اکيون ٻوٽي
و ڇڏي. پر سوچ نہ ٿي ڇڏيس پيڇو ننڊ ڪٿس ڪوڙين
ڪوهہ پري. سوچي ٿو ٻيهر سوچ تي! چا آهي سوچ؟
چو آهي سوچ؟! وري سوچي ٿو نہ ٻيلي سوچ بنان
ذهن، ذهن نہ! ۽ سوچ کي سوچ/لوچ ڏيڻ ڪارڻ سگريٽ
سٽ! ٽيبل تان کڻي ٿو پاڪيٽ، آخري سگريٽ دکائي
سوچي ٿو تہ هائي چانهن جي ٻاڙ هن مان پوري
ڪيان! پر وري هي بہ آخري آ_ هائي چا ٿيندو_؟!
ننڊ بہ نہ ٿي اچي.

ڪيس پنهنجي حياتي لڳي ٿي چڻ سگريٽ. دکندي
ئي رهي رکڻو. واقعي سگريٽ بہ دکڻ لاءِ ئي تہ ٿيو
آهي پيدا. پر سگريٽ تہ اجهاڻو بہ ويندو آ! چڪجي

پورو تيئڻ کان پوءِ. مان به ته پورو ني چڪو آهيان.
اڇا شايد ڇڪيندڙ کي مزو ڪونه مليو آ مون منجهان.
پر — جاڻي مون ۾ ته ڪو مزو آهي ئي ڪونه! بس
جي پنهنجي، ڪا منزل نه هوندي آ. ذهني ڊائلاگ تي
ڇڪجي ويو — پاڻ سنڀالي جواب ڏنائين پر بين کي
ته منزل تي رسائيندي آ. مون ڪنهن کي منزل تي
رسايو آ؟ نه نه مان بس ڪونه آهيان! مان سگريٽ
به ڪونه آهيان جو سڙي، جلي، دکي پنهنجي دونهين
مان ٻين جا دک دور ڪيان، ۽ پوءِ هو پاسو ورائي
سمهي ٿو پوي.

قومي آرٽسٽ!!؟

قومي شاهراه کان ڪجهه فاصلي تي منهنجو ڪوارٽر آهي - صبح جو آفيس - منجهند کان پوءِ آفيس کان واندو ٿي، آفيس جي پريان واري ننڍڙي هوٽل تان اوڊر ڏي ماني کائي، ڪوارٽر تي ايندو آهيان ته رنگ ۽ برش منهنجو استقبال ڪندا آهن ۽ مان اچي سندن استقبال جي جواب ۾ کين ڪٿي Kiss ڪري، سنڌ جي مانجهين جهانگين، ماڳن، مڪانن، ماڻهن کي اڳياڙيءَ سان شيٽس تي ڏاهيندو آهيان ۽ ٻئي ڏينهن جدا جدا ڪري.

اڄ به معمول مطابق صبح جو اٿي، هٿ منهن ڌوئي ڪانسواءِ ئي هوٽل تي ويس. منهن ڌوئي، ماني کائي بس ٿي مس ڪيم ته آفيس ٽائيم ٿي ويو. هونءَ به صاحب سان ٿوري گهڻي گهرائپ آ ان ڪري دير جي پرواهه ڪانه اٿم پر تڏهن به آفيس آيس. موڊ ڪجهه به ڪرڻ جي اجازت نه ڏني مڙئي آفيس ٽائيم پورو ڪري ڪوارٽر تي آيس. ڪلف ڪولي اندر ٿيس ڪوارٽر جي ساڄي پٽ تي سنڌ جي مانجهين، جهانگين جون تصويرون لڳيون پيون هيون. کاٻي پاسي واري پٽ تي سنڌ جي تاريخي ۽ يادگار ماڳن ۽ مڪانن جي

تصويرن سان جهنجهي پئي آهي. ڊاڪٽر پٽ تي سپوتر جون تصويرون ۽ اڙيون پاڻ منهنجي چترن/اسڪيچ سان سنواريو پيو آ. چوڌاري نظر ڦيرائڻ کان پوءِ ڪٽر ڏانهن نهاريم جيڪي به نظر نه پيون اچن، ٽيبل ۽ ڪرسيون به وانديون ڪونه هيون. ٽيبل ۽ ڪرسيءَ کي ويهڻ لاءِ خالي ڪري اڃان وينس ٿي مس ته دروازو ڪڙڪيو. اٿي دروازو کوليم. سامهون هڪ اجنبي عورت کي ڏسي ڪي قدر حيران ٿيندي ڪانئس پڇيم "اوهان جو مون ڏي ڪو ڪم؟"

"جي— ها!" ساڙهي سنڀاليندي چيائين.

"ڀلا! اچو— اچو اندر! ويهو!" ٻي ڪرسي خالي ڪري کيس آڇيم. مون ڏانهن نهاريندي، ويهي رهي ۽ چوڻ لڳي

"منهنجي اچڻ جي ڪري ضرور ڊسٽرب ٿي هوندي."

"نه— نه اهڙي ڳالهه ڪانهي!"

"ڀلا— ڇا ڪري رهيا هئا اوهان؟" ڪرسيءَ تي ڦري ٿي ويهندي چيائين.

"بس! من جي چوٽ سدائين کان گهلندڙ چوماسي جهونڻ کي دل جذبن جي آڌار تي چٽي رهيو هوس! پيو ڪندس به ڇا؟"

"برو نه ڀانيو ۽ جي مصروف هجو ته مان......"

"نه—نه محترما! توهان ويهو! ويهو! — حال احوال ته ڏيو؟"

”بس لطيف صاحب! اوهان جي تصوير جي نه جيڪا ڪراچيءَ ۾ نمائش تي هئي. اها مون ڏٺي هئي، اتفاقي طرح! ۽ سچي جي وڏاءُ نه سمجهو ته مون کي اوهان جون سموريون پينٽنگس وڻيون هيون.“

”همت افزائيءَ لاءِ ٿئنڪس!“ ڪجهه ٻيو چوڻ چاهيندي به ڪجهه چئي نه سگهيس.

”پلا هڪ پورٽريٽ جو ڪيترو ٺهندا آهيو!؟“ عجيب ڪيفيت منجهان چيائين ”تخليقڪار جي ڪنهن به تخليق ڪو به ملهه نه هوندو آ.“

مطلب؟“ منجهندي پڇيائين.

”مطلب ته يا ته هو پنهنجي تخليق لاءِ لکين رپين کي به ٺڪرائي ڇڏيندو آ ۽ يا ته وري......“ مون اڳتي چوڻ مناسب نه ڄاتو.

”يا ته وري؟....“ تڪڙ ۾ ٿي پڇيائين مان جواب ڏيڻ کان رهي نه سگهيس ۽ ڀيريون دفعو ڪيس ڀرپور اتساهه وچان ڏٺم. او! زبردست! اداس مک سان گهوريندڙ هن جي گهور مون کي گهائي وڌو. ۽ چئي ڏنم.

” يا ته وري صرف هڪ نگاهه، هڪ مرڪ، هڪ نيڻ تي ئي پنهنجون ڪيئي انمول تخليقون ڏئي ڇڏيندو آهي!“

”مون کي پنهنجو ڀور ترين ٺهرائڻو آهي!“

”بندو حاضر آهي.“

پر ڀو قيمت؟!“ گهبرائيندي چيائين.

”جهڙي اوهان کي منظور!“ گهبراهٽ ڏور ڪرڻ لاءِ مون چيو.

”مون کي ته ٻئي قبول آهن!“ ڪي قدر مرڪي چيائين -

”ته پو جڏهن چئو -!“

”پو مان سپائي تيار ٿي اينديس هن ٽائيم تي- ٺيڪ !؟“

”ڀلي ڀلي! ترسو ته چانهه ته پيئون!“

”نه نه! في الحال نه! چانهه پڻ پئي! ڪو نڪو آ ڇا؟-“

”- ڇڱو الله واهي!!“ ڪرسيءَ تان اٿندي چيائين.

”الله واهي!“ در تائين ليو ڪرڻ کان پو چيم ۽ موٽي اچي سگريٽ دکايم.

”مرڪ چار ڪي گلن جي ساگر ۾ اچل ته مان ٺاهڻ لڳا!“ مون هارڊ بورڊ تي رف ورڪ کان پو فيچرس ٺاهيندي ڪيس چيو. هن مسڪرايو- ديد ڪئميرا ان مرڪ کي نه قبوليو- مون ٻيهر ڪيس چيو.

”دل جي ڌڙڪن کي گلن تي اچلي، من مندر منجهان مرڪ مون کي پساءِ!“ هوءَ ٻيهر مسڪرائي ٿي. سندس گلن منجهان خوشيءَ ريکائون، اپرن ٿيون. منهنجو هٿ آٽو مئٽڪلي هلڻ ٿو لڳي. ۽ --- ۽ جهٽ ۾ ٺي پورٽريٽ ٺهي پيو. هن اٿي اچي پنهنجو پورٽريٽ ڏٺو - منهن پاونائن ٻڌايو ته ڪيس پسند آيو. مون برش ڌوئندي ڏيس چيو.

”اوهان سياڻي هي ڪٿي ويڃجو!“

”اڄ ڇو نه؟“ من جي آنڌمانڌ منجهان جان ڇڏائيندي ڇٽي ويئي.“

”ڪجهه ڪم اڃان رهيل آ، جيڪو مان رات مڪمل ڪري ڇڏيندس.“

”پلي سياڻي پر قيمت!“

”قيمت طئي ٿي چڪي آهي محترما!“ مون آهستگيءَ سان چيو.

”اوهان مون کي ’محترما‘ بدران ’تبسم‘ جي نالي سان مخاطب ٿيو ته بهتر!“

دل ۾ ڪتڪتائي نڪتي ۽ نماڻائيءَ منجهان چيم

”ها ته تبسم صاحبه! هي نه جيڪو مون سان ڳالهايو اٿو، اهوئي ڪوڙ آ.“

”اوهان مون سان واحد ۾ مخاطب ٿيو ته بهتر!“

”اوهان جو مقصد؟“ مون ڳالهه سمجهندي به ڪانئس پڇيو.

”اسان جو واحد ۾ هڪ ٻئي سان خطاب، اسان جي وچ ۾ محبت جا پيچ مضبوط ڪندو!“

”تبسم! فنڪار جي محبت پنهنجي فن کان سواءِ پيو ڪنهن سان به نه هوندي آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته زماني جون ڪڏيون گهڙيون گذارڻ لاءِ هو عارضي محبت جون ڳالهيون ڪري وٺندو آهي.“

”پر لطيف! ڏس! منهنجي دل نہ رنجاءِ! زندگيءَ ۾ پهريون ئي دفعو تہ مون توکي چاهيو آ- جيڪڏهن تون نہ جواب ڏنو تہ منهنجي دل پرزا پرزا ٿي ويندي ۽ پوءِ......“

بس! بس!! بس!!! جيڪڏهن ائين آ تہ پوءِ ٺيڪ! مون وري سمجهو هو تہ تو منهنجي دل خوش ڪرڻ لاءِ پيار جي آفر ڪئي آ پر هاڻي مون سمجهيو تہ تون واقعي مون سان دلي طور تي پيار ٿي ڪرين.“ جي ائين آ تہ پو ٺيڪ!

”مان ڪهڙي طرح توکي يقين ڏياريان! بس قسم آ مون کي پنهنجي پياري ۾ پياري آئيڊيل جو تہ مان توکي چاهيان ٿي!“

”اڙي چري! تنهنجو تہ ائين چوڻ ئي قسم برابر هو.“

”خير! هاڻي مان کي دير ٿي ٿئي- هلان ٿي وري سپاٽي اينديس تون ان کي مڪمل ڪري ڇڏجان- چڱو باءِ باءِ!“

’باءِ باءِ‘ چئي موٽي- اچي وري سگريٽ دکايم.“

ٻئي ڏينهن ساڳي ٽائيم تي آئي؟ رات ڌي پرفتن جي ٻن پاڪيٽن جلائڻ عيوض هڪ تہ سندس پورٽريٽ مڪمل ڪري ڇڏيم ۽ ٻيو تہ بنان سوچڻ جي ٺاهي ويو هئس ٻيو بہ پورٽريٽ! بلڪل اهڙو سيمنٽ سيم پنهنجي ڪارڻ. ۽ اهو لڪائي رکيم پنهنجي ڪپ بورڊ جي

بلڪل هيئين خاني جي به ٽري پرا رسمي ڳالهه ٻولهه
ڪان پوءِ پاڻهي مون وڏي انساهه منجهان ڪيس هڪڙو
پورٽريٽ پيش ڪيو، جو هن وڏي انس ۽ اڪير سان
ورتو ۽ منهنجي فن جي ساراهه ڪرڻ لڳي. وچڻ ڪان
اڳ ۾ مرڪندي چيائين.

”دل ته هن پورٽريٽ جي قيمت چڪائڻ لاءِ گهڻو ئي
ٿي چاهي پر مون وٽ رکيو ئي ڇا آهي جو توکي
ڏيان؟ بس هڪ دل ئي هئي جا نذرانو ته اڳ ئي ڏئي
چڪي آهيان!“

”ايتري قيمت ملي آ اچان ڦاهي گهرجي ڇا؟“
دل جي اٿاهه گهراين جي پاتالن سان واڪا ڪندي
مون چيو.

”ائين نه سمجهجهو ته سان رکو پورٽريٽ ٺهرائڻ
لاءِ ئي توهان کي محبت جو دولاب ڏنو هو ۽ هاڻي
ڪم لهڻ ڪان پوءِ ڊڪڻ کي وساري ڇڏينديس. سان
ڪوشش ڪنديس توهان وٽ اچڻ جي!“ ائين چئي
هوءَ هلي وئي مان در تائين ڪيس ڇڏي موٽي اچي
سگريٽ دکايم.

پوءِ هوءَ هر روز ايندي، منهنجا نوان پورٽريٽ، چٽر،
۽ ٻيون پينٽنگس ڏسندي هئي، منهنجي محنت کي ساراهي
منهنجو ٿڪ لاهي ڇڏيندي هئي. ۽ ڪيس کي رخصت
ڪرڻ پوءِ اچي سگريٽ دکائيندو هوس.

هن جي اڇڻ جي ڪري مون کي پڻ نوان نوان تخيل ملندا هئا. جن جي اپٽار ڪري آءٌ پنهنجو ٽائيم پاس ڪندو هوس. ڪجهه وقت بعد اسان ڪوارٽر جي ماحول کان ٻاهر نڪتاسين ۽ نويڪلين جاين تي وڃي سائنس انيڪ موضوعن تي بحث مباحثو ڪندو هئس. مونٽو کان اڳ به ڪوپ چانهه جا پيئندا هئاسين جنهن جو بل اڪثر پاڻ پريندي هئي. ڪافي ڏهاڙن کان پوءِ هوءَ مون سان اچان ويجهو ٿي ۽ پو هڪ ڏهاڙي چيائين-

’جڏهن تنهنجو جيون منهنجي لاءِ ۽ منهنجو جيون تنهنجي ڪارڻ ته پوءِ اسان جون شيون اڃان به ورهايل ڇو؟ مون کي جيڪڏهن تنهنجو ڪو اسڪيچ، پورٽريٽ يا سين وٺي نه تو کان اجازت وٺڻ سٺي ڪانه ٿي لڳي ۽ سمجهان ٿي ته ستان تون سوچين ته هن مون سان واسطو ئي ان ڪارڻ رکيو هو.‘

’منهنجي ته هر شي تنهنجي لاءِ آ- ڪير ٿو چوي ته تون وٺ اجازت! اڙي چري! ڪا شي پسند اچئي ٻنان پڇي کڻي ويندي ڪر!‘ مون خلوص دليءَ سان کيس چيو.

پوءِ جڏهن به منهنجون ڪي پينٽنگس کيس وڻنديون هيون کڻي ويندي هئي—— هڪ ڏينهن هوءَ آئي مان ڪجهه ناهي رهيو هوس- هن منهنجي تخليق کي ڏسندي چيو -

’اڄ ٻاهر نه هلبو ڇا؟،

’نه اڄ موڊ ناهي!‘ مون برش هلائيندي، ڏانهنس اڻ ڏٺي ئي ڇيو– هوءَ اٿي وڃي ڪليل ڪٻٽ ۾ رکيل تخليقون ڏسڻ لڳي مان پنهنجي ڪم ۾ مگن لڳو رهيس. ڪجهه وقت ڪان پوءِ هن چيو.

’اڄ سميءَ جي طبيعت ڪجهه ٺيڪ ناهي، گهر جو سمورو ڪم رهيو پيو آ، مون سوچيو مٿان نه وڃان نه دل ۾ ڪري!‘

’پوءِ تون پلي وڃ!‘ گهرو ڪم ڪار ڪرا ماڻ هي پورو ڪري وٺان! وري سپاڻي!‘ مون وري به ڏانهنس ڪونه ڏٺو.

’چڱو باءِ! سپاڻي ڪم!‘ چئي وڃڻ لڳي. مان اڌان ڪونه اٿيس سگريٽ به ڪونه دکايم. پر الائي ڇو نظر ڪجي وٺي ڪجهه شيٽس تي ٺهيل اسڪيچز سان گڏ هڪ پورٽريٽ وارو هارڊ بورڊ به نظر نه آيو— من ۾ مونجهه پيدا ٿي، دماغ کي ڌڪ لڳو! اهڙو ڌڪ جنهن مون کي سين مڪمل ڪرڻ ڪان سواءِ ئي اٿڻ تي مجبور ڪيو. مان ڏٺو ته ڪٻٽ ۾ ٻن ڪيترن ئي اسڪيچز ڪان سواءِ اهو پورٽريٽ به نظر ڪونه آيو– جنهن سهاري آءٌ جئي رهيو هوس. سڄو ڪٻٽ اٿلائي پٿلائي ڇڏيس پر ڪجهه ڪين وريو. دل کي ڏڍ ڏنم نه سپاڻي ايندي ته ڪائنس وٺندس. ٻيو ڏينهن ٿيو– هوءَ ڪونه آئي– ٽيون ڏينهن– چوٿون– پنجون– ڇهون– ستون— هفتو– مهينو– ٻماهي– ڇماهي– سال– ٻه سال— ڏهه سال ۽ پوءِ مون ڳڻڻ ڇڏي

ڏنو. ۽ اها جا اڌ ۾ ۾ سين چڙي سا به پوري ڪونه
ڪري سگهيس.

جاڻي منهنجو گهڻو دوست هو هڪ ڏهاڙي، وڪوڙيل اخبار [جيڪا گهڻو ڪري آفيس مان يا هوٽل مان ڪندو آهي] هٿ ۾ ڪنيو اچي ڪوارٽر تي پهتو. اخبار سان ٽيبل تي ڌڪ هڻندي چيو.

”تون به آرٽسٽ آهين! پاڻ کي الائي ڇاٽو سمجهين! منهنجي هڪ گرل فرينڊ آ. سياڻي سنڌس تصويرن جي نمائش آهي لاهور ۾. ۽ P.I.A جون ٽڪيٽون موڪليون اٿس سياڻ هل ته هلون!“

ٻئي ڏينهن اسان آفيس مان موڪل وٺي اچي لاهور رهياسين. ڪجهه وقت چڪر چاڙهيءَ کان پوءِ پنجين ڏاري اسان اچي نمائش واري جڳهه تي رسياسين. نمائش جو افتتاح هڪڙي ’صاحب لوڪ‘ کان ڪرايو ويو. اسان اندر ٿي تصويرون ڏسڻ لڳاسين. تصويرون ڏسي چرڪجي ويس. مون غور سان ڏٺو ته انهن تصويرن مان پڪارون اچي رهيون هيون. لڳو پئي اهي تصويرون چئو سڏي رهيون هجن. پڪاري رهيون هجن. ۽ چئي رهيون هجن ته ’تو هي ڇا ڪيو؟ برندڙ ڪوري ۾ اڇلائي ڇڏيئه؟ مان ڪنن ۾ آڱريون وجهي تصويرون ڏٺيون ۽ پو اچي ان هال ۾ ويهاسين جتي آرٽسٽ جي فن تي ڳالهايو پيو وڃي.

پهرياڻين ڳهڻ ٿي سڀن آرٽسٽس سنڌس فن کي ساراهيو ۽ ’صاحب لوڪ‘ کان گهر ڪئي نه ’هن آرٽسٽ‘ کي

ملڪ جي قومي آرٽسٽ وارو خطاب ڏنو ويو. تمام گهڻن خوشامدڙين جي ساراه جا ڍڪ پرڻ کان پوءِ صاحب لوڪ مائيڪ تي آيو ۽ تقرير ڪرڻ شروع ڪيائين.

'...... هيءَ خاتون عام رواجي عورتن وانگر هڪ عورت هئي. ڪنهن کي ڪهڙي خبر ته هيءَ اهو جهڙ عورت اهڙي فنڪار ٿي، ايترو مشهور ٿي سگهي ٿي جو ٿوري عرصي ۾ ملڪ جي سمورن آرٽسٽن کان گوءِ کٽي ويندي. مان سندس فن کان سندس محبتا کان متاثر ٿي کيس ملڪ جو "قومي آرٽسٽ" وارو لقب کيس پيش ڪندي فخر ڏو محسوس ڪيان. ۽ جلد ئي کيس سڄي دنيا جي سرڪاري خرچ تي دوري تي پڻ موڪليو ويندو. جتي هر ملڪ ۾ سندس تصويرن جي نمائش ڪرائي ويندي. ۽ کيس هر سهولت سان نوازيو ويندو!'

صاحب لوڪ جي ان جوشيلي تقرير تي سموري هال ۾ تاڙين جو ٺاڪوڙو مچي ويو. مون به تاڙيون وڄايون ڏاڍيان! تمام ڏاڍيان!! منهنجي تاڙين پوري هال کي ڪٽي مٿي کنيو ——.

مڱڻ جو سبب

سومهڻيءَ جي آذان هنجي ڪنن ۾ اهو پڙهو ڏنو ته هاڻي هو جنهن ڪم سان آيو هو سو ڪين ٿيندو ۽ پڻ هاڻي هتان ڪا سواري به ڪانه ملندي جيڪ کيس ڳوٺ رسائي، ان ڪارڻ هن سوچيو ته ڪيئن به رات هتي گذارڻي پوندي. اذان جي آواز کي الهامي آواز سمجهي، رات رهڻ جي باري ۾ سوچڻ لڳو. ساڄو هٿ ڪڻي نرڙ کي ڇهندي هٽي، وارن کي هٿ سان پوئتي ڪري اکيون مٿي ڪيائين، سامهون هڪ دڪان جي بورڊ تي نظر پيس. ڊگهي ۽ ميڊل جي سگريٽن جي اشتهار کيس محسوس ڪرايو ته سندس ذهن ۾ ته سگريٽن جو تماڪ ٿي پريل آهي. هن بورڊ ڏانهن غور سان ڏٺو هيٺان کيس لکيل نظر آيو ”پرمانند بيڙي فروش“. جهڙي روشنيءَ ۾ ٽمڪندڙ اهو نالو کيس لڳو ڄڻ اڄوڪي رات جي تقدير ۾ سندس روشن نالو! هن کي پلڪ سوچيو— سوچڻ سان گڏ کي قدر لوچيو ۽ پو هو پرپور اعتماد سان اڳتي وڌيو ۽ دڪان تي اچي رام رام ڪئي. رام رام چوندي دڪاندار تسي ڏٺي کيس ويهڻ جي صلاح ڪئي. چاهيندي به هو ويهي نه سگهيو ۽ کيس چيائين-

”ادا ڌرم شالا جو ڪو ڏس پتو؟“

”پرديسي پيا ڏسجو! يار! ويهو- ڇانهن پاڻي ته بيٺو- ڏرم شالا به ويجهي ئي آهي.

”ڇانهن توهان ڇٿي مون پيتي! هاڻي قرب پڇيو نه رکو ڏس ڏيو ته مهرباني! هڪڙو ٽڪڙو ڪم آهي!“

”يار! پرديسي ائين ته ڪونه ڪندا آهن پر وري به تنهنجي مرضي- ڇوڪر ڳڏي تو ڏيانه.“ ائين ڇٿي دڪاندار کيس ڇيو.

ڇوڪرو توکي ڏرم شالا پهچائي تو اچي پر موٽندي ويل ڏ. ايندي ته ڀڳوان نه بخشيندئي!“

”ڪوشش ڪندس! چڱو ڀڳوان نگهبان!“ چوندي، هن کائنس موڪلايو.

ڇوڪرو کيس ڏرم شالا جي در وٽ ڇڏي، هليو ويو- در ٽپي اندر ٿيو. اندر عمارت کيس ٻن حصن ۾ ورهايل نظر آئي. ڪابي پاسي وڏيو ته ڏٺائين ته اها گائين شالا هئي. هيڏي هوڏي ڏٺائين، شيواداريءَ جي نظرن کان بچي ويو ته پيتا به بچي پيس. پوئتي مڙي ساڄي پاسي وڏيو- اها هئي ڏرم شالا. اتي پنجويهه ٽيهه ديوان ويٺا هئا. هو اتي نهيل سينگاريل ٽلهي تي پيل گرنٿ صاحب آڏو چند سڪا پيٽا طور پيٽيءَ ۾ وجهي، مٿو ٽيڪي، وڃي ويٺل ديوانن جي پرسان ويٺو. مٿوڍڪيل، ڪنڌ هيٺ ڪيو ويٺو رهيو. پاڻوگرنٿ صاحب پڙهندو رهيو. چند گهڙين کان پوءِ آرتي آئي جنهن ۾ رکيل ڏيئي ۾

گيهه وڏو ويو ۽ ان ۾ پنجن ٽي وٽن کي ٻاريو ويو. هڪ شيواداريءَ اهو ڏيئو کنيو ۽ گرنٿ صاحب مٿان ڦيرائي آرتي ڪندو رهيو. ۲۰، ۲۵ منٽ آرتيءَ دوران هو ٻه ٽين ديوانن سان ڪئي ڀڄائي پڙهيان، خاموش جهڪايل نظرن سان، بيٺو رهيو. آرتي پوري ٿي، سمورن جي ويهڻ کان پوءِ گرنٿ صاحب کي سلايو ويو. ڀائي جي اٿڻ سان ٻيهر سمورا ٿي پيا. ارداس بعد آرتي سڀ ڪان پهريان چند کي ڏيکاري وئي پوءِ ڌرم شالا جي پتين تي نهيل مورتن کي ڏيکاري وئي. ۽ آخر ۾ سڀني ديوانن ڏانهن آندي وئي. جنهن ۾ ويٺلن وٽ آهر پيٺا رکي.

هڪي شيواداريءَ سلايل گرنٿ صاحب کنيو ۽ ڪٺي پينگهي ۾ رکيو جنهن کي هو سيٺي، آڳرين سان جهولائيندا ۽ پڙ لولي ڳائيندا رهيا. لوليءَ پڇاڙان هڪ ديوان ڪيس ڇيو

”پرديسي آهيو ته ڪا ڳالهه ڪانهي لولي ته گرو نانڪ بابا جي آهي“. اڄ ڇو پيا ڪريو؟“

ڏاڍو لڇي ٿيو ان تي- ! هوڏانهن شيواداريءَ سيسا ورهائڻ شروع ڪيا. هر ڪنهن کي ڏيڻ ويل ڇئي رهيو هو ستنام. موت ۾ هڙ ٻ. ستنام ڇئي وڏي رهيا هئا. ڪنهن مهل واهه گرو به ڇئي رهيا. هن کي سيسا ڏيڻ ويل شيواداريءَ ڇيو-

”بول گرونانڪ ڪي جئه!“

موت به ساڳي ڏڻي هن سيسا ورتا.

سيسا ورهائڻ کان پوءِ هو وري سيئي پنهنجي گهرن ڏانهن وڃڻ لڳا. جڏهن هوءَ ٽري ته ڀاڻي اچي هنجي پر ورتي ۽ حال احوال وٺڻ شروع ڪيائينس.

”ابا! ڪير جوان آن؟- ناني ڇا اٿي؟ ڪنهن جو نينگر ن؟ ڪٿي رهندو آن؟“. ڀاڻي جي تکڙن سوالن جا جواب هورڀان هوريان کيتون ڏئي ڏيڻ لڳو.

”نانءُ لالچند، پتا جو نانءُ مولچند ۽ ويٺو ڪنڊڪوٽ ۾ آهيان! ڪاڪا!“

”ذات؟!“

”لالوائي!“

”۽ پاڙو؟!“

”ڏوبين جو پاڙو!“

ڀاڻي کان ٺهڪ نڪري ويو— هو ڪجهه شڪي ٿي ويو ۽ شرمائيندي چوائينس-

”ڪاڪا! ننڍي هوندي کان پتاجي ديهانت ڪارڻ وڃي ڏ نڌي ڏاڙيءَ سان لڳم. ان ڪري ايتري ڄاڻ ڪانه اٿم.“

” ابا! پاڙو ڇمبو آ، پنهنجي امڙ جي ڳوٺ جي ڏرم شاله جي مکيءَ جي نالي ڪي!“

”چاچا ايتري پڪ ڪانه اٿم باقي شايد پيڪواند اس اٿس نانءُ!“

ڪاڪي ڪيس مٿي تي هٿ رکي سمجهائيندي چيو.

”شادي شده آهين؟“

”نه! ڪاڪا!“

”پاڻر گهڻا آهيو؟“
”پنج ڪاڪا!“
”گهڻن جي شادي ٿيل آ؟“
”ٻن جي ڪاڪا!“
”ڪٿان ڪٿان پرڻيل آهن؟“
”وڏو دادوءَ مان سيٺ ميوا رام وٺان ۽ ان کان ننڍو سکر مان، سيٺ هوتچند وٺان!“
”اڙي پٽ پو ته تون پنهنجو نڪري پئين!“
”ڪيئن ڪاڪا؟“
”هوتچند اهو نه جنهن جي ڪپڙي واري فيڪٽري آ“
”ها! ها! ڪا!“
”پو ته بابا پنهنجو آن! پهلا تعليم ڪيتري اٿئي ۽ هاڻي ڇا ڪندو آهين.“
”ڪاڪا انٽر سائنس آهيان ۽ هاڻي جنرل اسٽور آهي، ڪنڌڪوٽ ۾!“
”پهلا ڪڏهن ايڏانهن اچان ته سڃاڻندين ته صحيح نه؟“
”ڪيئن نه ڪاڪا!“

حالن حوالن ۾ گهر ٿي وڃڻ کان پوءِ اوچتو ڪاڪي جي نظر گهڙيال تي وڃي پئي ۱۱ ٿي رهيا هئا- ڪاڪو جهٽ ۾ اٿيو ۽ روتي ۽ بسترو کٽي آيو. ماني کائيندي به ڪاڪو حالن احوالن ۾ ساڻس لڳو رهيو- شاديءَ لاءِ به ڇيائينس پر مهلت ورتائينس. اڃا ماني کائي بس ٿي مس ڪئي هئائين ته هڪ ديوان اندر آيو. پيتار ڪي، مٿو ڏيکي جيئن ٿي ڪنڌ مٿي ڪيائين ته رڙ نڪري ويس.

”اڙي ولڙ ڪلهوڙا! تون هتي ڪيئن؟“

هو سن ڪاٽي ويو ڇاهيائين ته ڪيس ٻڌائي ته ميست ۾ اُن ڪري نه ويس جو اُتي ماڻي ته نه پر بسترو به نه ٿا ڏين. رهندو ڪيڏي مان ٽپڙ لاڙي به ڪڏي ٿا وڃن ملا! هرڪس ۾ اُن ڪري نه ويس جو اُتي پئسا ڪو نه هئا. اُن ڪري ٿي هيڏي هليو آيس! پر هو ڪو جواب ڏئي نه سگهيس. هن پنهنجي اُن ڪوڏائي ديوان جي اکين ۾ ڏٺو جنهن جي اکين جي ماڻڪين ۾ ڪيس سوال جي نشاني نظر آئي- هن اکيون اوڏانهن ڦٽائي ڇائي ڏانهن ڏٺو- اُن جي اکين جي ماڻڪين ۾ ڪيس سيت ڏسڻ ۾ آئي—

آزاديءَ کان قيد ڀلو

"ايڏانهن نه وڃ، گهڻا ڪتا خطري جو نشان اٿئي پياري!" جهرڪ کڏ ڏئي گذري ھي ول جي هڪ ٽاريءَ تي ويهندي جهرڪيءَ کي چيو.

ڪاري جي پاسران ڏي ڀڄ-ٽي ڪتا چڱان، ڀلا ٻک ۾ ته ڪجهه ڪرڻ تي مجبور ٿي ڪري نه!" جهرڪيءَ ڪٺو چڱندي چيو.

"ٻک لهي ٿي سگهي، جان ڦاٿي نه ڇٽي ڪونه ٿي سگهي ڇري!" جهرڪ سمجهائيندي چيس.

"جان نه سڀ ڪنهن کي پياري آ."

"تڏهن ته احتياط ضروري آ منهنجي جان!" جهرڪ چيو.

"اندي ڪانه آهيان- احتياط ڪرڻان پئي- ڪاري جي اوسي پاسي کان ڏي ڪوڙ ڪتا پيا آهن. هلي آ تون به اچي کاءُ! جهرڪيءَ چيو.

"آهي نه ڪوهه وانگر شڪاريءَ جو گهر ڪولهڻو، پر تون ڇٽين، ماڻ نه اچان!" جهرڪ ول ۾ چڪ وجهي ٿيءَ نڪي، ان کي ڪترينهدي چيو ۽ ٽپ ڏئي اچي ڪاري جي پرسان ويٺو.

ڪجھ گهڙيءَ تائين هو چڳندا رهيا، ٻامريان ڪٽا ٻورا ٿي ويا، پر هنن جو پيٽ اڃان پورو پُر ڪونه ٿيو هو ته جهرڪ چيو:

”اڃي هل ته هلي ڪو ٻيو چرو ڳولهيون.“

”هيڏي هوڏي ڏس! ڪو ٻيو بشر نظر اچئي ٿو. اڃايو ٿيو وهم گمان ڪرين - خبر اٿئي ته هي اٿئي دور آ، هتي وهم گمان بري بلڪ حرام ٿي ڳالهه سمجهي ويندي آهي. اسان به ڄاڻندا آهن ڇا؟ جهرڪين قاسائي جي لاءِ، جو ڪارا اڏيون ويٺا انتظار ڪندا. هو چاهين ته سيڪنڊ ۾ سڄي دنيا تباهه ڪري سگهن ٿا، اسان کي ڪو نه قاسائي سگهندا.“ جهرڪيءَ طويل سمجهاڻي ڏيندي جهرڪ کي چيو.

”قاسائي ته سگهن ٿا پر........“ جهرڪ سوچيندي چيو ”هل يلا.... پر پو متان هٿ نه مهڻا پون.“

”توکي ٿوري ٿي چوان ته ڪٿي اچي وات ۾ وجهه! مان پنهنجو خيال پاڻهي ڪنديس!“ جهرڪيءَ طعنو ڏيندي جهرڪ کي چيو.

”ترس! مان ڏسان ته ڪارو فريبي ته ڪونهي.“ جهرڪ چيو.

”مان پاڻهي ٿي ڏسان!“ چوندي جهرڪي ٽپ ڏئي ڪاري ٿي چڙهي ويٺي ته متان ڪارو ڪري، پر ڪارو ڪونه ڪريو، ٻه ٽي ٽينگ ٽپا ڏنائين، پر پوءِ به ڪجهه نه وريو. ته ڪاري کي اڪائيندڙ ٽوليءَ کي پرن جو

'ٽيڙو' ڏٺي ڏک ٿيو، ته به نه ڪرڻ ڏان پوءِ ڪنس يقين ٿي ويو ته ڪارو ماڪن آ، اصل ڪو ن آئي.

هن ڪاري جي وٽ وڃان ڏاڍو ٿي آپ ڏٺي پوئتي وڃي پئي ڪاڏوهه هاڻي جهرڪ به اڏڻ جهڙو لڳو هو. ڪجهه ڪڻن ڪاڻ ڪان پوءِ جڏهن ماحول ۾ ڪا به ڦير گهير ڪونه نظر آيس. تڏهن ڪين پڪ ٿي وئي ته 'هيءُ ڦيري جي ڪا ڳالهه ڪانهي.' هاڻي پنهنجي اڳڻي وڏڻ شروع ڪيو. ۽ ٻاري اندران ڪاڻ لڳا. اوچتو ڪاري سان اڪيل تمليءَ ۾ بدل سنهڙيءَ ڏور ڪي ڇڪ آئي، تيليءَ ڪاري کي اڏ ۾ سهارو ڏيڻ ڇڏي ڏنو ۽ ڪارو اچي زمين سان مليو.

جهرڪ ۽ جهرڪ ڇرڪجي ويا ۽ واڙا ٿي، هڪ ٻئي ڏانهن نهارڻ لڳا. مايوسيءَ وچان هيڏانهن هوڏانهن پڇڻ جي ڪا واهه ڳولهڻ لڳا. پر نراسائي سندن مقدر بنجي چڪي هئي. ڪالهه آن جا به ڪي ڪٽا ڪاڻ به وسري ويا- جن جي باقي ڪجهه ۾ قلت هئي.

جهرڪ همت ڪندي جهرڪيءَ کي چيو:

"آيس ته مان تنهنجي ڪري، پر پوءِ به چڱو، جو آهيون ته گڏ! توکي ڪٿائين، خدا نه ڪري، پر جي ته مان به قربان توتان!"

"هيڙيءَ ويل به توکن ڪان نتو مڙين!" جهرڪيءَ رونهارڪي ٿي چيو.

"تنهنجو عقل آ سيبتي، نه ته اچي ها هيڙي ويل!"

”آهي تہ صحيح! پر هاڻي ڇا ٿيندو!“ امان ۽ بابي کي ڪير ٻڌائيندو!؟“

”اڄهوڪي مٿينءَ! ساڻهين پٺهين کي ٻڌائي ڇا ڪبو؟“

”ائين نہ چئہ! واڻي تہ ڪا سٺائي وار.“

”الله بچاوئي! باقي وايون سڀ سڌيون ٿئي!“

ٻئي ٿپڪين، ڪڏڪين ساڻ گڏ سسڪا ڦسڪا ڀري رهيا هئا. اوچتو هڪ پاسي کان ڪارو مٿي ٿيو. ٻنهي هڪ ٻئي پوياڻ اوڏانهن ڇال ڏنو ٻئي لمحي هو ڪپڙي جي ان ڳوٿريءَ ۾ ڦاسي چڪا هئا.

ٿلهي ڪپڙي جي ان ڳوٿريءَ ۾ هنن جو ساهہ گهٽجڻ لڳو. ٿپڪيون، ڪڏڪيون وسري وين، سسڪا ڦسڪا الائي ڪيڏانهن هليا ويا. هاڻي هو ٻنهي جي بدقسمتيءَ تي روئندي موت جو انتظار ڪرڻ لڳا.

انساني هٿ ڳوٿريءَ ۾ داخل ٿيو ۽ جهرڪ ۽ جهرڪيءَ جي ڇنگهن کان وٺي ٻاهر ڪڍيائين. هاڻي هو انسان جي هٿ ۾ هوندي، موت جو انتظار ڪندي، بچاءَ جون التجائون وري خدا کان گهري رهيا هئا.

انسان خلاف توقع هنن کي ڦريائين گلابڙي رنگ ڏنو ۽ پوءِ اڇي ڪين سهڻي پڃري ۾ بند ڪيو ۽ هرويلي تي ڪين سٺو سٺو کاڌو کارائيندو رهيو. جهرڪ ۽ جهرڪيءَ ان انسان جو جائزو وٺڻ شروع ڪيو. هن ڏٺو تہ:

اهو انسان هيڏي ساري جڳهہ ۾ اڪيلو رهندو هو. تنهائي کيس ڏاڍي پڙپائيندي هئي. ۽ پوءِ هو اتي ايندو

هو. اڌ رات تائين هنن وٽ ويهي، هنن سان دل وند ائيندو هو. هنن کيس ڪڏهن ڪڏهن اونڌي منهن ڪٽ تي ڪرندي پڻي رنندي به ڏٺو هو.

”اسان کي ته موت جو خطرو هو! پر هتي ته مزو لڳو پيو آ.“ جهرڪيءَ چيو.

”ٻاهر پڻهين ماڻهين ۽ ماڻهن مٽ تو وارا، ڳالهائو به نه ڏيندا هئا. ۽ هتي ته ڏس! پيار جي هن پڃري ۾ محبت ڪندي ڪو به روڪي نٿو، ڪو به ٽوڪي نٿو. اٿين چئي جهرڪ جهرڪيءَ جي ڳچيءَ تي ڳچي رکي اکيون بند ڪري ڇڏيون.

اوچتي پڃري جي در کلڻ جي کڙڪي تي جهرڪ ۽ جهرڪيءَ اکيون پٽيون، هو اهو ڏسي دنگ رهجي رهجي ويا ته اڄ ان انسان جي هٿ ۾ هنن لاءِ کاڌو ڪو نه هو. هٿ پڃري ۾ داخل ٿيو ۽ ٻئي لمحي ۾ جهرڪ ۽ جهرڪي ان انساني هٿ ۾ هئا. انسان هٿ کي ڏاڍيان لوڏو ڏئي کٽي اڇل ڏني. جهرڪ ۽ جهرڪي اڏامي وڃي سامهون واري وڻ تي ويٺا.

انسان جو جهرڪ ۽ جهرڪي اڏائڻ کان پوءِ نيڻن جو نير ڇلڪي پيو، روئندي چوڻ لڳو:

”وڃو! اي معصوم پکيئو! وڃو. جتي انسان کي انسان کان جدا ڪيو ٿو وڃي ته هو ماندو ٿي ٿو پوي اتي اوهان به ضرور ماندا ٿيا هوندئو. مون رڳو اهوئي سوچيو هو ته اوهان منهنجي تنهائي دور ڪري سگهو

ٿا، پر مون رکيو اهو سوچيو ته ڪونه هو ته منهنجي تنهائي دور ڪرڻ لاءِ اوهان کي مائٽن مٽن جي وڇوڙي جو منهن ڏسڻو پوندو. پر جڏهن مون اوهان جي حالت ڏٺي مون اوهان کي ڇڏي ڏنو. ها! مان انسان ته ڏي تنهائي کان تنگ ٿي پيو آهيان. اوهان ته پکي آهيو. وڃو! وڃو اي پکيئڙو! وڃي پنهنجي وڇڙيل ولر سان ملو — منهنجو ڀاڳ مون سان! ۽ ائين ڇئي انسان سڏڪو ڀري اونڌي منهن وڃي وڇايل هنڌ تي ڪريو ۽ روئندو رهيو.

”اسان کي ڇو ڪڍيائين؟“ جهرڪ نهايت آهستگيءَ سان جهرڪيءَ کان پڇيو.

”سوچيو هونداءِين ته هنن کي به ڪي ماءُ پيءُ هوندا، مٽ مائٽ هوندا، وڃي انهن سان ملن.“ جهرڪيءَ چيو.

”سچ پڏاءِ! تنهائيءَ ۾ محبت وندبندي ڪڏهن ماءُ پيءُ ياد به آيئه؟“

”نه“ جهرڪيءَ چيو.

”ته پوءِ، هل ته هلي ٿا ڇئونس ته اسان کي پڃري ۾ وجهي ڇڏ!“ جهرڪ وڻ تان اٿندي چيو.

”ٺ“ جهرڪي به چوندي اٿي ۽ هو ٻئي اچي ان اونڌي منهن ستل انسان جي ڪٽ تي ويٺا ۽ چين چين ڪرڻ لڳا.

ان انسان ڪنڌ مٿي ڪري، منهن ورائي جهرڪ ۽ جهرڪيءَ کي ڏٺو، پوءِ اٿيو، ۽ اندران پڃرو کڻي

آڊو ۽ اوچتو ٿي اوچتو سر جو اڌڙڪٽي هڪ ٻن ڏڪن سان ٻچرو صفا ڇٻو ڪري جهرڪ ۽ جهرڪيءَ کي چوڻ لڳو،

"قسم آ مون کي پنهنجي انسانيت جو ته اي جهرڪ ۽ جهرڪيو! اڳتي مان ڪڏهن به ڪنهن پکيءَ کي ڪونه ڦاسائيندس. اوهان مون ۾ اعتماد رکو، ٻلي هاڻي وڃو. ڏسو اوهان جي سامهون ٿي ٻچرو ٻچي ڇڏيم. هاڻي ڦاسائيندس ته ڇا ۾!"

جهرڪ ۽ جهرڪيءَ هڪ ٻئي ڏانهن ڏٺو ۽ ٻڙه مايوس ٿي اچل ڏئي وٺي اڏاڻا.

انسان کين ڳُڏ ويندي، پويان ڏسي چيو،

"شل اوهان جي جوڙي سلامت رهي!

۽ وري اهو انسان اونڌي منهن وڃي، ان گهنجيل هند تي سڏڪا ڀريندي ڪرهو——.

مرڪ ڪنوارا — رت ڦڙا

انيڪ چاهتون هونديون هُن مَن ۾، هر انسان سمان!
جن کي هن، هن نظام ۾ چيٿاڙجندي ڏٺو هو،
هن نه تي چاهيو ته
بک خاطر ولهوڙجندڙ وجود کي ڪيو ڏيکاري، ڏني
ڪسي، ان جي بک احساس کي فوٽ بال جيان ٺڏي ڇڏجي.
— ٽڙيل گلن کي پٺي ڪنهن سندر ناريءَ جي انگڙ
وڱڙ وارن ۾ سجائڻ / ان جي سڳند کي سنگهڻ / گل ٻل
کي چمڻ، بدران ڇپاڙڻ، چيٿاڙي ڪاٽي ڇڏجي / ان جي
پنکڙين کي ويوڳ جو عذاب ڏئي، ڪتابن جي ورقن ۾
دفنائي ڇڏجي.
— هتان جا ماڻهو، هتان جون ڌي زمينون صاحب
لوڪن طرفان تحفا قبول ڪري، ان عيوض مير جعفر
ٿي وڃن.
— اعزازن ۽ لقبن ڪارڻ ضمير کي سيرن جي حساب
سان وڪيو وڃي.
— ماڻهن جو رت، عقيدت، مذهب، ذاتي ڳالهين،
دلي غيرن، پلاندن ۽ ٻين آڙن ۾ وهايو وڃي.
— ڪو سندس ڪلهي تي بندوق رکي ٿئي ماڻهوءَ
کي نشانو بڻائي.

- زندگي بندگي هجي.
- پيار تي ايترا پهرا هجن جو، انهن اهڙين ڳالهين کي تصوراتي ڪتا سمجهن ۽ محب جو مک پسڻ لاءِ فالون پائن.
- سچ کي ڪاري هيٺان لڪايو وڃي.
- مذهبن کي ماڻهو جيون گهارڻ جي طريقه ڪار بدران خانداني ورثو سمجهي پنهنجن فائدن ڪاڻ استعمال ڪن.
- ڪنهن جي چاهت کي پٿرن سمان بلڊوزرن سان پوريو وڃي.
- شوق جي پورائي لاءِ ڪنهن بي گناهه جيو کي زخمي ڪيو وڃي/قتل ڪيو وڃي.
- هاٿي ڦاسائڻ لاءِ اونهي کڏ مٿان ــ تاريون ۽ ڪک پن رکيا وڃن.
- پنهنجي وجود کي ساڙڻ ڪارڻ، سگريٽ کي به ساڙيو وڃي.
- پيئڻ لاءِ بچيل آخري ٿڌي پاڻيءَ جي دلي سان وڃايو وڃي.
- جڏهن هاريءَ جو پگهر/رت، رنگ لائي تڏهن فصل رئيس ڪٽائي وڃي.
ڪنهنجي سرجيل ڪوتا کي ڪويءَ روبرو ڪو گهٽ وڌ ڳالهائي/ڦاڙي، رديءَ جي سزا ڏئي ڇڏي.
- ارتقائي عمل کي هٿ ٺوڪين دليلن ۽ پهاڪن بهاني ختم ڪيو وڃي.

- اونده کی اونده ۾ روشنيءَ کي روشني چوندڙ کي قياس تي ٽنگيو ويو.

- تالي کي کنجيءَ بدران [هوندي بہ] هٿوڙن سان پٽيو ويو

- ڪنهن اندي کي دڳ آڏو ڏيکي بنان گنتر ڏسي بہ سڌي وات وڃڻ لاءِ ڏس ڏنو ويو.

- سگريٽ جيستائين دکندو رهي، تيستائين ڪيس چمندو رهجي ۽ حدن فلتر بچي تہ اڇلائي ڇڏجي.

- ڪاڪي کي تلوار جي نوڪ جي اشاري تي هلڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو.

- ليکڪ جي هٿ مان قلم کسي، کيس دستر ڏنو ويو.

- ڪن لاءِ اوبارڻ جي حد تائين غذا هجي ۽ ڪن لاءِ ڪاٺي لاءِ تہ نهيو ڏسڻ لاءِ بہ نہ!

- ايئرڪنديشن ڪمرن ۾ تيار ٿيل قانون تحت پهراڙين جي اس، لڪن، ۽ جهولن ۾ سڙندڙ انسانن جي جذبن تي نہ سمجهہ ۾ ايندڙ پهرا ۽ پابنديون لڳيون وڃن.

- هنن جي ٻوليءَ ۾ ڇپجندڙ ڪتابن تي ايتريون رنڊڪون رکيون وڃن جو، ڇپائيندڙ [پبلشر] سنڌي ڪتاب ڇپائڻ کان پکوڙا وڪڻڻ کي ترجيح ڏين.

ڪبوترن تي باز حملو ڪري، اڇن، گهہ–گهو گهو ڪندڙ امن جي پيغمبرن کي پنهنجي نوڪدار سامراجي چنهن، استحصالي ڪنپڙائين ۽ احساس برتريءَ جي ڏيکاءَ

واري، وڏيرن کي ذهن سمان چنبن سان نه رکيو امن جي نمائيندگي ڪندڙ ڪنهن / ڪهڙن کي جسم / ٿلهي تان پٽي، هيٺ اڇلائي، ڇيهون ڇيهون ڪري ڇڏين پر انهن جي جسمن جي Nervious System Urinery 'System Digestive System ۽ Respiration Texpiration ۽ ٻين سمورن سرشتن کي ختم ڪري ڇڏين. ۽ ان جو رد عمل بس رکيو ايهو نڪري ته جسمي سموري چرپر [عمل] جي ذميوار ساهه سان ڪٿي رکيو ڪجهه رت وٺڙي وڃي ڌرتيءَ تي!

ڪافي سوچ پڇاڻان،ڪيس اهو ڌرتي تي وٺڙيل رت، ڪئريئر ازم، خود پسندي، لقبن، خطابن ۽ اعزازن جي بکين ليڊرن ۽ ذاتي مفادن تي قومي مفادن کي قربان ڪندڙ، واتڙين، ٺڙڪو سڙڪو، امن جي شيدائي محبن جي ٻوٽن تي چڙهيل ماس جي تهن کي لڪائڻ ڪارڻ محب وطن، انسان دوست، امن پسند ۽ اپار نمائن ۽ پيارن لقبن جي بيحرمتي ڪندي، امانت ۾ خيانت ڪندي نقلي ٻوٽاڙا چاڙهيو ويٺل رهبرن ۽ ليڊرن جي مهاندي تي رت رليل ڏٺڪ! ۽ انهن جي چهرن تي حقيقت جي نهن جي رهڙ سان گهروڙي ڏنل بجو! لڳو هو.

پر هوڏانهن ٻه:

اڪيون ڪٿي ٻوٽ ته........۽ ٻوءِ سندس من مندر ۾، رسيل ار تي دکي ٻري پٽي هئي ۽ جڏهن

چنگ منجهان چمڪاٽ ٿيو هو تڏهن ڪيس باغي قرار ڏئي گوليءَ جو حڪم ڏنو ويو هو.

تڏهن به چمڪاٽ اجهيو ڪونه هو- ۽ هن جو هن سماجي ڍانچي کي بدلائڻ جو عمل شروع ڪيو هو- سو رڪيو ڪونه- جاري رهيو سفر جيان!

۽ تنهن ڏهاڙي ان وقت ڪيس هڪڙي صاحب لوڪ پڪڙي ورتو، جنهن وقت هو پنجويهه هزار رپيا، ڪنهن پروگرام تحت هڪ هنڌان ٻئي هنڌ رسائڻ وڃي رهيو هو.

- صاحب لوڪ کلهي تي هٿ رکي پنهنجائپ مان چيس.

”جڏهن ماڻهوءَ جون چاهتون چڇرجي وينديون آهن، تڏهن ته هو پاڻهي هلي پوندو آهي!“

هن صاحب لوڪ جي هٿ ۾ جهليل خطرناڪ شي ڏسي مرڪي ڏنو ۽ سوچيو، سون ته هن نظام کي ئي تبديل ڪري اهو نظام چاهيو آ جنهن ۾ ڪنهنجون به چاهتون نه چڇربيون آهن. جڏهن ان ۾ ناڪام ويس تڏهن ئي ’هلي پوڻ‘ جو سوچيندس.

”جيڪڏهن چاهين ته مان توکي چانهن پياري سگهان ٿو!“ صاحب لوڪ کلهي تان هٿ هٽائيندي چيس.

”مون کي چانهن پيارڻ مان فائدو؟!“

”ها! ڏهه هزار رپيا!“ اکين ۾ چمڪ اچي ويس.

”بس! ڏهه هزار نه!“

”ها!“

”مان توکي تڏهن پياري سگهان ٿو.“ ڪا سوچ ايندي ئي چيائينس.

”پو هلون ڪنهن ريسٽورينٽ تي؟“

”پلي!“

صاحب لوڪ جو وات پاڻي تي ويو ۽ هو سوچيندو رهيو.

”پيسا هٿ جي ميرا آهن- پيسا جسم جو پگهر آهن. پيسا ڏاڙهيءَ جا وار آهن [روز ڪٽيا آهن- روز ڦٽندا آهن] پيسا- پيسا ني ويندا- پيسا وري ٿي سگهن ٿا- مان وري موٽي نه ٿو سگهان!“

”نه اها تنهنجي ذاتيات آهي- تون ذاتيات تي قومي مفادن تان قربان نه ٿو ڪرين، تون احمق آهين! تون بزدل آهين!! تون ڪاهل آهين؟!!“ اندر جي ماڻهوءَ رڙيون ڪري ڪيس جهنجهوڙيو- هو جهٽ لاءِ نراس ٿي ويو.

”نه مون کي ماڻهو پيدا ڪرڻا آهن- اڃان اهو پروسو ڪونه آهيم ته منهنجي وڃي کان پوءِ اهو ڪم جاري رهندو. ان ڪري مون کي جيئڻو پوندو. مون کي پنهنجي جان پياري ڪانهي پر مان لوڪ جي جذبن کي پئسن کان اتم نه ٿو سمجهان. هيئنئر به جي مون کي ماري ويندا ته اهي پئسا هونءَ به هٿ مان واري ٿي ويندا ان ڪري——“

هن اندر جي ماڻهوءَ کي مطمئن ڪري ورتو ۽ پو ٽڏي جي بل جي ٽپ ويهه هزار رپيا صاحب لوڪ کي ڏنائين. جنهن مرڪي ڇيس-

"اڳتي خيال سان گهمجان ڦرجان- چڱو سدائين گڏ!"

"مهرباني!" چئي گرمجوشيءَ سان صاحب لوڪ کان موڪلائي تڪڙو تڪڙو اڳتي وڌيو ته ٻئي لمحي ۾ وڏو ٺڪاءُ ٿيو- هڪ طرف هو، رت ۾ ليٽڙاٽيون پائڻ لڳو ٻئي طرف صاحب لوڪ سرڪي رهيو هو.

—

عزت جا ٽڪل ٻنڌڻ

”چانهن پيئندي يا بوتل؟“ سگريٽ جي رکَ وٽيءَ ۾ ڦٽي ڪندي، ڪرسيءَ تي ويهندي مون بيقرار کان پڇيو.

”يار ٻڌ! دوستي رکجي ته توڙ نڀائجي، هرو ڀرو ڪاٺ جي ڏچي ۾ نه اڙج. اڄ بوتل پيارينديِ، سڀاڻي ان کان هيٺ لهي چانهن پيارينديِ، پرهيئن وري شڪائپ کان ڳالهائيندي ئي ڪونه. سو منهنجي صلاح اٿئي ته اڄ ته ڪٺي آيا آهيون سو چانهن پيون ٿا - پر ٻيلي اڳتي لاءِ پارت اٿئي.“ بيقرار سمجهائيندي چيو.

”ادا بيقرار! تون مٺو شاعر آهين ۽ مان ڪهاڻيڪار. تي سگهي ٿو ته اسان ڪن سببن جي ڪري پاڻ ۾ ڪاوڙجي به وڃون پر ٻڌ! اسان جا رشتا اڻ ٽٽ آهن. شهري پيار جيان ڪچي تند وانگر نه پر ٻهراڙيءَ جي ڪوريءَ نينگريءَ ۽ واهڻ جي نڪوري نينگر واري محبت جيان ڪشميري جهڙا اڻ ٽٽ آهن. توکي ته خبر هوندي ته مان ۽ ”بي گهر“ ڪيترينقدر نه هڪ ٻئي جا ذاتي طور تي مخالف آهيون. هو هر موڙ تي منهنجي مخالفت ڪندو آهي ۽ مان هر وڪڙ تي ونجهه وجهندو آهيانس. پر ان هوندي به ادبي ناتو سچي گيهه جيان

سچو هجڻ ڪري، ٻئي گهاٽا دوست آهيون ساڳئي وقت ...."

"ان ۾ ڪهڙو شڪ." اڌ ۾ ڳالهيندي چيائين.

"ڏس! اسان جي زندگيءَ جو ٻيڙو لهرن جي آڌار هن مهاساگر ۾ اهڙي طرح هلي رهيو آهي جو اسان ڪڏهن لهواري پيا وڃون ته ڪڏهن اوڀاري پر اگر سنگت سچي آهي ته هر پاسي سان نڀائي هلڻو پوندو. اڄ مون وٽ ڏوڪڙ آهن ۽ مان چاهيان ٿو ته توکي ڪجهه نيمڪ پيٽ ۾ وجهان ته توڻ هرو ڀرو ڇو ٿو بهانا بڻائين."

"چانهن ۾ وري ڪهڙو نيمڪ آهي يار؟" مذاڪيه نموني چيائين.

"پوءِ بوتل گهرائي ان ۾ لوڻ وجهي ٿا پيون."

"پر اهو لوڻ ته هوٽل وارن جو ٿيو - تنهنجو ته ڪونه ٿيو."

"اڙي پوءِ بل مان ڀريندس نه؟"

"اجايو پئسو زيان نه ڪر- بوتل ڪي ڇڏ - چانهن گهراءِ ۽ واڌو پئسا هرو ڀرو به ڪپائڻا اٿئي ته موٽندي ڪو رسالو يا ڪتاب ٿا هلي وٺون."

'بيقرار' جي صلاح ڪي اڏو رکي مون 'گهنڊ ٽي' وڄائي - بيرو آيو - مون ڪيس چانهه آڻڻ لاءِ چيو ۽ تيسين اسين خاموش رهياسين جيسين بيرو چانهيون کڻي آيو- مون ڪيس لوڻ آڻڻ لاءِ چيو. هو لوڻ کڻي آيو - مان

ڇپٽي پيري ڪٽي بيقرار جي ڪوپ ۾ وڌي ۽ پوءِ چانهه ناهي ڪيس ڏني.

”ان لوڻ جي پيمينٽ ڪانءِ ٿيندي ان ڪري اهو لوڻ هوٽل وارن جو ليکيو.“

”وڏو ڪو لاهه آهين.“ پنهنجو چانهه جو ڪوپ ناهيندي ڪيس چيم.“

”پراڻو جملو وري استعمال ڪندڙ، بيوقوف نمبر ون هوندا آهن“ توکي ڪندي چيائين.

”تہ پوءِ پيلا تون وڏو ڪو ’بنڊ‘ آهين.“ مون پنهنجي ڪنهن ڪهاڻيءَ جو جملو ورجائيندي ڪيس اپرڻ نہ ڏنو.

چانهہ جو سرڪ پريندي منهنجي جملي جي ڪري ڪانئس ٿهڪ نڪري ويو- چانهه جو ڪوپ ذري گهٽ هٿن مان ڇڏائجي ويو هئس. ٿهڪ مان جان ڇڏائيندي چيائين -

”وڏو ڪو پلستر آهين.“

”ڦٽ ڇنائڻ وارو؟“

”هائي توکي چا چوان؟“

”نہ تو ڪجهہ اچٽي تہ شاعر صاحب مان ڪرڻ جو گهٽو وننديءَ؟“ سندس سوال جي جواب بدران وري سوال ڪيوسانس ڪانئس وري ٿهڪ نڪري ويو پر ان ٿهڪ مان شرم ليئا پائي رهيو هو.

”گنهير تي تہ ڳالهه پڌايانءِ؟“ بيقرار چيو.

”’ڳالهه‘ ڪي سڳ ڏيندا آهن ڇا؟ - هيئر راڳ پيو ڳائين ڇا؟“ لاڳيتن سوالن تي شرم ڪري ڊڪٽيءَ ۾ اوني ٻڌي، مرڻ پيو چاهي، پر شايد ڪيس ڊڪٽي همٿ ڪونه آئي.

”ڏس گهيمر تي نه؟“

”ٿيس گهيمر! هاڻ صاحب موصوف وات مان گل ڪيرائين ته اسان جهول جهليون.“

”ها! - چانهه تان مون کي هڪ ڳالهه ياد آئي....“

”هاڻي پيلا ڦاٽ بس ڪائيندي يا وٺي اچان ڪنهن دائي ٻائيءَ کي يا نرس پرس کي.“

”يار ’پٽ‘! ڳالهه ڏاڍي ڏک جي آ“ هن ڏکوئيندڙ انداز ۾ چيو.

”پوءِ مان ڳوڙهن جا ڳهٽا ڪلوگرام وٺي اچان جو ويهي رڱتن جو نار وهايان.“

”توکي ته رڳو آ مسخري - مان چوان تو ڳالهه ٻڌ!“

”ڪنن ۾ ڪپهه ڪين آهي - تون شروع ڪر!“

”’بوڙينبو‘ سڃاڻين؟“

”ها! ڪاٺ وارو - ٽرن جو يا ڦلن جو؟“

”اسان جو ٻه ڳڏهن سان ڪم پيو آ - !“

”ٻ ڳڏهن پويان ڪتا ئي پونڪندا آهن.“ مون ادبي بي ادبي ڪندي چيو.

”تنهن جي معنيٰ ته مان ڪتو آهيان؟“

”نه - نه - تون ٽورو ئي - ها تون ڳالهه شروع ڪر

ڏک واري ته جيئن مان پنڙين جو بند ڀڃان ته لڙڪن جو سيلاب ساري ڪائنات کي ٻوڙي ڇڏي.

”پڙهين لِنن جو ڇا ٿئي؟“

شايد پائنيو هوس.“

پوءِ تو تي ميار ڪين آهي، پلي تون فلاسافيءَ جي گندين جا ليڙا ڪول.“

”هاڻ ڳالهه به ڪندين يا_“

”ها! سو ڇيم پٺي ته ’بوڙيندو‘ سڃاڻين نه_ ’پاپڙ‘ وارو پٽ؟“

”ها ڇو؟“

”پهريان هو مون کي ڏاڍي عزت ڏيندو هو_ نوان نوان رسالا وٺي ڏيئي_ بوتلون_ ڪافي شربت چاهيون ملايون، مڻايون....“

”ڪنهن لالچ ۾ ڪري ٿي اهو سڀ ڪجهه ڪيو هوندائين؟!“

”اڙي مون سمجهيو هو ته تون جديد دور جو سڃاڻ ڪهاڻيڪار آهين، پر هن وقت ته تون مون کي ڪنهن لوڪ ڪهاڻيءَ ۾ ”بوقلمو“ جادوگر جو ڪردار ٿو لڳين_ جو توکي سڀ ڳالهه جي خبر اڳ ئي پهچي تي وڃي.“

”نه رڳو منهنجو پيءُ لينن جو پائنيو هو پر منهنجي ماءُ جا وڏا به جنن ۽ ديون جي ملڪن جا آهن ان ڪري فلاسافي ۽ جادوگري اهي ٻئي ڳالهيون مون کي وڏن کان ورثي ۾ مليون آهن.

”موت پٺي منهنجي وڏن کي، جن مون کي ورثي ۾ ڪجهه ئي نه ڏنو—!“

”ها تون ڳالهه ڪر؟!“

”ها! سو بوڙيندي کي ڳالهين دوران خبر پئجي وئي هئي ته مان ٿورو گهڻو شاعر آهيان سو هڪ ڏينهن مون کي چيائين ته مون کي ڪي عشقيه، پشقيه شعر ته لکي ڏي! مون ڪائنس سبب پڇيو پر ’پو پڌائيندو سانءِ‘ چئي لهرائي ويو.

مون کيس شعر لکي ڏنا. پوءِ ڪافي عرصو ٿي ويو هو مون کي نظر ئي ڪونه آيو. هڪ دفعي منهن چڙهي ويو، سو هلندي ئي حالي حوالي ٿيامين. هن چيو ته ’اسان جي پاڙي ۾ هڪ ڇوڪري رهندي آهي اهڙي جهڙو سگريٽ! بس ڪش هڻي اندر جلائي ڇڏجي سو ان سان عشق جو آغاز ڪرڻو هوم، سو مون کي عشقيه ڪجهه شعر کپندا هئا جي تو مهرباني ڪري ڏنا— تنهنجي انهن شعرن منهنجي دل جو مقصد پورو ڪري ڇڏيو. اڄ مان ڳالهه ڪٿيندي پڇيو هو مانس ته ’جڏهن تون وڏيرو آهين گهر ۾ تنهنجي هلي به ٿي ته پو اڳوڻو شادي ڇو نٿو ڪئي ڪرين!‘

’هان! مان سيٺ، هو غريب، مان انهن مان شادي ڪيان!‘ منهنجي سوال تي عجب ۾ پوندي چيائين.

”پو ان جي زندگي ڇو برباد ڪيئي سيٺ صاحب!“ مون کيس چيو.

”اڙي يار! اها هئي ڪجهه لمحن جي لذت سو مون پڻ ايهوئي پئي چاهيو.“ ٻوڙيندي فخر مان ڳالهه مٿي ڪري چيو هو، مون کي ڏاڍو صدمو رسيو پر پوءِ به ڪانئس تت ڪڍڻ لاءِ کيس چيو.

”يلا پتي، اسان کي ويهه سال گذري ويا آهن ته هتي ڪا ڪنگهي ئي ڪونه ٿي ۽ تو سان اڃا سان ئي نهي وئي؟“

”ڪيسي ۾ ڪڙڪندڙ ڳاڙها نوٽ ان جو واحد ڪارڻ آهن. بيقراره“ ٻوڙيندي چڻ مون کي ساڙ ڏياريندي چيو.

”پيءُ ماءُ ڪونه هيس ڇا جو هوءَ انهين تو سان نهي وئي. مون ڪانئس تفصيل پڇيو هو، وراڻيائين ته ’سندس پيءُ سرڪاري نوڪريءَ ۾ آهي ٻاهر، سو انهين انهين ڏينهن ايندو آهي پاءُ بروهي ڪونه اٿس - ماءُ اٿس سا به اڻ پڙهيل. منهنجو ننڍو ڀاءُ سندن گهر ويندو آ ۽ هوءَ به ڪڏهن اڪيلي - ۽ ڪڏهن پنهنجي ماءُ سان اسان جي گهر ايندي آ پر زباني پيار جو آغاز آءٌ ڪري ڪين ٿي سگهيس سو تنهنجو سهارو ورتم - ۽....“ مون کي ڏاڍو صدمو رسيو پر کيس فيل نه ڪرڻ لاءِ چيم.

”آس به پوري ٿيئي ۽ مٺائي به نه کارايئي؟“

”ڪوڙ مٺائي ڇٽي لهرائي ويو - ۽ وري تو منهن چڙهي، ڪم لٿو - ڪاڳر ڦاٽو، هاڻي مون کي ڏسي انهين گهٽي مٺائي ويندو آهي جيئن ڪير واري کي ڏسي مان گهٽيون مٺائيندو آهيان.“ جا ئي هڪ دفعي هن انهي جو هڪ خط پڙهڻ لاءِ ڏنو هو - کولي پڙهيو هئم ان

۾ هن ڇوڪريءَ جو فوٽو بہ هو. سان فوٽو ٽڳائي باقي خط کيس ويڙهي واپس ڪري ڇڏيو هو. هن بہ ڪونہ سنڀاليو. هان هي ڏس، هيءَ اٿي اها ويچاري....

مون هن جي ڳالهہ ٻڌي دل سان اندر جي حقيقي ڪنن سان ۽ پو اهو فوٽو ڏٺو - مان جيڪو بيقرار جي اڳ ۾ ڇوڻ مطابق بہ صحيح نموني ڪنهيو ن. ٿيو هوس سو هاڻي تمام گهڻو اداس ٿي ويس - هن جي ان سموري ڪٿا منهنجي ڇپن تي تالو هڻي ڇڏيو. مذاح معطل ٿي وئي هئي مون پنهنجي ٻنڌٽن ۾ بدل عزت حا ٻنڌڻ ڏٺندي محسوس ڪيا. منهنجي عزت اندر ڏي اندر ۾ چڙهيون هڻڻ لڳي - بلڪل اٿين جيئن جيئري مڇي سڪيءَ تي.

منهنجي اکين سان اوڌر تي ورتل ڳوڙها ن. پر شرم حياءَ پريا لڙڪ پنجڙين جا بند ٻڌي منهنجو منهن آلو ڪري رهيا هئا. منهنجي دل ۾ بيعزتيءَ جا ڪوڪا اٿين ڏنبجڻ لڳا ڇڻ ڪو سيڪڙوات موچي ڪنهن بوٽ کي هڻدو هجي. مان پاڻ کي ڪنهن انڌاري ڪوٺيءَ ۾ قيدي محسوس ڪرڻ لڳس ڇاڪاڻ جو اها [فوٽوءَ واري ۽ ڏس پتن واري] منهنجي مگ هئي.

زندگي/خود ڪشي

رات! اونداهي جهڙو منهنجو مقدر. هيڪلي ڪمري ۾ تنهائي شدت سان ٿئي ٿي محسوس. ڇو اچي ٿي ڪاڻ سوچون دوزخي نانگ! ڏنگ پيا هڻن. سڄي زندگي لڳي ٿو محرم جو مهينو. ماتم ڪجي! پاڻ تي! زندگيءَ تي! يا دنيا تي. پٽجي، ڪٽجي، سٽجي، پاڻ کي، ڪارا ڪپڙا پائي ماري ڇڏجي پاڻ تہ چڱو آ. پر ليکبي خود ڪشي!

ڪنهن چيو تہ خودڪشي ڪرڻ پاڻ سان حدکان وڌيڪ محبت جو ثبوت آ. چوندڙ ٺيڪ چيو آ ۽ نہ رڳو ان چوندڙ پر هر چوندڙ صحيح چوندو آ، ۽ هر ڪندڙ صحيح ڪندو آ. ڪلاڪار جي ڪلا، سچ آ، امر آ. ڌرتيءَ مان قتل ڇو ڪي سنک. پاڻ سان پيار ڪجي، پلي ڪجي ۽ ايترو جو ڪنهن آڏو هٿ ٽنگڻ کان پاڻ کي، ماري ڇڏجي تہ سٺو.

موت! اهڙو موت سٺو آ- چڱو آ- اهڙي زندگيءَ کان جو ڪنهن جي ويهي سنهي ڪجي.

هر ماڻهو فنڪار آ پنهنجي فن ۾. ڪي ماڻهو فنڪار هوندي بہ فنڪار نہ هوندا آهن ۽ باقي جيڪي فنڪار

هوندا آهن سي چاهيندا آهن ته سندن فن اڻ ملهو آهي ۽ رهي. مان جيڪڏهن ٿاهيان سربراه مملڪت جي تصوير ۽ پيش ڪيان ڪيس ته انعام ۾ ڪوڙ ساري ڏني زمين! پر ايترو به نه رڳو ڳوٺ يا شهر جي چڱي مڙس جو ٺاهي سهڻو پورٽريٽ ٺي ڏجي ڪيس ته ڏئي ڪوڙ ڏوڪڙ پر- اهڙو بي ضمير ٿي سربراه مملڪت يا ڳوٺ يا شهر جي چڱي مڙس جا ويهي پورٽريٽ ٺاهي، پيش ڪري سندن خدمت ۾ ونجي ڪائن ڀاڙ! ان ڪان ته چڱو ٿيندو جو ضمير کي مطمئن رکندي، بک تي رهي به ٺاهجن ويهي ڪن ڪانيرن جا ڪانين ڪندي، موچين جا بوٽ ڳنڍيندي، ڀالڪڙن جا راند ڪندي يا پريمي جوڙين جا پيار ڪندي پورٽريٽ.

فنڪار ٻنهي قسمن جا فنڪار ٺي هوندا آهن پر متثميٽيڪلي نتيجو اهو نڪتو ته-

فن + ضمير = بک + بي روزگاري + پيڙا + درد + ... + ... ∴ خود ڪشي.

فن + بي ضميري = طعام + روزگار + الائونس + لئه + ... + ... عيش.

ڪنهن شاعر چيو-

' مسڪينن لئه پاڻي نه پئسو- جوت ۽ جوين جي لئه اک! '

ٻئي ڪنهن چيو-

' خود ڪشي حالتن ڪان شڪست جو نانءُ آهي. '

سچ آ ته حالتن کان شڪست کائي ٿي ڪجي ٿي خودڪشي ۽ نه ڪائڻ گهرجي حالتن کان شڪست! ۽ جي نه ڪائبي حالتن کان شڪست ته . آگونئو ٿيندي خود ڪشي!

حالتن کان شڪست کائڻ کان بچڻ لاءِ ناهه ڪرڻو پوندو حالتن سان ۽ حالتن سان ناهه ڪري ئي نٿو سگهجي. هن دور ۾ حالتون ڏي اهڙيون آهن ۽ انهن جي همٿ جي چاهن ٿا فنڪار کان بيضميريءَ جو فن وٺڻ ۽ ان اهڙي ئي فن جو قدر آهي، اهڙو جهڙوئي هئڻ گهرجي حقيقي فن جو.

ها! اهڙوئي هڪڙو پبلشر آيو هو ڇپائين شعبه نشر و اشاعت پاران سنڌ جي ٽنهي ڪلاسيڪل شاعرن شاهه سچل ۽ ساميءَ جي تشريح تي ڇپايون پيا ڪتاب ۽ ان ڪتاب ۾ ڏنا ويندا هر شاعر جي شاعريءَ ۾ ڏنل پيغام تي پنج پنج اسڪيچ جيڪي ٺاهڻا پوندا توکي ۽ ان جو معاوضو ڏنو ويندو توکي پر معمولي ڇو جو اسان پاڻ آهيون غريب!

حڪم تي ناهيم اسڪيچ! شاهه، سچل ۽ ساميءَ جي چونڊ پنجن شعرن تي، جن ۾ ڏيکاريا هئم سندن جذبا، جولان، پيغام ۽ سنديش، جي پلٽيل هئا سندن شاعريءَ ۾. ڪجهه وقت پڄاڻان آيو پبلشر صاحب ۽ ڇپائين ڪيتو اهو ڪم! جنهن لاءِ ڪيو هومانو عرض! فن جو قدر سندس پولڻ مان پڌرو ٿي پيو.

بندي حڪم جي پيرويءَ مطابق ناهيا آهن هي
اسڪيچ ڏسو. هو ترتيب وار ڏسڻ لڳو.

شاهه جي شاعري:

اسڪيچ پهريون:

سنڌ جو نقشو، منجهس سنڌي سپاجهڙا نوجوان اجرڪن ۽ پٽڪن سان تيار بيٺا آهن وڙهڻ لاءِ!

بيت: سوريءَ مرڻ سوپ ڪي، ته دل جا وهم وسار
هڻ پيالا وڙهه، پاڪرين، آڏي ڀال م ڀار
متان تيغ تراراں، مار ته مارو ٿئين!

اسڪيچ ٻيو:

دنيا جو نقشو ۽ ان جي آڏو هڪ مڙسالو هٿ جهليو دعا گهري رهيو آهي. دنيا جي ان گولي مان هي ملڪ سبز رنگ سان نمودار لڳو پيو آ.

بيت: سائينم سدائين، ڪرين مٿي سنڌ سڪار
دوست تون دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

اسڪيچ ٽيون:

پورهيت طبقو بک هڙتال ڪريو ويٺو آ ۽ ٻئي پاسي حاڪم طبقو وٺن آيو آ هلي.

بيت: گذر جنين جي گوڏ ۾، پاڻوڙا پوشاڪ.
انهن جي اوطاق، راجا ريجهي آئيو.

اسڪيچ چوٿون:

جنگ هلي رهي آ دشمنن سان هڪ پاسي ۽ ٻئي

پاسي کو پيغام ڪٿي هڪ سوريهہ وجي رهيو آهي ٽڪڙو ٽڪڙو پيغام رسائڻ لاءِ.

بيت: ونيو وڃـج واٽ، ڪنڌ م ڦيرج ڪيڏهين،
لـوڻـي ڦير لـپـاٽ، لڳنديئي لطيف چئي.

اسڪيچ پنجون:

گهر ڏياڻي ويٺي آهي گهر ۾، سندس ڏيءُ گهري ٿيئي پنهنجي 'خود آزادي' ان ڪارڻ ڪيس ماريو ٿـو وڃـي. پرسان سندس ۽ر وڏي ڇمار وارو مـوڙ ٻڌيـو بيٺو آهي.

بيت: الا! ڏاهيءَ ٿيان ڏاهيـن ڏک ڏسن
مون سين مون پرين، پورائيءَ ۾ پال ڪيا.

سچل سرمست جي شاعري:

اسڪيچ پهريون:

ڇلڪندڙ جام ۽ ان جي سامهون ٻه مدهوش ماڙهو بيهوشيءَ جـي عالم ۾ ٻــ سينو سپـر ڪيو/ ساهيو بيٺا آهن.

بيت: جنهن دل پيتا، عشق دا جام، سا دل مستوسست
مدام، حق موجود سدا موجود!

اسڪيچ ٻيو:

هڪ ليکڪ جـي هـٿ ۾ جهليل قلم جـي مٿان سنهڙي ڏاکڻي ۾ تلوار لٽڪي رهي آهي.

بيت: ماٺ ڪيان ڏان مشرڪ ٿيان، ڪڇان تان ڪافر

انهي وائيءَ ور، ڪو سمجهي سچيڏنو ڇوي.

اسڪيچ ٽيون:

علامتي منزل سچ ڏيڪاريل آهي. ان ڏانهن هڪڙو منزل جو متلاشي ڊوڙي رهيو آهي.

بيت: متان وهين ماٺ ۾، منجهه جلدي چل
هتي ويهه م هل! تان ڪي پڇنديون پنڌ ڪي

اسڪيچ چوٿون:

هوءَ ويچاري ويٺي آ- اُداس! مايوس! ۽ ملول! سوچن ۾ ايترو گم آ جو سندس هر سوچ هر ٻول اهو ٿـي ٿو چاهي ته.

بيت: شال نه وسرين تون، لوڪ سيو ٿـي وسري
مطلب اهو مون، جو پاڻئون پري نه ڪرين.

اسڪيچ پنجون:

سنڌ سڄي سرسبز لڳي پئي آ، آڳم ڇانئجي ويا آهن ماڻهو هر هلائي رهيا آهن. مال چاري رهيا آهن ۽ ڏور ڏور ڪان هو مارو جي مال جا چار/ڏڪار ڪارڻ ڏورانهن علائقن ڏانهن ويا هئا سي بـ وري رهيا آهن قافلن جي صورت ۾-

بيت: وري وسايو، مالڪ ملڪ ماڻهن جو،
سو اڳي ڪئون، اجرو تيو ساڻو سوايو
آڳي اگهايو، سچوءَ جو سوال ڪيو.

ساميءَ جي شاعري-

اسڪيچ ٻهريون:

مئه خاني ۾ مئه خوار ۽ ساقي مئه پي رهيا آهن.

بيت: آءُ تـه پياريانءِ، ڀري پيالو پريم جو
سامي هن اوسر ۾، تن من سپ نارپانءِ
دهه دس ڏيکاريانءِ، انهيءَ پرک اکن سان.

اسڪيچ ٽيو:

ميڙو متو پيو آ فقير جهومن، نچن ۽ ڳائن پيا حق ۽ سچ جو ڪلام.

بيت: قولي فقيرن سچ لڌائون سڪ مؤن،
تن ڪياءُتڪيو، جت مهرؤن ميکهوسن،
ملي موجان ڪن، انٿي پهر عجيب سان.

اسڪيچ ٽيون.

پيڪڙيل در تي ويٺل هوا عاشق- اهو آسرو اٿس ته اڳي پو مرندس ته هونءَ ڏي پـر پيائي تـه ڪڏي ڇڏيان من مان.

بيت. عاشقن ڏرٽـو، ڏٺو در دوسن جـي
سمجهاءُ سامي چئي، پوءِ اڳي مرٽو
ڪايا جو ڪرٽو، ميٽي وپنا منهءِ.

اسڪيچ چوٿون.

آڪاش جنهن ۾ تـارا آهن جهيڻا- جهيڻا- ان جـي هڪ طرف کان سج پهو اپري ان جي تاءَ تي تارن جي روشني جهيڻي ٿي وڃي آ.

بيت۔ محبت پاريو مچ، عجائب اندر ۾،
سڙي ويو سامي ڇني، ڪوڙو ڪلپت ڪچ
سيڪ رهيو هڪ سچ، ساڪي سڀ سنسارجو.

اسڪيچ پنجون.

عاشق وڃي رهيو آ هڪڙو. جهان سڄو لوڀ ۽ لالچ واري رستي ڏي پر هو رکو اڪيلو وڃي رهيو آ نئين راهه ونيو!

بيت: عاشقن جي راهه، جدا سڀ جهان کون
هلن هٺ ڇڏي ڪري بنان ڇنتا چاهه،
سدا ڪن سلاهه، سامي سپرين جي.

نهايت افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته تنهنجا هي اسڪيچ قابل قبول ٿي ڪونه سگهندا. توکي اهو ياد رکڻ گهرجي ها ته هي ڪتاب اسان ڪهڙي سٽي تحت ڇا پرائي رهيا آهيون؟ هن ۾ هي عوامي نظريا نه ڏين ها! انهن هٽي ڪم ٿي وڃائي ڇڏيو! پر خير مون کان اها ڀل ٿي وئي جو مون توکي ڪونه ٻڌايو ته ڪهڙا هئڻ گهرجن، اسڪيچ- وقت ويو ڪونهي ته جهڙي ڪلاڪار اڳيان ڪهڙي ڳالهه آهي- هفتي ڪ ن ۾ وري ٻيا ٺاهي ڏي- هاڻي مان توکي ٻڌايان ٿو ته انهن اسڪيچز ۾ توکي ڇا ڇا ٺاهڻو پوندو. ڏس! ڀٽائي ۽ جي اسڪيچ لاءِ پهريان ان جي مزار جا تن ڇئن سائيڊز کان اسڪيچز ۽ ان هيٺان ڪو هڪڙو شعر ۽ اهو شعر هر شعر لاءِ ڪامن هوندو. اهڙي طرح ٻين شاعرن مان ٻن جي ته

مزار جا پوز ۽ باقيءَ ساميءَ لاءِ به مڙني ڪجهه ناهي ونجان! باقي ٿيو شعر سو سڀني لاءِ اهو پتائيءَ جو آهي نه –

ساري رات سبحان، جاڳي جن ياد ڪيو
ان جي عبداللطيف چئي، مٽيءَ لڌو مان
ڪوڙين ڪن سلام، آڇي آسڻ ان جي.

چاهت! چوت پتل جي، گهڙي چاهيان ٿو ته ٿي وڃان درباري آرٽسٽ ته ڇا ٿيندو. مزارون ته نهي وينديون هڪ ڏينهن ۾ ٿي باقي به شعر جي ڪئليگرافي! سو به آهي سڀني ۾ هڪڙو! هڪ ٻن ڏهاڙن ۾ ٿي پوندا ڪجهه ڏوڪڙ!

'گدڙ جي سو سالن جي زندگيءَ کان بهتر آهي شينهن جي هڪ ڏينهن جي زندگي' قول آيم ياد پوءِ اهڙي منحوس سوچ من ۾ آڻي جو فيصلو ترڪ ڪري ٿو ڇڏيان. 'درباري فنڪار به ڇڻ ڪتو! پونڪيو ته سليس ڏڪر نه ته بس! اهو سوچي چئي ڏنم پبلشر کي.

"فن جيون وٽي ٿو منهنجي هٿ کان ۽ جيون ملي ٿو منهنجي سوچ مان ۽ سوچي ٿو دماغ! پوءِ جڏهن دل ۽ تين ٿا ضمير ان تي متفق تڏهن تي ٿي تخليق مڪمل! سو ضمير، دل ۽ دماغ کي ڇڏي ڪيئن ٿو ائين ڪري سگهان ڪو گڏه گهوڙو ته ناهيان جو لغام جي هلان اشاري تي."

پبلشر ڪوليو ڪيسو ۽ ڪڏي ڪاڳر ڇپائين، ”ڏس! ادا! تولاءِ ١٥ اسڪيچز جو آندو اٿم ٽن هزارن جو چيڪ اگر تاهي ڏين هفتي ڏيڍ اندر ته ڏيانءِ هينئر ئـي چيڪ اڳواٽ، متان پڪ نه اچئي؟

فنڪار ته فنڪار آ- پڪ به اٿم ته ذلت جي زندگيءَ کان عزت جو موت پلو آهي ان تي ويساه به اٿم پرڪري ٿو وجهم هيلو ڪو واقعو دل کي ڪي قدر بيچان.

جڏهن ويس هيل گهر ته زال روئنهار ڪي لهجي ۾ چيو ته ڏس! آيون هيون سنگتياڻيون گهمڻ، گهر ڏسي ڇپا ون ته آهين ته وڏي فنڪار جي زال ليڪي گهر به چڱو ڪونه ٿو ڏک ٿيو اٿم ڏاڍو. ڏس هاڻي مڙسي ڪرا اهڙي جو گهٽ ۾ گهٽ زماني وارن کي منهن ته ڏئي سگهون.

گهر واريءَ جي ان ڳالهه اتو ڪيو دل تـي، ڏاڍو پـر وري خيال آيو ٻارن جو. هيڏا سارا ٻار! توبهن! توبهن! الله به هٿي ڇڏيو. ڪـن لاءِ هڪ بـه ڪونهيس ۽ ڪـن لاءِ هڙ هٿان. سندس ورهاست کـي وتائي چڱو سڄاتو هو. پـر وري سوچيم ته ان جو ڪهڙو ڏوه؟ ڏوه ته آهي منهنجو ۽ گهر واريءَ جو- نه ڪيون ها ائين تڪڙ ته ساهه هو ڪنهنجو....ڦاٽي ڪان پو ڦتڪڻ ڪهڙو؟ جمي ويا هاڻي ڇا ڪبو! چاهيان ٿو ته درباري آرٽسٽ ٿي وڃان تـه انهن جو ته مستقبل سڌري، نه[تـه اهي بـه اسان وانگر. هون! اسان لاءِ ڪهڙا بوسڪيءَ جا پٽڪا ڇڏيا هئا وڏن جو اسان ڇڏيون پونئيرن جي لاءِ؟ سيڪا پاڻ پلي! باقي

رهي پنهنجي حياتي سو ڪنهن ڪان پني ڪونہ ٿاڪائون نہ ٿي ڪنهن آڏو هٿ ٽنگيو اٿون.

هہ پلٽا، ابتا، سبتا رکي آئي ويس بيايمان دل کي ايمان تي ۽ چئي ڏنم پبلشر کي.

”مان جي اهڙا ڪم ڪيان ها تہ اڄ الائي ڇاڇا ڄان ها! ۽ تون، مون سان منهنجي فن لاءِ ائين ٿو ڳالهائين ها!“

”ڪجهہ وري بہ سوچ!“ پبلشر جي پيهر چوڻ تي پئجي ويس ٽپيءَ ۾! ياد آيم هو مشرف حسين بسڪوٽن وارو هزار رپيا ڏيندو هو هر مهيني، سو بہ وڏ ۾ وڏ هڪ بہ ڏيڙائين نهرائيندو هو. ان سان بہ ان ڳالهہ تي وڙهيس جو هن منهنجي فن ۾ دخل اندازي ڪئي. ڳالهہ هئي ائين تہ هڪ ڏهاڙي بسڪوٽن جي ڏٻي جي ڏيڙائين لاءِ چيائين سو هن چيو تہ هن ڏيڙائين ۾ توکي ڏاهڻو پوندو هڪ شينهن! جنهن ٿي هڪ سوار ۽ ان ماڻهوءَ جي هٿ ۾ بسڪوٽ!“

اڻ ٿيٺي ڳالهہ مون لاءِ پاسيبل ڪانہ هئي جو مان ويهي ائين ڏاهيان ان ڪري. چئي ڏنو ماڻس تہ ائين هرگز ڪونہ ڪندس. باقي جي چئين تہ ان تي چار بسڪوٽ جدا ۽ هڪ ٻالڪ کي کائڻ لاءِ ڏجي! هن منهنجي اها تہ ڳالهہ ميڄي پر چيائين تہ ٻيلا هاڻي ڏيڙي جي سائيڊ ۾ ڇهہ ڪيلا ڏاهي ڇڏيس. جيئن نڪري ڪريم جي علامت ڪيلن مان. پر اها بہ ڳالهہ مون کي نہ آنڙي ۽ ائين ٿهي نہ سگهي سين.

تيز ڏڙ ڪندڙ دل ۾ اوچتو اچيم تو يادا ھڪ دفعي ھڪ تخليق لاءِ چيو ھـڪ مڙسالوءَ گھٽي وڪٽڏين؟ ڪاوڙ تہ ڏاڍي آئي ھئي دل تہ چيو ھو تہ چماٽ ھڻانس پر ڪونہ ھٽي سگھيو ھو مانس! قانون ان جي اجازت ڪانہ ڏني ھئي مجبورن چيو ھو مانس، اڍائي سئو رپيا! مڙسالوءَ جي اک ٽپال– واڇ گودو. تخيل نوجوان پانھن گوڏي تي ۽ ڪنڌ پانھن تي ۽ ان پانھن جي ھڪ ھٿ ۾ جھليل سگريٽ جنھنجو دونھون ان نوجوان کي وڪوڙيو ويٺو آھي ھڪ طرف ڪان ۽ ٻئي طرف مٿي ڪان تصوراتي دنيا ۾ سندس محبوبا آھي موجود جنھن جا وار آھن سندس ٻئي طرف ڪيس وڪوڙيل!

”ھون! ڪمال آ ھھڙا فوٽون تہ ڊائجسٽن ۾ الاھي ساترا ھوندا آھن. انھن رپئي ۾ تہ ملندي آ.

دل بھلائڻ لاءِ سوچيم ھنن کي کھڙي خبر تہ فن ڇا ٿيندو آ– ھن پبلشر کي ٿي ڏسا تجريدي آرٽ جي تہ ڇاڻ ڪانہ ھئس پر گھٽ ۾ گھٽ آرٽسٽ اسٽروڪس تحت ھي زبردست تخليقن کي ٿي ڪونہ سمجھي سگھيو تہ ھي تہ عام ماڻھو آھي.

فن ڇا ٿئي پاسا

باھہ ———— پاڻي

باھہ ڏي تہ تو سڙان —— پاڻيءَ ڏي تہ تو ٻڏان

۽ پو پھاڪو اھو تہ ذلت جي زندگيءَ کان عزت جو موت ڀلو آ. ۽ پوءِ چئي ڏنم آخري پيرو پبلشر کي

”ادا! مون کان چرچ تي ڪونہ ڀڄندو ڪر!“

اتي ڏي ڪيو پبلشر چيڪ ڏن هزارن جو، جو هو صحيح ڪيل منهنجي نالي ۽ ڇڏيائينس ڦاڙي. منهنجي سامهون. چيڪ ڦاڙي پبلشر هليو ويو. مون چيڪ جي ڦاٽل پرزن ڏي ڏٺو ۽ پوء اچي ويو ڪو جذبو ۽ اٿي ڪنيم پنهنجا سڀ اسڪيچ ۽ ڇڏيم ڦاڙي. سلي ويون اهي بہ ٽڪريون هن ٽڪرن ساڻ. پنهي ڦاٽل ٽڪرين کي ڏسي، اچي ٿي مسڪراهٽ لبن تي ۽ گڏوگڏ اچي ٿو هڪ شعر ياد—

مرڻ ڪو مسئلو نہ آهي او سهڻا
وڏي ڳالهہ آهي حياتي گذارڻ!
(اياز گل)

ٿهڪ ڏيو نڪري وڃيم. هون! حياتي! حياءُ ڪٿي وڃاءُ تہ حياتي عيش ۽ آرام لڳي پئي آ. مرڻ وري مسئلو ڏي ڪونهي هن جي نظر ۾. مري تہ ڏيکاري ڪو

هاڻي موت مسئلو نہ هوندي بہ مسئلو تي ٿو پوي!
ڪيئن مرڻ گهرجي؟
مسئلو ڦٽي اٿان ٿو!
درياءَ ۾ ٽپ ڏجي- پر ڪيڏي وڻندا!؟
ماڙيءَ تان ٽپو ڏجي- پوءِ بہ متان بچي وڃجي!؟
آخر ڪجي ڇا؟ ريوالور بہ مون غريب وٽ ڪٿان اچي؟ ڪجي تہ ڪجي ڇا؟

لائيٽ! ها! لائيٽ! رڳو سک ڏيڻ واري لائيٽ! زندگيءَ کي روشن ڪندڙ لائيٽ اڄ موت جي مسئلي کي به حل ڪيون وٺي آهي- اتان ٿو- لائيٽ جي وائرن کي وڍيان ٿو هٿن تي ۽ وڍهي، ڇڏيان ٿو بٽڻ کي ”آن“ ڪري.

ڪنبيل زبان ۽ اسٽين گن

عيسائين جي هن ننڍڙي ڳوٺ ۾ هڪ ڏي مل آهي. مل مالڪ اڄ مل جي آڌو واري احاطي ۾ ڦٿل، اڌ ڪسيل ڇپر تي، اوڪڙو ويٺل مزدورن سان معمول خلاف نهايت سهڻي نموني سان مخاطب هو. هو پندرنهن ويهن منٽن کان مزدورن کي ٻڌائي رهيو هو ته ”سڀ وڌو عيسائي پاڻ ۾ ڀائر آهيون. اسان سڀئي آهيون ته اسان جو فرض آ ته ڏکين عيسائين جي مدد ڪريون. جيڪي ڏکن کان تنگ ٿي پنهنجو ملڪ ڇڏي. اسان ڏي تا اچن. اسان کي گهرجي ته انهن جي هڙئون وڙئون مدد ڪريون. روزگار مهيا ڪريون. ۽ کين رهائش جون سهولتون ڏيون.“

مل مالڪ جهٽ ترسي پاڻيءَ جو گلاس پيئڻ کان پوءِ وري گجندڙ آواز ۾ چيو.

”ڏسو! ڀائرو! چوطرف عيسائيت سڏڪا ڀري رهي آهي. ڪنهنکي کهڙي ڪل ته يسوع مسيح ڪڏهن ايندو؟! سواچو مسيح جي اچڻ کان اڳ ئي مرندڙ ۽ سڏڪندڙن کي سيني ۾ ساندي وٺون. ۽ عيسائيت ۾ ڪجهه روح ڦوڪيون. ٻاهران آيل عيسائي ڀائرن کي ڳاڀي لاهيون. مذهب جي خدمت جو جذبو ته، مان سمجهان

ڻو نه اسان سيني ۾ آهي- مذهب جي خاطر يا مسيح جي چوڻ تحت، چڱي ڪم خاطر اسان ڪي ڇابه ڪرڻو پوي اسان ڪنداسين. توهان جو ڇا خيال آهي عيسائيت جا پوڄاري پادرو!؟"

ڪو جواب نه اچڻ ڪانپوءِ هو وري شروع ٿيو.
"توهان جا خيالات نيڪ آهن. مان سمجهان ٿو نه اڄ اوهان پنهنجي روزگار جي قرباني ڏيئي، نه رڳو عيسي مسيح پر خداوند کي به راضي ڪندئو!"

انهين ڇهن هن پڙهوالي کي آفيس ۾ ويٺل مزدورن کي سڏي اچڻ لاءِ چيو- ٿوري دير ۾ نوڪر سترنهن ماڻهن کي وٺي آيو. جيڪي ٻئي ديس. جا رهاڪو هئڻ ناتي، هن ديس جي ثقافت ۽ تهذيب کان بلڪل اڻ واقف ۽ نيارا هئا. مل مالڪ انهن ڇهن جي هن پاسي ويهارڻ کان پوءِ وري مزدورن سان مخاطب ٿيو.

"ها نه پادرو! اڄ اهو وقت اچي ويو آهي! جڏهن انسانيت ۽ عيسائيت جي ٻرڪ پئي ٿئي. نه توهان مان ڪهڙا ٿا اها قرباني ڏين. اهي اٺ اچن ته آءُ ڪين مذهب پرستيءَ جي نيڪ فرض کي پوري ڪرڻ تي هڪ هڪ پگهار مفت ڏيان. اها پگهار مان به مذهب پرستيءَ جي بنياد تي ڏيان ۽ مون کي يقين آ نه هاڻي مسيح جڏهن به موٽيو تڏهن پهريائين اسان وٽ ايندو."

"اسان نوڪريءَ جي قرباني نه ڇا هر قرباني ڏينداسين مذهب ڪارڻ ۽ پڻ اسان کي پگهار نه گهرجي- اسان

نوڪري مسيح کي راضي ڪرڻ کاڻ تا ڇڏيون هڪ پگهار جي ڪاڻ نه!“ مزدور يونين جي سيڪريٽري اڏين ڇئي مهني مزدورن کي اٿڻ لاءِ چيو- جن پنهنجا بوڇڻ ڇنڊي ڪاهي تي رکي ڳوٺ واري رستو ورتو.

’شمعون!‘ مل اگيان قائم احاطي جي ڪنڊ ۾ شاهبلوط جي وڻ هيٺان بيهي مل مالڪ جي اها مڪمل تقرير ۽ ڪاروائي ٻڌي ۽ ڏٺي. هو رڳجهي پيو. هن جي چهري جو رنگ بدلجي ويو. هن جي ڪنن جون پاپڙيون لال ٿي چڪيون هيون. هن چاهيو ته ٻوڙي رڇي مزدورن کي ٻيهاري، انهن جي اڳو جوش منجهان تقرير ڪري. انهن کي رڙيون ڪري ٻڌائي ته-

”او عظيم قوم جا گڏه فردو! توهان کي ڇا ٿي ويو آهي. هونءَ ته پگهار وڌائڻ جو خصيص معاملو هوندو آهي ته به هڙتالون ۽ مقابلا ڪري وڌرائيندا آهيون ۽ اڄ! اڄ هيڏي ساري بي دخلي ٿي رهي آهي ته توهان ڪنهن احتجاج بغير-ڪنهن به مقابلي بنان چپ چاپ ڳوٺ وڃي رهيا آهيو. اٿو او مرد مجاهدو! هيءَ ڌرتي توهان جي آ هيءَ مل ۽ هن مل ۾ ٺهندڙ ڌاڳو به توهان جو آ. ۽ هن مل ۾ ٺهندڙ ڪپڙو به توهان جو ئي آ. توهان اڄ تائين غافل رهيو. ايتري قدر جو هن ڌرتيءَ جي پرڳڻي جا چند سڪا ڏئي هو ”مل مالڪ“ ڌرتي پنهنجي ڪري ويو. هاڻي هو ئي مل مالڪ توهان کان ٽورڙن پئسن ۾ ڪپه خريد ڪري اوهان کان ڏي ڪپڙو ٺهرائي

اوهان کي ٿي وڏي اگهه تي وڪڻي رهيو آهي. انصاف ته ڏسو خريد ڪرڻ ويل به پنهنجو مقرر ڪيل اگهه ته وڪڻڻ وقت به! ان ڳالهه جو به خبر پر هاڻي هو ڀاهران آيل انهن ماڻهن کي مزدوري ڇوٽو ڏئي ا؟ ته اهي پٽي ڏوڪڙ به هتان جو اصل رهواسي نه کٽي. سوچيو ڪجهه ته سوچيو! اڄ هن انهن کي مزدوري ڏني آ. مان ڇاڻان ٿو ته توهان هن مزدوريءَ کان سواءِ مري ڪونه ويندڙو ۽ مون کي اها به خبر آهي ته توهان وٽ گهڻا ئي ڪتا مذهبي آڙ ۾، توهان جي اڇليل ٽڪر تي پلجي رهيا آهن ۽ پوءِ به اوهان جي گنج ۾ ڪاڪوٽي ڪانه آئي آ، ڇو جو هيءَ ڌرتيءَ ان مسيح جي آ جيڪو خداوند جو فرزند آهي. پر مان سمجهان ٿو ته ڀهراڙيءَ جا ڪتا جڏهن شهر ۾ هرندا آهن تڏهين زنجير به ڇنائي ايندا آهن. اهڙي ئي نموني هنن به جڏهن هتان جو مزو ورتو ته ڀارين ڀڃين هيڏي هايا ايندا. پرهه جي اوهان اک پٽي ۽ کين بک ڏني ته بکئي گدڙ جيان هو اوهان جا احسان ۽ مذهبي رشتا وساري اوهان سان وڙهندي دير نه ڪندا- ان ڪري سوچيو او عيسائيو! سوچيو!! سنڀاليو نه ته اڪيڙجي ويندڙو ۽ هينئر ڏي موتي بيدخليءَ، متعلق جنهن کي مذهبي رنگ ڏنو ويو آ ڇو جو کين خبر آ بنان سبب جي جيڪڏهن اوهان کي بي دخل ڪندا ته نه اها مل ئي رهندي نه مل مالڪ! ان ڪري ئي هو اوهان سان مذهبي آڙ ۾ ڌوڪو ڪري

رهيا آهن پر توڙي جو هو مذهب پاڻي هجن، تورو ان تي ڪبو آهي جيڪو لاهي نه ته ڳاڻي ته صحيح پسر ڪتي جي پڇ کي ڏکيترو به ڪٽي نڙ ۾ وجهو، ڏڳو سوڻي ڏنگو. اسان جي مذهب کان پوءِ آيل مذهب اسلام ۾ به ائين آهي ته جيسين سماجي حالتون ٺيڪ نه هجن تيسين مذهب جو سوچيو به نه!" هن سوچيو ته جيڪڏهن هو ڪين ٻهاري اها تقرير ڪري ها ته هيئنر جو هيئنر نه مل رهي ها ۽ نه مل مالڪا ۽ نه ئي هي نوان آيل مذهبي شودا! اصل هڏي نه ملين ها هڏيءَ ساڻ، لاش سڃاڻپ نه رهي پري!

پر هن محسوس ڪيو ته هاڻي هو تقرير ڪرڻ جي قابل ئي نه رهيو آهي. سو ڇهائين . اگر زبان هجي ها ته ڪيڏو نه چڱو هئن "ڪتن" کي مزو چکائي ڇڏيان ها! پر هاڻي ته هو رڳو افسوس ئي ڪري، ٿي سگهيو. ڇو ڪتاياڻين زبان؟ سوچي ٿو. مصيبتن کان تــه ڇتي پيس پر نه ڪترايان ها ته چڱو! ۽ پوءِ هو ماضيءَ جي کنڊرن ۾ دفنائجي ويو.

"جتي مظلومن ني ظلم ٿيندو ڏسندو هو. اتي ظالم کي ظلم جي اصلي وصف سمجهائي ڇڏيندو هو. زبان سان تقرير ان جو واحد سبب هئي. ۽ پوءِ به نه ٿي ٿي سال سخت پورهئي سان سزا- پورهيو وري ڪهڙو؟ هنئرن سان مارا پيو ڪم وري ٿيندو به ڪهڙو هوس. مارئي مهي سگهندو هو، سا به الائي ڪيئن؟ پر نه! مار کائي

ڪائي نئون نه ٿي ويو هو. وري جڏهن ٻاهر نڪري ته ظلم ڏسي، مذهب ۾ مات ڏسي، هٿڙ ڏسي ڪونه! وري سرڪار جي ته ساڳي ڪار، پر هو مذهبي ماڻهو سو پاڻ کي سمجهندو هو ته مان اهوئي شمعون آهيان جنهن جو ٻيو نالو پطرس آهي. ماڙ اهوئي آهيان جنهن کي مسيح ٻارنهن رسولن منجهان سرفهرست رکيو هو ۽ چيو هئائين ”وڃو! وڃو! جتان جتان وڃو! اهو اعلان ڪندا وڃو ته آسماني بادشاهت ويجهو آئي آهي. بيمارن کي شفا ڏيجو- مئان کي جيار جو- ڪوڙهين کي پاڪ ڪجو- ماڻهن مان ڀوت ڪيڍ و- ڪيسي ۾ پائي پئسو نه ڪئجو ۽ اهو سورو ڪم مفت ۾ ڪجو!“ هن جڏهن متي جي انجيل جو ڏهون باب پڙهيو ته جائي پائي پاڻ کي سمجهڻ لڳو- بيمارن کي شفا- مئلن کي جيارڻ- ڪوڙهين کي پاڪ ڪرڻ ۽ ماڻهن مان ڀوت ڪيڻ ته سندس هٿ وس ڪونه هو پر ڪيس رکو زبان هوندي هئي. ”پياري زبان“ اها زبان! جا تلوار کان به وڌيڪ تيز هئي ۽ جنهن سان جيڪا ڳالهه هن جي وس ۾ هوندي هئي سا ڪندو هو. انسانيت ۽ امن جو حمايتي هو.

سندس هٿ وس هو ته اهوئي جتي جبر ۽ ظلم ڏسندو هو اتي جا بر ۽ ظالم جي خلاف هو. مظلومن کي ڪئي ڪري هڪ زوردار تقرير ڪندو هو. ظالم کي ظلم کان تڏهن ڏي روڪي سگهجي ٿو جڏهن متيس به ظلم ڪري ڏيکارجي. ۽ پوء ٻئي لمحي ۾ مظلوم ظالم کي ظلم جي

وصف ڏيکارڻ ۾ پورا. سرڪار هن کي پڪڙڻ ۾ پوري ۽ پوءِ سزا. هو سزا تي خوش ٿيندو هو ۽ مسيح کان شڪراني طور دعا گهرندو هو ته مسيح! مان ڏاڍو راضي آهيان تنهنجو جوتو مون کي هيڙي زبان عطا ڪئي آ! ته جيئن مان ماڻهن کي ظلم مان نجات ڏياريان.“ گرفتاريءَ کان پوءِ جڏهن سختيون سهندو هو تڏهن هن جا ارادا رهندو اٽل تي ويندا هئا. هو چاهيندو هو ته مون کي ته جيڪڏهن عيسيٰ مسيح وانگر صليب تي چاڙهي ڪوڪا ٺنبيا وڃن ته به ظالمن کي ظالمن جي خلاف اپارڻ کان باز نه ايندس. ڇو جو مان مسيح جي ٻارنهن رسولن منجهان هڪ آهيان ۽ مڪ آهيان يعني شمعون! پوءِ جيڪڏهن مون کي صليب تي ٽنگيو ويو ته ڇا ٿيندو؟ جڏهن هن متيءَ جي انجيل جي ١٨ باب جي ٨-٩ آيت پڙهي ته جيڪڏهن تنهنجو هٿ يا پير توکي گمراه ڪري ته تون ان کي ڪٽي ڇڏ ۽ اڇلي ڇڏ پري، ڇالاءِ جو ٽنهي هٿن ۽ ٻنهي پيرن سان دائمي باه ۾ پوڻ کان اهو بهتر آهي ته تون منڊو ۽ ٽنڊو جنت ۾ داخل ٿين. ۽ ۽ جيڪڏهن تنهنجي اک توکي گمراه ڪري ته اها ڪڍي پري اڇلائي ڇڏ! ڇالاءِ جو ٻن اکين سان دائمي باه ۾ پوڻ کان بهتر آهي ته تون ڪاڻو جنت ۾ داخل ٿئين.“

انجيل مقدس جون جڏهن اهي آيتون پڙهيائين ته تڏهن هن جي دل ۾ هڪ از غيبي خوف پيدا ٿيو ته مان ظالم جو خون ٿيو وهايان. سو آهيان ته

حق ني پر پوءِ به اهو خون هڪ انسان جو ته آهي نه؟ پهلي ان زبان جي ڪري متان مان دوزخ ۾ هليو وڃان، سوچي بنان سوچ جي زبان ڪٽي ويهي رهيو. زبان ڪٽجڻ کان پوءِ هن کي پيو ته ڪ مليو ڇو جو نه هو ڪجهه چئي پئي سگهيو ۽ نه ڪجهه ورائي. ان ڪري نه مظلومن کي پڙڪائي پيو سگهي ۽ نه ئي جهڙ پيو وڃي!! پر پوءِ هن چاتو ۽ پنهنجي ان فيصلي کي جذباتي فيصلو قرار ڏئي ڇڏيو. جڏهن هن هڪ پادريءَ کان لکت ۾ پڇيو ته هن کيس ٻڌايو ته گمراه ڪندڙ عضوي کي ڪٽڻ گهرجي ۽ جڏهن ته تو ته گمراه ڪندڙن کي ئي ڪٽي ڇڏيو. اهو هن جو ڏوهه نه پر ثواب ليکيو!

ان جواب کان پوءِ هن چاهيو هو ته کيس زبان ملي! پر ڏڪل ڪير واپس ڏئي ڪونه ورتو. کيس احساس ٿيو ته ڪاش! زبان نه ڪٽيان ها ته اڄ مل مالڪ به مزو چکي ها! پر مايوس ٿي ويو چاڪاڻ جو وٽس هاڻ زبان نه هئي ۽ نه ئي ملي ٿي سگهيس. هن نه چاهيندي به زبان چوري. زبان چري نه صحيح پر آواز نه نڪتو ۽ پيو هو– ويران صحرا جهان ويراڳي ٿي ويو هو. اوچتو سندس ڳلن تي خوشيءَ جون ريکائون وري آ ون. کيس ياد آيو ته زبان ڪٽجڻ کان پوءِ به هن هڪ ظالم جي ظلم آڏو جهڪڻ بجا ۽ کيس ظالم جي Defionation سمجهائي هئي. انهي هارين کي بي دخل ڪيو هو. هو هارين کي ته سمجهائي ڪونه سگهيو هو پر هو گهر ويو هو ۽ وڃي

اسٽين گن کنئي هٿائين ۽ پوءِ جهٽڪي سان ان ظالم ۽ پورهيتن جي رت مان ٺهيل بلڊنگ جا بنياد لوڏي ڇڏيا هئائين.

اڄ به هو ٽڪڙو گهر وٺو ان لاءِ! گهران اسٽين گن کڻي، چادر اوڙهي، هو وڃو ته ٽائيم اوور ٿي ويو هو. چوڪيدار در تي ويٺو هو رائيفل جهلو! پر هيڏانهن اسٽين گن ڏسي، رائيفل ڇڏائجي ويس هٿن مان ۽ ڪجهه ڪري نه سگهيو. هن کي اڳيان ڪري ڪمري جو در کولائي ان ۾ بند ڪري وري مڙيو مل مالڪ جي ڪوارٽر ڏي پر ڪوارٽر بند هو. هو آفيس ڏي آيو. اتان ڪيس آواز ٻڌڻ ۾ آيو هو پاسو وٺي در وٽ بيهي رهيو ڪيس ٻڌڻ ۾ آيو.

”هنن کي ڪهڙي خبر ته اسان عيسائي آهيون يا ناهيون. ڀلا جي عيسائي سڏائڻ سان روزگار ملي پوي ته پيو ڇا کپي.؟

شمعون جو رت ٽهڪي اٿيو هن کي هاڻي مذهب کان به اجازت ملي، ويٺي هن زور سان در کي بوٽ جو ڌڪ هنيو. در پيڪڙيل هڻ ڪري، پاسي وارين پٽين سان لڳي موٽي آيو ۽ شمعون وري ٽنڊو هٽي درڪوايو. سامهون مل مالڪ ۽ پاسي وارن صوفن تي هو ويٺا هيا سترنهن ٿي، غير مذهب، مذهب ڀائي! سڀ واڻڙا ٿي ويا. شمعون کي اسٽين گن سان ڏسي، سڀ ڏڪي ويا.

شمعون موچيو ته اج جيڪڏهن ڪيس زبان هجي ها ته هنن جي ڪنن ۾ شيهو پلتائي ها! ۽ ڇڇلائي مارين ها پر ـــ ۽ پو گولين جا لاڳيتا وسڪار ٿيا ۽ هو سمورا غير مذهب، مذهبي شودا ڍيري ٿي پنجي رهيا ـ مُلَ هاٿي پنهنجن کي ملندي ۽ زبان جو ڪم هاٿي هن ڪان ونيو! ائين سوچي شمعون اٿين گن کي چمي ڏئي ڪڍي ڇاتي ۽ لاتو ـ

انڊلت ريڪان

مسلمين، ڪرسچن ۽ بوتلون

ٻئي ۽ هڪڙي ڪراڙي عورت بحث ڪندي جنهن ويل ڪائونٽر تي پهتا ته مون ٻنهي کان پڇيو.

”ڇا ڳالهه آهي؟“

”صاحب! اجنبي عورت آهي. ڇهن ٽي ته ڏه بوتلون ڏي ته گهر کڻي وڃان مان چوانس ٿو ته ايڊوانس رکي وڃ ته اهو به نه ٿي رکي ڇئي ٿي ته مان مئنيجر سان ڳالهائيندس.“

”امڙ پو رکي وڃ نه ايڊوانس- ان ۾ ڀلا ڇا آهي؟“

”اي ابا اسين ڪو مسلمين آهيون ڇا جو توهان جون بوتلون کڻي ويندا سين- اسين ته ڪرسچن آهيون ڀائي! اسان کان به ايڊوانس! جهٽ ترسي پرس مان سو جو نوٽ ڪڍي ڪائونٽر تي رکيائين ۽ چوڻ لڳي.

”اڇي پٽ رکي ڇڏ ايڊوانس بس!“

مون هڪ وار نوٽ کي ڏٺو ۽ ٻئي وار ڪراڙي ڏانهن کي ۽ پوءِ ايڊوانس وارا سئو رپيا زوريءَ واپس ڪري ڇڏيا مانس.

ڏنل، ڇنل ۽ ماڏي

قميص جو آڳو مٽي ڪري، پيٽ ڏيکاريندي، ڏنل ڇنل کي چيو ”ڇنل! يار هي ڏس ته اج پيٽ ڪيڏو نه اندر هليو ويو آهي.“ تفصيل ٻڌائيندي چوڻ لڳس، ”ٿيو ائين جو صبح جيڪي مانيون مليون سي وڏيرن جي گهران آيل ٻيدن سان سيٽي، حافظ، ڪاري ۽ مولانا کائي ويا باقي جيڪا بچي سچي سا ٻه طالبن کي ڏئي ڇڏيائون مان جو قاري جعفر جي ڪوٺي صفا ڪري ٻاهر آيس ته قاريءَ گوڏي تي هٿ هڻندي رڙ ڪئي،

”اڙي ڏنل لاءِ ته ماني بچي ئي ڪانه! پوءِ...!؟“

”پو سائين جيئن وڻيوَ!“ ڪجهه وقت چپ رهڻ کان پوءِ قاريءَ وٺي دانهن ڪئي، ”اڙي وڃ! ماستر فضل وارن جي گهران ماني وٺي اها وڃي تون کاءُ!“

ان خوشيءَ مان ڀوڙندو ماستر فضل جي گهر آيس ڏڌ سان ماني وٺي اتي ئي گهڙامنجيءَ تي ويهي کائي ورتس مدرسي-در ٽپڻ سان قاديءَ رڙ ڪئي. ”اڙي ڪانه ڏني ڇا؟“

”ڏني سائين- کائي آيس!“

”ڇاسان ڏني؟“

”سائين ڏڌ سان!“

”ڏڌ سان ته نه هوندي، ڪنهن نالي چڱي سان هئي تڏهن ته اتي ئي کائي آئين نياڳا!“

”نہ سائين ايمان سان ڏڌ سان هئي.“

”پو هتي اچي ڇو نہ کاڌئہ!“

”اها پل ٿي وئي سائين!“

”پـل ٿـي وئي! روز روز پـل، اهـي پلون تڏهن وساريندڙ جڏهن کا سزا مليو! چگو هاڻي منجهند جي تنهنجي ماني بند!! پل تہ خبر پئيو“.“

”ان کري هي ويلو سون کي ماني کاڻ ملي- ڏس نہ پيٽ کيڏو نہ اندر ٿي ويو آ“ ايئن چئي ڏتل وري قميص جو آڳو مٿي کري چتل کي پيٽ ڏيکارڻ لڳو.

چتل قاري آندل جيان ڏتل جي پيٽ کي گهوريندي اکيون ڦمڪائيندي چيو، ”کيڏا ظالم آهن- کنهن جو قدر ئي کونهين- تون تنهن مهل پڏائين ها تہ مان پاڻ واري ماني تو کي ڏيان ها!!“

ڏتل چتل جي اکين ۾ ڏسي ڪجهہ محسوس ڪيو ۽ پو کنڌ هيٺ کري چڏيو.

O

نوجوان، پوڙهو ۽ جمع نماز

اوپڊو شهر ! اوپري شهر ۾ اوپرو هو- سودو سامان وٺڻ آيو هو سو منجهند ٿي ويس- جمع هئي ناتي سو چيائين تہ جمع نماز هتي ئي پڙهان! هوڏانهن هوڏانهن نهاريائين ويجهو کا مسيت نظر کانہ آيس. هڪ نوجوان کي بيهاري پڇيائين.

”ابا کا ويجهي مسيت پسيت آهي؟“

نوجوان سوال ڏانهن ڪو ڌيان نہ ڏنس، سونهاريءَ ڏان پيرن تائين نهاري چيائينس.
”قبلہ چپل نہ نئين اٿو! ڪو بوٽ ھوٽ ڪيهو چا؟“
نوجوان جي جملي جمع نماز پڙهڻ تان ئي دل ڪڻائي ڇڏيس.

O

ڪٿي چور سپان...

.... ۽ ايڏو عرصو رهڻ ڪان پوءِ بہ جڏهن جواب انڪار ۾ آندائين تہ مائس مچرجي پئي، ٻاهہ ٿي وئي، ڪاوڙ مان رهڙبندي چيائينس، ”فاطما وارا ڪالهہ آيا انهن کي بہ جاهہ ملي وئي ۽ ....“
”وٽس هڪ بالغ ڌيءُ هئي! ۽ پاڻ عاقل هئي امان! جملو ڪٽيندي، وڻ جي ان جملي مائس جي ٻاهہ جهڙي جوش ٿي پاڻي وجهي ڇڏيو !!“

O

آڌي رات

چرڪ ڀري اٿي ٿو پوان- مٺڙي مٺڙي ننڊ نوڪريءَ جيان کسجي ٿي وڃي- ذهن تي زور ٿو ڏيان- ياد ٿو اچيم تہ ڪوئي خواب ڏسي رهيو هئس. ڪهڙو خواب هو؟ سو وساري ويٺو هئس! اوچتو سنهڙي سنهڙي موسيقي منهنجو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪائي ٿي وٺي- ڪن ڏئي ٿو ٻڌان تہ اهو موسيقي صفحي جي پٺيان واري ڪمري مان اچي رهي هئي.

سوچ ۾ پوي زور پچنديءَ پيائين به ياد نه ٿو اچيم ته ان ڪمري ۾ ڪير ستل آ؟ ڇو جو مان صبح جو ساجهر گهران نڪري سڄو ڏينهن نوڪريءَ جي تلاش ۾ رلندو رلندو رات جو نوين ڏهين وڳي ته گهر ايندو آهيان.

اوچتو ساز بند ٿي ويو. گهڙي گذرڻ بعد وري هڪ فلمي رڪارڊ ٿو وڄي. وهائي هيئان ٻيڙي ڪيڏي ماچيس ڪڍي نيلي دکائي ٽائيم ٿو ڏسان. ”هڪ لڳي ڏيهه منٽ!“ ”آڌيءَ جو ڪنهنجي ڦتي آ جو فلمي رڪارڊ پيو ٿو وڄي!“ ٻن جي ٻوڙيءَ مان وڏو سوٽو هڻندي سوچيان ٿو. ٻيڙيءَ جي دونهين کي جواب ڳولهڻ لاءِ هوا ۾ ڇڏي ٿو ڏيان پر ڪجهه وقت تائين ڪو مطمئن ڪندڙ جواب ڪونه ٿو ملي. دل ۾ اڻ تڻ تيز ٿي ٿي وڃي. اٿي ڪمري جي در وٽ اچي ڳڙڪيءَ مان اندر ٿو ڏسان اندر سوڙ ۾ ويڙهيل هڪ جسم ڪتاب پڙهندي نظر ٿو اچيم. ڪافي ڪوشش کان پوءِ سمجهه ۾ ٿو اچيم ناول هئس ”شاديءَ جا ڳجهه“ سوچيم ته شايد مون وارو ننڍو ڀاءُ آهي پر ان وقت جسم پاسو ورايو ۽ مان اهو ڏسي دنگ رهجي ويس ته اها منهنجي وڏي، بالغ پر ڪنواري ڀيڻ هئي.

O

شوق

— ان ڪانسواءِ جيڪو چئين سو حاضر ڪريان جاني پر اهو ڪم مون کان وڏو آ!

o آخر ڇو؟

– چاڪاڻ ته اهو ڪڪڙ منهنجو ڪونهي! منهنجي پٽ جو آهي ۽ هن شوق سان نپايو آهي!

o معنيٰ ته تون منهنجي ڪابه فرمائش پوري ڪانه ڪندين نه!

– ڪندس ڇو نه؟ سڀ پوريون ڪندس سواء ان هڪ جي!!

o ڏس مون پهريون انگل ڪيو، اهوئي پورو نه ٿيو ته اڳتي ٻيو انگل ڪندي شرم ڪونه ايندو؟

– مون کي شرمندو نه ڪر جاني- ڪڪڙ ڇيو مانء نه منهنجي پٽ جو آ. مون ان کي گهڻو منٿون ڪيون ليڪن هن نه مڃيو تون منهنجي جان ڇئين ته اها ڏيانء ٻر-

o هو تنهنجو پٽ آ- تنهنجي پٽ تي به نه ٿي هلئي ته ڪنهن تي هلندئي؟

– شوق شوق آ پياري! شوق جي ڪا قيمت نه هوندي آهي-

شوق ڪنهن رشتي جي شناس ڪونه ڪندو آهي-

o چڱو پلا- جي اهوئي ڪڪڙ سياڻ پر همئن توکي هت نظر اچي ته پوء-؟

– اها اڻ ٿيڻي ڳالهه آ!"

o پو جي اڻ ٿيڻي، ٿيڻي ٿي پوي ته-؟

– ته سمجهندس ته- اهو منهنجو ڦر ٿي ناهي!!

o چڱو ڏسجان-

- دل ٿي چوي ته توتان سڀ ڪجهه واري ڇڏيان پياري!

o اٿئي ڇا؟ جو واريندي؟

- جان نه آهي.

o ٻيو ڪجهه؟

- ٻيو ڪجهه ڪنديئن به ڇا؟ پئسا! سي جيڪي چئين سي-

o هڪڙو ڪڪڙ گهرجي!

- هڪڙو نه؟

o ها!

- حاضر! حڪم ڪپي ٻه'ري! هڪڙو اصيل ڪڪڙ آهيم. ننڍي هوندي کان تانيو اٿم- اصل جان کان پيارو آهي پر تو کان ڪا شئي رکڻ جهڙي- پڌا! بابي گهريو هو ان کي ٿي جواب ڏئي ڇڏيم پر هاڻي تون تـه سر جي سائي آهين نه! اصل هينئر ٿي تو ڪٽي اچان-

O

آخري نوٽ

مون واري پڪهار مان آخري ڏهين جو نوٽ ڪڍي امان مون کي ڏيندي ٻارت واري لهجي ۾ چيو ته "ابا مڙئي ٻارت اٿئي، ڪا سستي ياڇي. باقي پئسن مان هڪڙي چانهه جي ننڍڙي دٻڙي ۽ ڪپڙن ڌوئڻ وارو صابڻ به آڻجان."

امان جي حڪم ڪي اکين تي رکي ڇلي ڪٺي گهر کان ٻاهر نڪتس، درتيپي وڪڙ ڪٽي حسن حجم واري حڪيم خاني واريءَ گهٽيءَ ۾ پهتس ته سامهون تي دوست منهن چڙهي ويا. اک جي پڪاڻي ڪري نٺائن چاهيم پر انهن منجهان هڪڙي رڙ ڪري چيو.

”او عثمان! اسان توڏانهن پئي آياسين ٻن مهينن کان پوءِ ئي ته هفتي جي موڪل ملي اٿون سو ڳوٺ آياسين. اڄ سوچيوسين ته مڙئي سنگتيءَ وٽ سلام ڪري اچون سو آياسون!“ چوندو، اورتي هلندو آيو.

”ڀلي ڪري آيا جي آيا- اکين تي. وس آهر خدمت ڪوڙ! دوست آهيو قسمت سانگي آيا آهيو سو ڪو ايئن ٿوري اوهان کي ڇڏبو.“

”بس دوست آياسين رکو تنهنجو منهن ڏسڻ ٻي خدمت جي ڪا ضرورت ڪانهي بس گرمي ڏاڍي آ. ان ڪري رکو بوتل جي توکي زحمت ٿا ڏيون. بس وري هينئر ئي حيدرآباد پيا وڃون جو موڪل به اڄ پوري ٿيڻ واري آ.“

منهنجي منهن جو پنو ئي لهي ويو پر پوءِ به مڙئي دوستن سان منهن ڏيڻو پيو سان اڳيان ٿي کين غريباڻي هوٽل ڏانهن وٺي هلڻ جي ڪوشش ڪئي ته ڏنل اعتراض واريو.

”هتي ته ڪو ساز، آواز ئي ڪونهي- هوڏي سچل سرمست هوٽل تي ٿا هلون“- مون سوچيو ته هتي سوا

ٻي رپئي ملي ها بوتل! پر خير هائي جتي اٺ ٽري اٽي پيچ ٻه ٽري۔ سو ڪسارا ٿهڪ ڏيندي پٽائي بازار مان ٿيندا اچي سچل سرمست هوٽل تي ويٺاسين۔ چاڪر چانڊئي جي فرمائش ڪري بوتل جو آرڊر ٻه پاڻ ڏنائون ڇئن بوتلن جا ڍڪ کليا، پاڇيءَ جي ٻاقي جيان بوتلن مان گيس نڪرڻ شروع ڪيو- چاڪر جا ٻه ڪلام ختم ٿيا ته بوتلون ٻه خالي ٿي ويون- اٿياسين دخل تي ڏهه رپيا ڏنم- آس هيم ته رپيو موٽندو پر بوتل جو ادائي رپئي جي حساب سان بل ڪٽيائين۔ مان سائين امتنمد تي آيس۔ هو موڪلائي بس چڙهي ويا ۽ مان چليءَ ڏانهن ڏسندو ئي رهجي ويس۔

مئل وجود

چاول وجود

رات راڻيءَ جي سلطنت اوج تي! ٻارنهن ڪان ٿاڻيم جو مٿي! چنڊ ٻه مٿي ڪونه! چوڏس اونده۔ ۽ اهڙيءَ ويل 'هو' سوچن ڪي سفر ساٿي ڪيو ٽڪڙيون وڪون ڪٿي اڳتي وڌي رهيو هو. ڪنهن جي ٻه احساس ٻنان.

اوچتو آواز "اڙي!۔ او۔ هيڏانهن." هو آواز ٻڌي ٻه ڪن لاٿار ڪيون ٽڪڙو ٽڪڙو هلڻ لڳي ٿو.

"او ڪميڻا!۔ ٻيهي رهه اتي جي عزت ڪان ڪڙهين ته۔ ٻيهي رهه!" آواز سندس ويجهو ٿيندو پئي ويو. ۽ هو جو آواز ڪان پري ڀڄڻ جي ڪوشش ۾۔ وکن تي زور.

"ذليل۔ تون ايئن نه مڙندي۔ توکي موچڙا لڳن ته پوءِ سڌرنديون"

ڪير آهي جو ائين ٿو چوي ڪيس. چانڻ جو اڌساهه هوندي ٻه الائي چو نه ٿو چاهي ڪيس ڏسڻ يا پسڻ.

"مون ڪان ڪيستائين ڀڄندو رهنديں ٻيڻان جوءِجا...."

زال تي گار! ٻاراڻي اوسٽا ڪان چڙهي ويو آ ان ڪري

هاڻي ماڻهو تي گار پئي اهو ڀرپور رد عمل فطرتي طور تي نه ڏيکاري ٿو سگهي ۽ تنهن ايج ۾ ڪونهي [اولاد ڪونه اٿس] جو ڪو ڏيهه تي ڏنل گار تي ڌرتي مٿي ڦي ڪٽي. باقي آهي پنهن ڇمار ۾- تنهن ۾ اهڙي گار! چاهي ٿو ته مٿو ڦاڙهي رکانس- پر زهر سرڪي پي ٿو وڃي وقت جي احساس ڪارڻ.

”مان پڙايانه ٿو- ٻيهي رهه اتي نه ته مون کان ٻچڙو پيو ڪونه اٿئي!“

وقت جو احساس! پيو ڪوبه احساس ڪونه اٿس ان کان اتم- ان ڪري ٻڪندو ٻوڙند ٿو رهي. اڳتي وڌندو.

”پنهنجي زندگيءَ کان بيزار آهين ڇا؟- چوانه ٿو ٻيهي رهه!“

هو سوچي ٿو! ٻيهي رهان! پر اندر واري لوڪ ڪيس ٻيهڻ کان روڪيو ۽ هو ڏڪي وري وڌندو رهيو.

”ڪڇر جا پٽ! پيٺان! ڏسجين ڪو وڏو ڏاڙيل ٿو! پر ترس ٿوڪي ڏاڙيل ۽ نه ڏاڙيل جي خبر ڏيان ٿو.“

پوئين ماڻهوءَ جي ندمن جا آواز ڇتا پڌجنس ٿا- تڪڙا تڪڙا- ۽ هو پاڻ به ان نسبت سان قدمن جي اسپيڊ ۾ ڇنج ٿو آڻي. هاڻي هو ٻوڙي رهيو هو پنهنجي پوري طاقت سان. سندس قدمن جي آواز سان هم قدم سندس ساهه جو آواز.

گهڙيءَ لاءِ سوچي ٿو ته ٻيهر ڪيس صحيح حقيقت ٻڌايان پر وري سوچي ٿو ته پهلي متان....

هو ڊوڙي رهيو آهي— تيز— بلڪل تيز. هاڻي ڪيس ڳالهائڻ جو آواز نه پر رڳو قدمن جو آواز چٽو ٻڌجي ٿو— چاهيندي به ڪنڌ ورائي 'ڪيس' ڏسي نه ٿو.

اوچتو لڪڻ اچي لڳو سندس ٽنگ ۾. هو پوءِ به سور کي محسوس نه ڪري منڊڪائيندو ڊوڙندو رهيو—

هڪ ٻيو پڪو سر جو اڏڙ اچي وري سندس ٻيءَ ڄنگهه کي لڳو. هلڪي رڙ ڪري ويهي رهيو ۽ وري اٿي ڊڪڙي ڀڄڻ جي ڪوشش ڪيائين پر ناڪام! تيسين هو اجنبي به اچي ويو.

"اڙي ماڻهو جا— ڪير آهين؟"

"سائين! مان— مان—!"

"مان جا پٽ پيٽان! ٻڌاءِ ڪير آهين؟"

"سائين مان!"

"هان ته تون چور آهين!"

"نه سائين قسم الله جو نه—"

"ته تون لوفر آهين؟"

"نه سائين ايمان سان مان غريب آهيان."

"غريب جي معنيٰ جي خبر ٿئي ڙي؟"

"نه سائين—!"

"ته پوءِ هل ته ٿاڻي تي هلي تو توکي ٻڌايان."

"سائين قرآن ميڙا آڏو! هيئنر ڇڏيو— اگر ڇڏيو ته

مان صبح جو پاڻهي ايندس- پر هينئر ڇڏيو سائين-ضروري ڪم آهي!"

"هان- مان ۽ توکي- تو جهڙي بدنام رهزن چور لوفر ڌاڪو ۽ داداگير کي ڇڏيان- اڙي هوء جيڪا ڪالهه ڦر ٿي هئي انهي ۾ به تون هئين نه!- هو ڏيون ڏينهن وڏيري هوت خان جا ڏاند به تو ڪاهيا هئا نه؟- مسين هٿ آيو آهين- اسان ته توکي آسمان تي پئي ڳولهيو. پيٽان هڪ رات به نه ٿا ڇڏيو- هاڻي تڙهانڪي چڱيان ٿا ناهيون- اڙي توهان سمجهو ڇاهي پاڻ کي. چور چور جا پٽ پيٽان!"

"سائينز- سائين- ڪم سان-."

"ڪهڙو ڪم اٿئي ڙي هن مهل ڏاڙي ٿو وڃين- هل نه تنهنجا 'ڪم' ٿا 'ڏي' ڪيون.

"سائين منهنجي زال جو-"

"- توکي به ته تنهنجي زال کي به!"

"سائين الله جو سنهن منهنجي زال جو ويم ٿي رهيو آهي"

"پو تون ڪيڏانهن ٿو پيو داداگيري ڪندو وڃين- اڌ رات جو"

"سائين دائي- کي-"

"هان! نه توهان جي دائي شهر مان پڇي وٺي ڇا؟"

"نه سائين غريب آهيون- شهري داين سان پڄي

نه ٿا سگهون ان ڪري- ڀهراڙيءَ جي دائيءَ ڏي ٿو وڃان!"

"اڙي رات جو پار نه چور ڇٽيندا آهن-چوريون به نه رات جو ڪندا آهن نه-ها-تون به چور آهين چور چور جو پٽ هل نه تنهنجوءِ تنهنجي زال جو به آپريشن اتي ٿا هلي ڪيون!

"سائين هوءَ- هوءَ-"

"— پٺي ماهه جي —"

"سائين هوءَ ته پي مري ويندي!"

"وڃي- ٿي چڙهي- پيٺان وڏم جو منهن ڪندا وتو ٿا چوريون ڪندا."

"سائين چوري ڪٿي؟"!-

"اڙي هل! اگهتي ٿي ته سڀ تو سڃيون ڏڪرايانءِ!

"سائين- خدا دي مهابي!"

"بس ڪر سائينءَ جا پٽ پيٺان ڪميٺا اگر تون اشراف هئين ته پهرئين چونه ٻيهي رهئين."

"هوءَ سورن کان تڙپي رهي هئي ان ڪري-

"اکو مري وڃي- اٿي هل هيڏي!"

"سائين-"

"اڙي اشرافت مان ڪونه مڙنديون!

• پو 'هن' لڪي کنيو • اڇي ورتانئنس ڪوناڏو سڄو رستو- نه سڏ نه وراڻي- مار تي مار- لڪي تي لڪي جو زپڪو- رڙ جو زور-اٺ جو زور، لٺ جو زور اگهتي وڏيل- پاري- خاموشي. رڙين کان توبهه!- ٻاهر ٻاڦ نه نڪري- اندر ڳري پيو- جهري- اصل رجهي-

مار جي ڪري نه ته به زال جي غم جي ڪري! بس رکو اکين ۾ ٻوڏ!"

اوچتو اکين واري ٻوڏ سڪي وئي- ور ڏئي، ڪَرُ موڙي هٿ وڌائي، 'هن' جي هٿ ۾ جهليل نيٽ جي لڪڻ ۾ وڌائين. هٿ کي جهٽڪو! لڪڻ سندس هٿ، هٿ کي ڦيرايائين- الائي ڪٿان ايڏي شڪتي اچي وئي سندس هٿن ۾- اعتبار ڪرڻ حد کان به وڌ!- هو هٿن کي هلائڻ لڳو ۽ ٻئي لمحي 'هن' زڙين کان بس ڪئي ۽ پوءِ جهڪي ڏيري تي پنجي رهيو-هو متانس جهڪيو ڪا سوچ ايندي ئي- سوٽ بشرٽ جا کيسا کوليائين. پنجاه رپيا ۽ هڪ اڌ رپين سان ٻيو ڪجهه ريجو. هن کين چميو هن دور جي عبادت تحت. ۽ پو منڊڪائيندو دائيءَ ڏانهن وڃڻ لڳو.

دائيءَ کي وٺي موٽيو ته "اتي" هو ڪونه هو. کيس اتي نه ڏسي ڏاڍو گد گد ٿيو من ۾ ۽ دائيءَ کي ڪنيڙ کان هٿ وجهي گهليندو اڳتي وڌندو رهيو-

گهر جو در پٽي آيو- ڪمري جي ٻيڪڙيل در جو ڦاڪ پٽيائين ته کيس پريان وڇايل بستري تي رت جي وڏن وڏن داغن سان گڏ سندس زال جو بي جان جسم پيو هو ۽ اوريان نئون چاول ٻار ڦٿڪيون هڻي رهيو هو!- روئي رهيو هو- رڙي رهيو هو- پڪاري رهيو هو-

— -

ڪنڌ جهڪائي بيٺل سچ

ٽين وڳي آئينس ڊيٽم کان پوءِ، پيٽ ۾ پوليس گهيرو ڪري ويئي هئي. دل مان، ٺڪ ٺڪ جي آواز ٻدران ٻڪ ٻڪ جو آواز اچي رهيو هو. وڪن کي تيز ڪري، آخري وڪڙ ڪٽي، جيئن ئي گهر واري گهٽيءَ ۾ پهتس تيئن ڪجهه کهرا کهرا آواز ٻڌڻ ۾ آيا. خيال ڏئي آواز ڏانهن ڌيان ڏنم. سمجهه ۾ آيو- اهو آواز اسان جي گهر پرسان رهندڙ سياستدان جو هو. آواز ٻڌندو ته روز هئس پر اڄ الائي ڇو دل چيو ته چڱيءَ طرح ٻڌان- ته هو ڪهڙيون ڳالهيون ۽ ڪنهن سان ٿو ڪري. پر گهٽيءَ ۾ پرائي گهر جي در تي بيهڻ سو به سياستدان جي گهر جي در تي، سٺو نه ڄاتم. ٽڪڙ ٽڪڙ ۾ پاڻ واري گهر جي ڏاڪڻ چڙهي، در ٽپي، اندر اچي، ڪوٽ لاهي، ٽنگڻيءَ ۾ ٽنگي، سڌو هڪ ڇاريءَ واري جاري وٽ پهتس، جتان سياستدان جي گهر ۾ رهندڙ عورتون مون واري گهرواريءَ سان، ڪڏهن وري مون واري گهرواري به ڳالهائيندي هئي ساڻن. آواز ٻڌڻ کان اڳ ۾ سوچيم ته ڏسان ته اسان وارو سياستدان ڪنهن سان ڳالهائي رهيو آهي. هڪ اک ٻوٽي، ٻيءَ اک کي جاري جي پاسي واري سوراخ ويجهو

آئي، اچان ڏسان ڏي ڏسان ته، تن ڏهاڙن جو سڪل سپاٽو اچي تڪڙ تي لڳو ۽ آواز آيو.

”مٺا ماريا! شرم ڪونه ٿو اچئي؟ پنهنجن ننگن هوندي پراوا ٿو تڪين اچي ۽ اجي ڪريو آهين. ان ڪان ته ڇگو اٿئي ته ڏيکٽي ۾ ڏيک پاڏي وڃي پڌي مرے!“

آگر ڇپن تي رکي ڪيس ڳالهه سمجهائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪيم، هن جو آواز بس ڪونه ٿيو. سوچيم ته وڃي ڪيس ڳالهه سمجهايان سڙ، اٿي اچي ڪيس پاڪر پاڏي، وٺي ڪمٽ تي ويهاري چيم، ”ڇري! اج سياستدان جو ڳالهه، روز ڪان ڏاڍيان ٿو اچي سو ڏسان ٿو ته ڪنهن سان ٿو ڳالهائي ۽ پڌان ٿو ته ڇاٽو ڳالهائي.“

”هان.... !“ هن هڪدم ڏکي پڻسي واري درخواست کي خلاف دستور سمجهي ورتو- مان اٿي وڃي، وري جاري وٽ ويهس وري ساڳي جيان اک پوٽي اندر نهاريم. اندر مونکي ٻه ڇٽا ڏسڻ ۾ آيا هڪ پاڻ وارو ”ولائتي سياستدان“ ۽ ٻيو انگريز آهي ڪو. شايد! هتي ڪنهن نوڪري پوڪري ۾ مون ڪيس ڏٺو ته آهي.

اک جاري تان هٽائي، ڪن جاري تي رکيم ۽ ڏيان کي جاري مان اندر ٽپائي ڇڏيم. ها! آواز آيو.

”تون مونکي هن ملڪ جيان بي ترتيبو پيو لڳين“ انگريز ڪنهن ڳالهه تان ٽوڪ ڏيندي چيو.

”اها هن جي توهين آ!“ سياستدان گنڀير لهجي ۾ چيو.

”نہ اها هن تي تنقيد آ ۽ جيڪو پاڻ تي تنقيد برداشت نہ ٿو ڪري، سو ڪڏهن بہ جيئرو رهي نہ ٿو سگهي. انگريز ڪيس سمجهائيندي چيو.

”اهو ڪوڙ آهي مسٽر رابرٽ!“ سياستدان چيو.

”نہ اهو سچ آهي ۽ تاريخ ۾ سونهري اکرن سان لکيل آهي.“ رابرٽ جوش مان چيو.

”تاريخون ڪوڙيون هونديون آهن ۽ انهن جو بنياد نسوري ڪوڙ تي ٻڌل هوندو آهي- رابرٽ!“ سياستدان سمجهائيندي رابرٽ کي چيو.

”اهي مسلمان تاريخدانن جون مسٽر ”ڏتل الحق صاحب!“ رابرٽ سمجهائيندڙ لهجي ۾ سياستدان کي چيو.

”توهانجي مذهب جي باري ۾ ڀلا ڪجهہ ٻڌاءِ؟“

”منهنجو مذهب محبت ۽ منهنجو دين دوستي آهي!“ رابرٽ فخريہ انداز ۾ چيو.

”ڇنبو پوڇيندو آهين؟“ ڏتل الحق ڪانئس پڇيو.

”ها! پوچيندو آهيان تنهن ڪري تہ بي فڪر ۽ خوش پيو گذاريان- تون بہ پوڇين.“

”اهي منڪرانہ ڳالهيون آهين!“ ڏتل الحق جوش منجهان رڙ ڪري چيو.

”مسلمان تي رهندين تہ بڪن وگهي مرندين!“ رابرٽ

اسلام جي هنن هٿ ٺوڪين ۽ مفاد پرست مسلمانن ڪي ڏسي اهو رايو قائم ڪري، ڪيس ٺوڪيندي چيائين.

”مان شهيد سڏبس!“ ذڪل الحق لاڦ هنئي.

”توهان جي مذهب ۾ شهيد ڇاکي چئبو آهي؟“

”ان کي جيڪو اسلام جي راهه ۾ ماريو وڃي!“

”پوءِ جيڪو دوستي ۽ محبت جي راهه ۾ ماريو وڃي سو به شهيد چئبو ڇو جو اسلام اوهان جو دين ۽ محبت منهنجو!“

”ڀلا ٻڌا! جنهن جو ڪاڻجي ان جو ٽورو لاهجي نه ته ڳاڻجي ضرور!“ اهو پهاڪو ڪيتري قدر جائز آهي؟“ رابرٽ مٿين وضاحت کان هڪدم پوءِ ڪائنس سوال پڇيو.

”سورنهن ئي آنا!“ سياستدان وراڻيو.

”پوءِ هتان جو ڪاڻي ٽورو لاهيو نه ته ڳاڻيو ڇو نٿا؟“

”باقي سياستدان جي معنيٰ ڇا؟“

”ڇا انس معنيٰ؟“

”اهائي ته هر ڳالهه جي ابتڙ- جيڪا ڳالهه اسان چاهيون سا نٿي-!“ سياستدان چيو.

”ڪو سياستدان آهين؟“ رابرٽ ڪائنس پڇيو.

”ڪو شڪ-؟“ ذڪل الحق چيو.

”نه شڪ ته ڪو ڪونهي، پر .... ها! ڀلا اهو ته ٻڌاءِ ته سياستدانن وانگر سختيون سهون ٿا؟“

”سياستدان ۽ سختي-! ڪهڙي ملڪ جي ڳالهه پيو ڪرين؟“

”مان جنهن ملڪ ۾ رهندو آهيان ان جي ڳالهه ڪندو آهيان- ۽ نه اوهان وانگر!“

”هان! يعني هتان جي سياستدانن ۽ سختيءَ جي ڳالهه پيو ڪرين.“

”ها!“ رابرٽ وراڻيو.

”ها! مون اهڙيون سختيون تمام گهڻيون ڏٺيون آهن!“

”مثلاً—؟“ رابرٽ تفصيل پڇڻ لاءِ ڪاڻس پڇيو.

”مثلاً مان ڪنهن پارٽيءَ ۾ ڏسندو آهيان ته منهنجو قدر نه ٿو ٿئي- يا لڳي نه ٿي ڪرائي وڃي ته مان ٻي پارٽيءَ ۾ هليو ويندو آهيان. هڪڙو وڏو وڪيل پنهنجي بلي ڪري ڇڏيو اٿم. سال ۾ پنجاه هزار رپيا وٺندو آهي مون تي ڪو به ڪيس ٿيڻ کان اڳ ڏي ڪهڙي به نموني ان جو ڪو نه ڪو بندوبست ڪرائي ڇڏيندو آهي. ملڪ جو چڱو موچارو سياستدان هوندي به ڪڏهن جيل جو جو دروازو ڪو نه ڏٺو اٿم....“

هو چوندو رهيو. رابرٽ ان ۾ سندس ڳالهه ڪٽيندي چيو

”مان سختيون پڇي رهيو آهيان. جناب!“

”۽ مان به سختيون ئي ٻڌائي رهيو آهيان- رابرٽ!“

”اهي سختيون آهن؟“ رابرٽ ڪاڻس پڇيو.

”پيو توهان کي اهي نظرئي ڪو نه ٿيون اچن!“

”مون کي ته انهن ۾ سختيءَ واري هڪ به ڳالهه نظر ڪا نه آئي.“ رابرٽ عجب ۾ پوندي چيو.

”تون سختي ڇاکي چوندا آهين؟“ سياستدان ڪائنس پڇيو.

”اسان ان کي سختي چوندا آهيون جنهن ۾ سياستدان کي پنهنجو مقصد ڪان هٽائڻ لاءِ، ٻڪون ڪاڙايون وڃن. جيان ۾ بند ڪيو وڃي، ڪان جي ٽاڪن تي رکي ڪليون هنيون وڃن- ٻجليءَ جون شاڪون هنيون وڃن- ذهني توڙي جسماني ٽارچر رسايا وڃن. سياري ۾ برف جي ڳنڍين تي سمهاريو وڃي ۽ اونهاري ۾ ڪين لڳڻ اگهاڙو واريءَ تي!“

”معاف ڪجو! اوهان ڪنهن ’ديسي‘ سياستدان جي ڳالهه پيا ڪريو!“

”اوهان جي ڪتابن ۾ ’ديسي ولائتي‘ جپاني، عربستاني ايراني سياستدان ۾ فرق آهي ڇا؟

”جي— اوهان فرق پيا پڇو؟“

”ها! ها! مان فرق پيو پڇان“ رابرٽ چيو.

”هين سڀني ۾ ڪونهي سواءِ ’ديسي ۽ ولائتي‘ جي.

”ڪهڙو فرق آهي ديسيءَ ۽ ولائتيءَ ۾!“

”اوهان واريون ٻڌايل سڀ سختيون اهي سهندا آهن“ ذوالحق چيو.

”۽ ايهان—؟“ رابرٽ ڪائنس پڇيو.

”اسان واري تو تاريخ ڪانه پڙهي آ ڇا؟“

”نه!“

”پو پڙهه نه!“

”ڪهڙي؟“ رابرٽ پڇيو.

”ڪاڻ!؟“ ذڪي الحق وراڻيو.

”نيٺ؟“ رابرٽ زور ڀريو.

”ملڪ جي مڪمل تاريخ!“ ذڪي الحق مجبور ٿي ڪيس ٻڌايو.

”اها ته پڙهيل آ.“ رابرٽ چيو.

”ته به تو فرق محسوس نه ڪيو؟“

”نه!“ رابرٽ افسوس سان چيو.

”تو ان ۾ ڪٿي ڏٺو ته وڏي ۾ وڏو ولائتي سياستدان ڪڏهن جيل ۾ ويو—؟؟ جيل ۾ ويندا اهي جن کي سياستدان جي معنيٰ ئي ڪانه ايندي آ— اسانکي خبر آ ته ڏس پئون ٿا— منهن کان آخر ڏائين—!“

”ها! يار! واقعي اهو به ڪونه ڏٺو هو جيل!“

”پو! ذڪي الحق لباڙ هڻندي چيو.

”پوءِ تون به انهن مان آهين ڇا؟“

”توکي هاڻ خبر پئي آ؟“

”اڳ ۾ خبر هجي ها ته سنگت رکان ها!“ رابرٽ چيو.

”ڇو؟“ شڪي ٿيندي سياستدان چيو.

”ڇو—؟ مون کان تو پڇين؟ اوهان اهي ئي ته هيو، جتي ڪل ماڻي ڏٺو اوڏانهن ڊوڙندا ويندا آهيو.

وري اتان ماني وٺي جتي رڌل ٻوڙ ڏنو وري اوڏانهن-!“ رابرٽ کيس سندن ڪرتوتن جي باري ۾ ٻڌايو.

”ڇئين سچ تو يار!- پر! ڏس پنهنجن جي ڳالا ڪبي آ-“ ذڪل الحق کيس سمجهائيندي هيٺائين نوع ۾ چيو.

”مون سچ چيو آ- چوان ٿو- ۽ چوندو رهندس!“

”نہ ڏس، ڏاهو ٿي سڌري وڃ- متان پنهنجي ملڪ وچي اسان جي ڳلا ڪرين!“

”اڙي- مان سڌران! هون! مان ٽوڪي سڌاريندس ۽ سنگت ۾ دوست کي سڌارڻ وڏي ڳالھ ليکبي آ.“

”ٻڌ— نہ مڙندين تہ اسان کي تو کي سڌارڻ جو طريقو بہ ايندو آ؟ ذڪل الحق جذباتي نوع ۾ چيو.

”ڪهڙو؟“ رابرٽ پڇيو.

”قلم ١٢٣ الف!“

”مطلب؟؟“ رابرٽ تفصيل پڇيو.

”مطلب: ڏوهہ، بغاوت ۽ سزا عمر قيد يا ڦاسي!“

”تو مون کي ولائتي سياستدان سمجهيو آ ڇا جو دپ کان سچ چوڻ ڇڏي ڏيندس! مون کي ڀلي سوريءَ تي چاڙهي ڇڏيو پر سچ چيو اٿم- سچ چوان ٿو ۽- سچ چوندو رهندس!“ رابرٽ مڪمل پروسي سان چيو.

”ٻڌ! ارادو تہ اٿل اٿئي ۽ چاڙان بہ تو نہ تو سچ چيو آ- سچ چئين ٿو ۽ سچ چوندو رهندين. پر ٻڌ! پياري، سچ اتي چئجي جتي سچ جو قدر هجي - هتي تہ ٻائي

انڌير ننگريءَ وارو قصو لڳو پيو آ- هتي سچ چوندين ته پاڻ شرمسار ٿيندين!" ذڪي الحق کيس پهرئين جي شاگرد جيان سمجهائيندي چيو.

"ها! .... يار! —" رابرٽ اونهي سوچ ۾ ٻڏل هئندي چيو. "ون ڊريءَ کان هتي سچ ڏانهن ڏنو جنهن شرم کان ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو هو.

سوال ڇهرا جواب ڇهرا

پيڪڙيل در سان گنڌ ٻنهي جا وات ٻه پيڪڙيل- خاموش ڪمرو- خاموش هو ۽ خاموش هوءِ- پيٽي ٽيبل وهاڻي ڪي ٽيڪ ڏئي وينل هن جي هٿ ۾ هڪ سگريٽ بس! ان ڪارڻ ٿي ڪجهه مووميمنٽ. قبرستان جي احساس کان ٻپ ڪائي اوچتو، ڇونڪاري جي راهه

”ته تون شاعري به ڪندو آهين؟“ ڊائري جي ورقن ۾ ڏڦيڙ سان ’مرڪ‘ جو آواز.

سگريٽ واري هٿ جهٽڪي سان اصل پوزيشن ني.

”پرائي“ ڊائري پڙهڻ جي اجازت ’ڪنهن ڪان‘ ورتئي؟ آواز ۽ دونهون وچڙندا ٻاهر نڪتا.

”تنهنجي ڊائريءَ جي اجازت ڪنهن کان وٺان ؟“

ڪنهن کان وٺندئين؟ پنهنجي سوچ سوال جي جواب لاءِ پاڻ وچانجي ويو ماضيءَ جي ڊائريءَ جي ڀا ڊپل صفحن ۾. ان کان جنهن ڪي مون ارپي ڇڏيون آهن. پنهنجي زندگيءَ جون سڀوريون ڊائريون اها توکي اجازت ڏيندي؟ - نه نه هرگز نه ....!

”ٻڌاءِ نه ڪنهن کان وٺان تنهنجي ڊائري پڙهڻ جي

اجازت! ڏس ته مان ڪائنس اجازت سان گڏ ٻنهي اجازت جي پڙهيل چند صفحن جي معافي به وٺان!“

سوال جو جواب ڏيڻ چاهيندي به ان جي پوئين تشريح ۾ ڪوئجي ويو! ته تون چند صفحا پڙهي به وٺين! توکي انهن صفحن ۾ هوءَ نظر ڪانه آئي؟! مون ته هر لفظ هر سٽ هر پئرا ۽ هر صفحي تي سندس اسڪيچ چٽي ڇڏيا آهن. سوچي ڪنهن اچاڻ احساس وچان چاهي تو ته ڪائنس ڊائري ڦري وٺان پر الائي ڇو هو ائين ڪري نه سگهيو.

مرڪ ڏيڪ ڏٺ ڪيس پاڻ ڏانهن ائين شانت گهوريندو ڏسي ڊائري کي ٽيبل تي رکي، اچي پرسان بستري تي ويهي، سندس هٿ مان سگريٽ [فلٽر ٽائين سڙي* ويل] ڪسي، ايش ٽري ۾ ڦٽو ڪندي ڪيس چيو.

”پڊاءِ نه بادل! مان تنهنجي ڊائري پڙهڻ تي چاهيان ڪنهن ڪان وٺان اجازت!“

”اها توکي اجازت نه ڏيندي!“ هيو سگريٽ دکائي تيلي پرتي اجهائيندي [رک وٺيءَ هوندي به] ٻ گهوڪش هڻندي بادل چيو.

”اجازت وٺڻ منهنجو ڪم آهي- تون رکو ڏس ڏي مان_ مان ڪهڙي به نموني ڪائنس اجازت وٺنديس.“

”هوءَ مري چڪي آهي. ملڪ! هوءَ مري چڪي آ!“ هن سگريٽ مان پاڻهي نڪرندڙ دونهين جي لاٽ کي گهوريندي چيو.

”مري چڪي آ!“ مرڪ په اپالڪي تي سندس لفظ ورجايا.“

”ها مري چڪي آ- زندگي ان جهو جو نالو آ جو پنهنجي چاهت مطابق ڇري پري سگهي. جنهن جون ڪنيڙاڻيون پڇي چرڻ پرڻ کان محروم ڪيو وڃي. اهو جيو مثل ٿي ليکبو ۽ هاڻي بس! دفنايل آهي سنهنجي خاموش/پرزوت ڪندڙ ڊائريءَ جي ٻه سئو ستانوي صفحن نون نوٽس وارن صفحن سوڌو. سوچيندي هن ٽيبل تي پيل ساٽي رنگ واري ڊائريءَ ڏانهن حسرت ڀريل نگاهن سان ڏٺو.

”مئلن پويان مري نه وڃبو آ بادل! ان ۾ سياٽپ ڪانهي!“

” نه ان ۾ ڪهڙي سياٽپ آهي جو ڪو جيئري جند ڪي جلائيندو رهي ته ان تي ڍڪ ڏئي ڪلبو رهجي؟“

”اچا--!“ مرڪ کي هاڻي ڪجهه ڪجهه ڳالهه سمجهه ۾ اچڻ لڳي هئي.

”ڪجهه نه پڏاء بادل ته مون کي به ڳالهه سمجهه ۾ ته اچي.“

”ان کي سمجهڻ جي آخر ضرورت به ڇا؟ Leave it“

”نه--نه هرگز نه! it is wrong جي اٿين ٿيو ته پوءِ --- پو انسانن ۾ انسانيت ڏي نه رهندي ۽ پو هي دنيا ....!“

”هاڻي ڪٿي رهي آهي تنهنجي انسانيت؟ ڇڏي ڏي انهن ڳالهين کي! مهوري زندگي اهي ڳالهيون ٻڌي ٻڌي تنگ ٿي پيو آهيان. Please Leave me alone انسانيت اتي وڃي رهي آ نه هاڻي جو ويران کنڊرن ۾ مٽي پٽي انسان ڏپ ڪري رهيا آهن! ٻڌاءِ اهو انسان هو جيڪو مئو؟ اهو انسان هو جنهن کيس ماريو؟! يا اهو انسان آ جيڪو ان جي پيرسان لنگهندي نڪ تي ڪپڙو ڏئي؟؟

مان ڏاڍو ڏکويل آهيان مرڪ! ڏاڍو ڏکايل! مون کي پنهنجي محرومين تي ٻنان معاوضي ماتم ڪرڻ ڏي! اٿين چوندي وري سوچن ۾ ٻيهي ٿو وڃي.

مان اهو نه ٿو چاهيان ته هڪ دفعو ٻيهر، سرڪجندڙ ڏکريءَ جي چوٽيءَ ۾ ڪجهه ميٽرن جي مفاصلي تي پهچي، جهنڊو کوليندي (ان آس ۾ تہ چوٽيءَ تي ٿو چاڙهيان) طوفان جي جهوٽي سان، پاڻ سان گڏ اهو کليل جهنڊو (ڊائري به اچي پستيءَ ۾ ڪرون. اتي جتي جيڪڏهن کو اچي به سگهي ته انساني مثل وجود جي ڏپ تي، ڳجهون يا ڪي ٻيا وحشي جانور! جيڪي اسان کي سهارو ڏيڻ بدران اسان کي پنهنجو جيئڻ سهارو بنائي ڇڏين ۽ پيرسان پيل زخمي ڊائريءَ جي شهہ رڳ (ارپنا) به ڦاڙي ڇڏين پنهنجي وحشي چنبن سان!

”ڊائري ڇو لکي ويندي آ؟“ مرڪ ايڏو منجهيل ڏسي بادل کان پڇيو.

”بس مون کي اها چاڻ آ تہ لکي ويندي آهي“

”اهو جواب ته ائين آ جيئن هڪ قبائليءَ کان پڇيو ويو هو ته تون نماز ڇو پڙهندو آهين ته وراڻيو هئائين اسانجو سردار جو پڙهندو آ -- پر تون ٻڌه ته تون ڇو لکندو آهين مرڪ سوچيو هو ته ان ڇوڻ سان بادل جي مک تي ضرور ڪجهه مٺا ايندي ۽ هو مرڪي پوندو پر بادل ساڳئي ئي لهجي ۾ ڪائنس جواب بدران سوال ڪيو.

”تون ڇو جيئندي آن؟“

”پنهنجي ايم ڪارڻ“

”ته پو سمجهه ته منهنجو ’ايم‘ به اهوئي هو“

”بس رکو ڊائري لکڻ ايم اٿئي؟“

”آهي نه اهو به ’هو‘ ڪجهه وقت اڳ تائين“

”ته ڇا هاڻي اهو ايم به نه رهيو اٿئي؟“

”نه — نه Now I am aim less person تون ڏسڳهين تي. هن جي مرڻ (وڇڙڻ) کان پوءِ اڄ تائين ٦٣ ئي پيجز سڪڻا پيا آهن.“

”پر ڊائري ته ڏکن وارن ڏهاڙن ۾ ڀرپور لکي ويندي آ ۽ تو وڇوڙي........“

”خالي ڇڏيل ڊائريءَ کان وڌيڪ ڪهڙي ڊائريءَ ۾ ڀرپور پيڙا هوندي آ!؟“ ائين چئي سوچڻ لڳو مرڪ کي مخاطب تي ’تون انهن اکين سان ڏسين ته انهن صفحن ۾ توکي استاد منظور علي خان راڻو ڳائيندي نظر ايندو- تون انهن اکين سان ڏسين ته پيئاڻيءَ جي سرسامونڊي تي گل محمد کتريءَ جا اسڪيچ توکي ڏسڻ ۾ ايندا-

۽ ۽ جيڪڏهن ترن انهن نظرن سان ڏسين ته توکي ان ڊائريءَ جي هرهڪ صفحي تي صليب ڏهيل نظر ايندو جنهن تي چاڙهيل آهي ڪبوتر ۽ لڳل اٿس ڪوڪار ڪيل!"

"ڀلا سگريٽ ڇونه پئين؟" مرڪ ڀيهر ڪيس چپ رهڻ کان پوءِ سگريٽ دکائيندو ڏسي سوال ڪيو.

"دونهين کي آزادي ڏيارڻ ڪارڻ!"

مرڪ جنهن سوچيو هو ته چوندو ته 'ٻيا جو پيئن ٿا، پر جڏهن اهو جواب ٻڌائين تڏهن احساس ٿيس ته واقعي بادل ڪيترو نه دکي هو. هن ڀيهر کانئس پڇيو.

"آزادي ته ايئن به سگريٽ کي دکائي هٿ ۾ جهلڻ سان به ڏئي سگهجي ٿي!"

"پر گرم دونهين کي من ۾ ٺاري پوءِ ڏنل ڪيس آزادي ئي صحيح آزادي هوندي آهي!" موضوع مٽائڻ کان مرڪ ڀيهر پڇيس.

"ٻ ل! دکايل ماڻهو ته دک درد ونڊڻ چاهيندو آ؟"

"ليڪن ڪنهن سان؟؟"

"ڪنهن سان به."

"اهو غلط آ. هو چاهيندو ضرور آهي پر — پر جڏهن کو دک ونڊڻ وارو ساٿي ئي نه رهي ته......"

"ته بس. اندرئي اندر ۾ جهرندو رهي؟"

"ٺهو آهي ان کان جو آڇاڻ ۽ آسجهه ماڻهو آڏو ويهي مٿا ماري ڪري."

"بادل- جيڪڏهن رکو ان کي نه ڇنبو آ ته، صبح جو آفيس ۾ اچي Attendence Rejister تي :Sign ڪري آفيس جي فائيلن کي ترتيب ڏئي، سگريٽ پيئڻ ۽ پوءِ اچي هن بند ڪوارٽر ۾ پڄڻي."

"پوءِ- مان ڪٿي ٿو چوان ته مان جيئرو آهيان" جواب بعد پيهي ٿو وڃي پاڻ ۾- مان ڇا آهيان؟ بس چٽڪ ٽيپ رڪارڊ جي ڪا ڪيسٽ آهيان نئين نڪو ري نه، وڃي وڃي ڍهي ويل اها ڪيسٽ آهيان جنهن ۾ نه ڪجهه پرجي ٿو سگهي ۽ نه ئي وڃي تي سگهي (سريلي نموني) يا وري ٽيپ رڪارڊ جي هيڊ خراب، تي وئي آ ۽ نئين هيڊ خريد ڪرڻ جيترو ساهس مونکي ته گهٽ ۾ گهٽ ڪنهن ۾ به نظر نه ٿو اچي-' مٿي کي جهٽڪو ڏئي سوچ مان نڪري سامهون لڳل هڪ اسڪيچ ڏانهن ٿو ڏسي جتي ڏڪاريل آهي.

وسيع ڌرتيءَ جي هڪ ڪنڊ تي هڪڙو ٻڪو وڻ! جنهن جي پنن کي خزان مڪتي ڏياري ڇڏي آهي. ان ٻگهي وڏي هينان 'ڪو' اڪيلو اڪيلو ويٺو آ ٽڙ کي ٽيڪ ڏيو- هڪ ڇنگهه سڌي- ٻي ٻيٺي، اپي ڇنگهه تي ٽڪنڊي نما ٻانهن ۽ ان ٻانهن تي هو منهن رکيو ويٺو آ روئي رهيو آ شايد!' لڳس ڄڻ آرٽسٽ سندس من جي هورا ڪوراکي ئي چٽيو آ- ان اسڪيچ ۾! هن پاڻ کي اهو ماڻهو سمجهيو تڏهن ڪيس وڻ به سندس وانگر ئي ويا ڪل نظر آيو

بلڪل اداس. هن سوچيو تہ اهو بہ اهائي پيڙا ڀوڳيندو هوندو جيڪا هو خود!

مرڪ کي بادل جي خاموشي ڪانہ ٿي وڻي اٿڪري ڪاڻس ڳالهرائڻ لاءِ پڇيائين.

”مون ٻڌو آ تہ ڊائري ۾ ماڻهو پنهنجو پاڻ کي ننگو ڪندو آ؟“

”هر ماڻهو دراصل ننگو هوندو ئي آهي. پوءِ ڪٿي ڪيترا ۽ ڪهڙا بہ رنگارنگي ڪپڙا پهري، پنهنجا ناسور لڪائي. ’مدنائيٽ‘ کان ’تيجمي‘ تائين پاڊوڊر ۽ ’ميڊورا‘ کان ’سنس مس‘ تائين سڀنون استعمال ڪري پنهنجي سڙندڙ وجود جي ڏپ کي لڪائڻ ڪارڻ استعمال ڪندا آهن. اهو ٻوءِ رڳو پنهنجي ضمير کي مطمئن ڪرڻ لاءِ ڊائريءَ ۾ سچ آهن!“

”تون بہ ان ڪري نہ ٿو ڏيکارڻ چاهين پنهنجي ڊائري تہ متان.......“

”نہ — نہ اڳتي نہ چئہ! ايڏو ٿلهو متارو الزام هڻڻ کان اڳ اهو تہ ڏس تہ مان اهو سهي سگهندس!“

”اهو الزام تہ ناهي!“

”ڳالهين ڳالهين ۾ اهڙيون ڳالهيون ٿي وينديون آهن جو —“

”چڱو سائين- بس ڪئيسين. هروڀرو ٿيو ٿا ناراض ٿيو.“

”نه ــ نه ــ ناراض ڇو ٿيندس پر جي ٿيس به ته توکي چاتو ڪري سگهان.“

”پو ڀلا مهرباني ٿئي نه؟“

”هن دور ۾ هرڪو ماڻهو پنهنجي سورن کان جان ڇڏائڻ جي ڪوشش ۾ لڳو پيو آ توکي ڇا ٿيو آ جو پراون پورن ۾ پئي پئين؟ هونءَ به منهنجا دک تون پڙهي سگهندئين؟ ۽ جي پڙهي به وئينءَ ته وري مون سان همدردي ڪرڻ لڳندين ۽ پوءِ پيار ۽ وري آخر“

”بادل! اها حقيقت آهي ته مون کي توسان همدردي آهي پر....“

”اسان وٽ پيار همدرديءَ منجهان ئي سرجندو آ مرڪ! يا وري ڪو ماڻهو ڪنهن سان همدردي ڪندو آ ته اڳلو ان کي پيار سمجهي، دوکو کائي ويندو آ، ڏينهن ڏئي جو!“ چوندي بادل چپ ٿي ويو. مرڪ به چپ هئي. هيئنر چوطرف سانت ٿي وئي هئي. سڄي ڪمري ٿي سانت جي راڻي راڄ ڪرڻ لڳي ۽ چوڌاري سندس گهيرو ٿي چڪو هو ۽ بس جيڪڏهن ڪو هو ته هڪ ٽي هو جيڪو سانت جي گهيري کي ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. ڪو خيال ايندئي بادل جون نظرون ڪئلينڊر ڏانهن کڄي ويون. تاريخ ١٥ ــ ڊسمبر: نظرون تاريخ تان سرڪي ڪئلينڊر تي ڏهيل پينٽنگس تي پونس ٿيون.

سامهون دور دور جتي ڌرتي ۽ آڪاش ملن ٿا پاڻ ۾، سج اتي ٻڏندڙ! اها ٻڏندڙ روشني اچي ٿي پوي هڪڙي ڇٽيل پن واري وڻ تي! جتي ڌڙ واري لام جي ڳنڍ وٽ هڪ آ کيرو آهي، ڏاڍو پيارو! اتي به پکيڙا ويٺا آهن! ڪنڌ ڪنڌ تي رکيون! اکيون ٻوٽيو!

الائي ڇو خزان کيس وڻندي هئي- ان ڪري ئي هو اڪثر اهڙا ڪئليندر ۽ پينٽنگس خريد ڪري اچي هٽندو هو هتي- هن وري هڪ حسرت ڀري نگاه انهن انهن پکين ڏانهن اڇلي، کيس ڀهريان جڏهن سندن وڇوڙو ٿيو هو تڏهن ’جوڙن‘ تي ڏاڍي ڪاوڙ هوندي هئي پر پوءِ نه ڄاڻ ڇو دنيا جي سمورن جوڙن سان از غيبي همدردي پيدا ٿي وئي هئي. هن گهڙيال ڏانهن ڏٺو لڏندڙ پينڊيولم جي مٿان ڪاٺين کيس ”سوا ٻارنهن“ ڏيکاريا- ”تاريخ به مٽجي وئي“ سو هن مک ورايو- ڇرڪجي ويو- مرڪ ڪي اتي نه ڏسي.

هان هن مهل مرڪ ڪيڏانهن وئي؟- ڪڏي وئي؟ اڪيلي وئي؟ ڪيئن وئي؟ ڪنهن سان وئي؟ مون ته کيس ٻاهر ٻاهر به نه ڇيو- اهو به نه پڇيو ته هن مهل ڪيئن وينديئن؟ ڪڏي وينديئن؟ مون ته کيس در تائين Leave به نه ڪيو- هن موڪلايو هوندو ضرور پر منهنجي جواب نه ڏيڻ ڪري هوءَ ناراض ٿي هلي وئي هوندي- ها- ايئن ٿيو هوندو شايد- اف- ڪيڏو نه مان واهيات آهيان- احمق آهيان- نادان آهيان.

اهو سوچي ڪا سوچ ايندي ٿي هن ٻين ڪولي ۾ ڪجهه لکڻ لاءِ ڊائريءَ ڏانهن هٿ وڌايائين ته ڪيس ڊائريءَ جي رنگ ۾ ڦيرڦار نظر آيس. هن اکيون ڇنڀي وري ڏٺو. ساڳيو رنگ "ناسي" هن ٻاب ڏانهن نهاريو جيڪو به بدستور جهيڙي ڪرڻ جي ٻرڪا ڪري رهيو هو. هن سائي ڊائري ڏسڻ جي ڪافي ڪوشش ڪئي پر بي سود!

نه چاهيندي به سگريٽ دکائي ڊائري ڪڍي ورق اٿلائي ته پهريون صفحو ڪوري کان ڦيرڪجي ويو
"جيڪڏهن مون کي جيون ڪان وڌ به ڪا شي عجي ها ته اها به ارپيان ها توکي! بادل!"

"تنهنجي مرڪ"

"مرڪ مرڪ مرڪ لفظ پنواڻيون ڪائيندو ور ور ڪري سندس ذهن سان ٽڪرجي رهيو هو. هن ڪان پنهنجي ڊائري ورڇي وٺي ۽ جنهن تي هن ڪجهه لکڻ چاهيو هو بنان سوچڻ جي هو پڙهندو رهيو ناسي ڊائري.

- اڄ اسان جي آفيس ۾ هڪ نئون نوجوان آيو بحيثيت ڪلارڪ. اسان وٽ ڪلارڪ وڏن عهدن جا لائق هوندا آهن پر وڏن عهدن وارا ته ڪلارڪ جي اهل به نه ڏاڍو سمارٽ آهي.

- اڄ دل ڏاڍي ڪائنس تازهءَ پڇيم عجيب ماڻهو آ جهانءِ.

”منهنجو ڪوبہ نالو ڪونهي!- نہ دنيا جا سمورا نالا منهنجا آهن- تون جنهن سان وٺني سڏي سگهين ٿي.
— ارسطو وڏائي لاءِ هروبرو پڇيو مانس.
”اوهان جي ڪا ونڊر ڀا تعريف!“
”صفت جا سمورا لوڙو توکي مون ۾ ملندا!“
ڪيڏي نہ سچائي هئي سندس ان جملي ۾.“
هو پڙهندو رهيو- ڪيس ان ناسي ڊائريءَ جي هر صفحي ۾ بادل گجندو نظر آيو ۽ ڪيس اتي ڏسڻ ۾ آيو تہ ڪو هٿ ڪٿي دعا گهري رهيو آ ”بادل! ڪيستائين گجندو رهندين هاڻي تہ برس ڪٿي!“
۽ جڏهن هو هن صفحي تي پهتو هو تہ-
”۽ هاڻي هن مون کي ريٽلي محسوس ڪرايو آهي تہ مان آهيان اها وچايل پاڻلي جيڪا ڪري پٽي هجي ڪنهن گٽر ۾!“ در کڙڪيو! ڊائري سندس هٿن مان ڇڏائجي وئي- پاڻ سنڀالي، ڊائري ٽيبل تي رکي ڇپائين.
“Yes Come In.”
در کلڻ سان مرڪ اندر آئي.
”معاف ڪجو! بادل!
رات مون کان تڪڙ ۾ ڊائري متجي وئي هئي- اوهان تہ پڪ سمجهندؤ تہ مان ساڻو ڪري کٽي وئي هوندس! پر مون کي قسم آ ان جو جنهنکي مون پهريون ۽ آخري دفعو چاهيو آ. تہ اها مون کان پلي ٿي تي وئي هئي. مون امانت ۾ خيانت ڪانہ ڪئي آ. هڪ صفحو

به ڪونه پڙهيو آ ۽ مون کي اميد آ ته اوهان به ـــ' ۽ پوءِ هو چپ ٿي وئي. بادل ڏانهنس ڏٺو ـ ڪيس لڳو ڄڻ هن منهن به ڪونه ڌوتو هو ۽ نائيٽ ڊريس ۾ ئي هلي آئي هئي ـ ۽ هر ڇرڪجي ويو تڏهن جڏهن گهڙيءَ ڏانهن ڏٺو 'صبح جا پنج!'

"ايڏي وڏي غلطيءَ جي غلط فهمي ٿي سگهي ٿي پر ......"

"نه اهڙي ڳالهه ڪانهي! ايئن ٿي ويندو آ هـونءَ بـه پـلا منهنجي ڊائري پڙهڻ سان توکـي ڪهڙو فائدو رسندو يا تنهنجيءَ...." بادل اهو محسوس ڪري ورندي ڏني ته مرڪ ڪائنس ڪجهه چوائڻ ٿي گهري پـر هو پنهنجو جملو پورو ڪري نـه سگهيو. هـن سائي ڊائري رکي ناسي کڻي وري چيو.

"مان دراصل اوڏي مهل ئي کڻي پئي آيس، پر وري رڪشا ڪانه ملي سگهي ـ هيڏانهن ئي، ڪافي وقت کان پوءِ مس ملي هئي ـ مان نهايت شرمنده آهيان ـــ اميد ته معاف ڪندا"

ڪجهه وقت خاموش رهڻ کان پوءِ نهايت نماڻائيءَ مان چيو "پوءِ ـــ مان هلان؟"

"پلي" بادل چنهن ڊائري پڙهڻ کان پـوءِ انيڪ سپن جا ڪاڪ مهل جوڙيا هئا سي الائي ڇو ڪيس پرندي محسوس ٿيا. هو ڪجهه به ڪڇي نه سگهيو سواءِ 'پليءَ' جيءَ! ۽ جڏهن مرڪ هلي وئي تڏهن بادل جون نظرون

ازخود سامهون واري ان اسڪيچ ڏانهن ڪجهي ويون جتي وسيع ڌرتيءَ جي هڪ ڪنڊ تي هڪڙو ٻڪو وڏو وڻ هو! جنهن جي پنن تي خزان مڪتي ڏياري ڇڏي هئي. ان ٻڪي وڻ جي هيٺان ڪو اڪيلو اڪيلو ويٺو آ، ٽڙ کي ٽيڪ ڏيو. هڪ ڄنگهه سڌي ٻي پيٽي، اٻي ڄنگهه تي ڏڪندي نما ٻانهن ۽ ان ٻانهن تي هو منهن رکيو ويٺو آ– روئي رهيو آهي شايد! ڪيس ٻيهر لڳو ڄڻ آرٽسٽ سندس من جي هوراڪو راڪي ۾ چٽيو آهي. ان اسڪيچ ۾ هاڻي ڪيس ڏٺين تي ويو ته اهو پاڻ هو پاڻ آ تڏهن ڪيس وڻ ٻه سندس وانگر ٿي وياڪل نظر آيو– بلڪل اداس. هن سوچيو ته اهو ٻه اهائي پيڙا ڀوڳيندو هوندو، جيڪا هو خود!

امهاڳـ/ٻوياڙي

ڌرتيءَ تي انيڪ ليکڪ، هر ڏينهن پيدا ٿيا آهن، نين سوچن نين امنگن سان، جنم وٺندا رهيا آهن، جي پنهنجي قلم ڪي حمر جي ڏهڪاءَ خلاف تلوار وانگي هلائيندا رهيا آهن/هلائيندا رهندا. قلم سندن ذهني تخيلن جي ترجماني ٿو ڪري، هو ڪوڙ خلاف بغاوت ٿا ڪن. موت ۾ ڪين ان جو سلوڪي ملي ٿو ته تشدد! ڇو ته مظلوم-ظالم لاءِ پيدا ٿيو آ ۽ ان ڪارڻ هو ان تشدد کي امرت جام پائي اوتي ٿا ڇڏين پنهنجي اندر ۾.

اڄ! نه ليکڪن جي کوٽ آ نه ڪهاڻين/لکڻين جي! هر پرهه جي سرخي سان گڏ الاهي لکڻيون جنم ٿيون وٺن ليکڪن جي ذهن منجهه! جڏهن ته ڪافي ليکڪ ڪيريڪٽر ۽ ڪيرئر جي ڏيڻ ۾ ڦاسي، ڦٽڪي ڦٽڪي نراس ٿي ويا آهن. اڄ جو پل- پل، هر ماڻهوءَ لاءِ نوان مسئلا، مونجهارا ۽ اڪيچار مشڪلاتون، ڪڙيون ڪيو بيٺو آهي. ڪير آهي جيڪو مطمئن ۽ خوش هجي.

پو انهن دشوارين/حادثن/مشڪلاتن/مونجهارن ۽ مسئلن کي عام ماڻهو پنهنجي ڊائرين ۾ لکندو آ. شاعر پنهنجي سٽدر ڪوتائن ۾- مصور اسڪيچن/پورٽريٽن ۾ ۽ ڪهاڻيڪار

ڪنهن ڪوري ڪاڳر تي دل جي ڌڙڪن جي رفتار کي روڪيندي، پنهنجو رت ست ڏئي سيڪجهه نچوڙي هڪ تخليق کي جنم ڏئي وٺندو آ- ٽٽل ڦٽل لفظن کي سٽن ۾ سميٽي، سوچ سهاري اندر جي اڌمن کي ڪاغذ تي جڏ ڪوري وٺندو آ ته سندس ان تخليق کي ڪهاڻي جو نالو ڏنو ويندو آ.

ادب جيڪڏهن اسان کي ٻيو ڪجهه به نه ٿو ڏئي سگهي ته هڪڙي آئيني جو ڪم ضرور ڏئي ٿو جنهن سهاري اسان پاڻ مان/معاشري مان برايون نوٽ ڪري انهن کي ختم ڪرڻ ۽ سٺايون پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪيون.

لکڻ فن آ ۽ ليکڪ فنڪار! فنڪار تيستائين فن مان مطمئن ناهي ٿيندو جيستائين سندس مان زنده رهڻ جون خواهشون مري نه وڃن ۽ تيستائين هو فن کي رت جو وٽو ڏئي پيٽ جي وٽي وٺڻ جي آس ڪندو رهندو.

فن/فنڪار ڪنهن به تعريف جو محتاج نه آهي ۽ نه هئڻ گهرجي، پر ڪا اهڙي سندر تخليق ڏسي دل چوندي آ ته- هن تخليق جي تعريف نه ڪرڻ سان، نه رڳو ان تخليق سان پر سندس خالق سان به سراسر ناانصافي ٿيندي! عمدي تخليق جي ڪسوٽي اها هرگز ڪانهي ته ڪا اهڙي ڏکيري تحرير جا ڪنهن جي پڙهڻ سان ڪيس سمجهه ۾ نه اچي. پر لفظ- انداز- ۽ طرز/اسٽائيل اهڙو هئڻ گهرجي جيئن عام ماڻهو به سمجهي سگهي.

ظفر جي لکڻين تي لکڻ ويل من ۾ سوچيم ته مان وٽ ٻه اهڙي ٽي ٽنل ڦتل لفظ آهن جن سان شايد سنڌس لکيل سندر ڪهاڻين سان انصاف نه ڪري سگهان؟ پر پوءِ سنڌس هجت ڪي ٿاري نه سگهيس ۽ ڪوشش ڪري رهي آهيان.

ظفرا اهو سچاڻ ليکڪ آهي، جنهن پنهنجي تخليقن سهاري، ٿوري عرصي ۾، الاهي ادبي پنڌ ڪيو آهي جيڪو ڪيڏو نه ڏکيرو آهي. ڪي ليکڪ لکندا آهن اندر جي ارج/ڪوٽ پوري ڪرڻ لاءِ- ڪي شوقيه شغل خاطر! پر سنڌس ڪهاڻين ۾ ڪو نه ڪو سماجي ڪارج آهي. هن پرديم ڪان جبر تائين لکيو آهي. هن معاشري جي هر برائيءَ کي چٽيءَ طرح نندي آهي. سنڌس لکڻيون آسان لفظن ۾، لفاظت ڪان پاڪ ۽ ملاوت ڪان پري رهي حقيقت کي ايڏيون اوڏيون آهن جيڏو 'سنڌ ۽ امن'.

جڏڪو ليکڪ پنهنجي اندر جا اڏما ڪوري ڪاغذ تي ڪوريندو/لکندو آ تڏهو پنهنجي اک جي ماڻڪڻن ڪان دوربين جو ڪم وٺندي، پنهنجي چوطرف/پسگردائيءَ ۾ ڏسندو آ ته چاڙوهي واپري رهيو آ- ڪٿي ماتم آ ۽ ڪٿي شرنايون. هن کي هر ماڻهوءَ جو دک پنهنجو دک پاسندو آهي. اهڙي طرح ظفر ٻه پنهنجي دکن جون ڪهاڻيون پنهنجي ريتي رت سان لکيون آهن. جيڪي پڙهڻ سان مون کي ته چا هر پڙهندڙ کي ايئن محسوس ٿيندو چڻ

هو پنهنجون ڳالهيون/حادثا پنهنجي اکين سان ڏسي رهيا هجن ڪنهن اسٽيج تي.

سندس پهرين ڪهاڻي 'پورو- اڻپورو جيون' معاشري جو جيئرو جاڳندو ڪردار- نوجوان ان جون داخلي ڪيفيتون- ماحول ۽ ان کان لرجڪ؟!- سندس ٻي ڪهاڻي 'قومي آرٽسٽ'! جديد دور جي عڪاسي فريب دولاب جي رونمائي- پريم کي دوکي لاءِ استعمال! ڀالو ڀولو ليکڪ! چريٽ صاحب لوڪ! هن کي ان جي چورايل فن کان سواءِ ڪجهه ٻئي هنڌ نظر نه پيو اچي! 'مانڪين منجهه مسيت' ۾ هڪ پرديسيءَ جو ڪردار آ هو ڌرمشالا ۾ اچي ٿو- پنهنجي ذات پات ۽ مذهب تي پردو رکي. هو ڌرمشالا کي مسيت کان ان ڪري ترجيح ٿو ڏئي جو هت ڪيس پيٽ ڀرڻ لاءِ ماني ٿي ملي رات سمهڻ لاءِ بسترو ٿو ملي، جڳهه ٿي ملي. پر مسيت ۾ اهو سڀ ٻه- وڃائي ٿو وهي جيڪو هڙ ۾ هٿيڪو ڪري ٿو رکي. 'آزاديءَ کان قيد ڀلو' ۾ هن اڄ جي نوجوان جي منظر نگاري ڪئي آ جيڪو فرسٽيٽڊ نراسائيت ۽ تنهائيءَ ۾ ولهوٽجي رهيو آ. آزاد هوندي به آزاد ناهي. "پريم تي بندش" سندس ان ڪارج کي وزنائتو ڏيکارڻ لاءِ هن ٻن ڀڪيڙن جو مثال ڏنو آ جيڪي به اهڙي آزادي ٿا چاهين جنهن ۾ پيار نه ملي جنهن ۾ سندن پريمي وڇڙي! پريم اسان جي معاشري ۾ گناهه ۽——۽——۽ ان ڪارڻ هر آدم حوا جي

ڳولھا ۾ پنڪي پنڪي نہ پائڻ تي فرستيد!!- "مثل وجود- چاول ٻار" ۽ "سور ٻچار" بہ اسان جي معاشري جي روزمره جا ڪردار آهن. هڪ ۾ "غريب" هرطرف مصيبتن ۾ تہ ٻئي ۾ امرندڙ نسل جي نشاندهي تہ ڪري جتي روز ماڻهو پنهنجي آسن، اميدن جي تاج محلن کي پرندو، جھرندو تہ ڏسي. اڄ جو اهو نسل سقراط کان افضل آجو روز ڪڙو قاتل/هلاهل زهر پنهنجي اندر ۾ اوتي ٿو، مرڪي جيئي ٿو. روز مري ٿو- روز جنم ٿو وٺي ڪا آس پسڻ لاء/ڪانراس پوڳڻ لاء.

ظفر جي هر ڪهاڻي اڄ جي نسل جي چٽي طرح عڪاسي آ. چڻ آئينو آ جنهن ۾ هر چهرو Clean face ڏسي سگھجي ٿو- لڳي ٿو چڻ اهي حادثا سامهون پيا ٿين- جو جو سندن لڪڻيءَ ۾ جان آهي ۽ هو ڪنهن ولايت/ڏيساور جون ڳالهيون نہ ٿو ڪري. هو هن ڀوتر ڌرتيءَ جو رهواسي آ ۽ هو ڌرتيءَ تي وسندڙ، چوڏهئين ۽ پندرهئين صديءَ جي آدمن جون/حوائن جون ڳالهيون ٿو ڪري. سندس مڙني ڪهاڻين ۾ جيون جا مختلف روپ آهن. ڪنهن ڪجهي علميت جي بار هيٺ، سندس سندس تخليقون دٻيل ناهن. سندس ٻولي ۽ طرز پڙهندڙن لاء منجهائيندڙ ناهي- اهائي هڪ چوليءَ جي اديب جي پرک آهي.

قول ۽ فعل ۾ فرق نہ ڪرڻ ناتي ۽ لوڪ کي سندر سنديش سادن سودن لفظن ۾ پهچائڻ ناتي ڪيس پيغمبر

چئجي ته وڏاءُ نه ٿيندو- ظفر جي ڪهاڻين تي اهو ليکڪ/ پڙهندڙ فخر ڪري سگهي ٿو جنهنکي ڪوڙ ۽ سچ جي سڃاڻ هجي.

مون ڪيس ويجهي کان ڏٺو آهي هلندي هلندي هن جا پير ڪڏهن پٺون ته ٿي ويندا آهن پر سندس عزم ڪي لوڏو نــه ايندو آهي- سندس پير اکڙندا هرگز ڪين آهن- وري به منهنجي سندس لاءِ دعا آهي ته شال ڪو به پل/ڪاب ويل هٿئون نه وڃائي!

نورالنساء ميمڻ

١٩٨٢-١٠-٣١

سور پچار

”کھڙا حال اٿئي؟“
”حال اسپتال لڳا پيا آهن يار.“
”نيٺ؟“
”اهي ٿي آهن جي اڳ هئا.“
”آخر؟“
”بس يار! الائي ڇو زندگيءَ مان مزو نٿو اچي.“
”مزو زندگيءَ ۾ هوندو نــاهــي ڇــريــا پيدا ڪيو ويندو آهي.“
”ڪيئن پيدا ڪيو ويندو آ؟“
”پو ڪڏهن پڌائيندو سانءِ!“
”ته هينئر پڌاءِ؟“
”Love ڪر!“
”ڪنهن سان؟“
”ڪنهن سان به!“
”جنهنکي مان چاهيان ٿو سا مون کي نٿي چاهي!“
”اها ته نيچر هوندي آهي!“
”پوءِ؟“
”پوءِ تون ان کي چاهه جيڪا توکي چاهي!“
”ان کي مان ڪڏهن به چاهي نٿو سگهان.“

”ڇو؟“

”ڇو جو محبت هڪ دفعو ڪئي ويندي آهي.“

”پو مان ڪئي ٿو چوانءِ ته ڇهه دفعا ڪر!“

”پوڪ بصر— مذاق ڇڏ— ڳالهه ٻڌ!“

”حڪم!“

”اها هڪ دفعو محبت ته مان ڪري چڪو آهيان.

”پوءِ تو اها ڇو ڪئي؟

”ڪهڙي خبر ته ....

”ڇڱو سمجهه ته اها منڇ ڊرا ٿي وئي.

”معنيٰ؟

”معنيٰ ته وري ٻئي هنڌ ’ٽراءِ‘ ڪري ڏس!

”گار ڏئي ڪيڏين ها پر ائين نه چئين ها يار.

”ڇو؟!

”هڪ دفعو ڇيم ته محبت هڪ دفعو ٿيندي آ ۽ اها محبت مان ڪري چڪو آهيان— بدقسمتيءَ سان اها ناڪام ٿي وئي— هاڻ ٻڌاءِ ته ڇا ڪريان؟

”توکي ان محبت ڪرڻ کان اڳ مجنونءَ سان صلاح ڪرڻ گهربي هئي.

”ڇاجي باري ۾؟

”ان ئي باري ۾ ته هن ليليٰ کي پهريون دفعو ڏٺو ۽ چاهيو ته هن کيس ڇو ۽ ڪيئن چاهيو؟ هو توکي ڪو خاص مشورو ڏئي ها!

”ماضيءَ کي ڇڏ—

ياد ماضي دل نہ ڪر- جيڪي ٿيو سو خوب ٿيو.
مشورو هاڻي گهرجي

”تہ هاڻي تون فوٽ پاٿ تي ويٺل طوطي واري کنهن ڦار واري کان ڪجهہ ڏوڪڙ ڏئي وڃي مستقبل جي باري پڇ! مون کي قسم آ توسان ٽيل ان ويڙن جو تہ اهو ڦار وارو ڪڏهن بہ مستقبل جون خبرون خراب نہ ٻڌائيندو آهي ۽ ان ڪري تو کي بہ پيو نہ تہ بہ گهٽ ۾ گهٽ ’سونهري مستقبل‘ جو آسرو تہ ضرور ڏيندو.

”مسخري وقت تي ڪبي آ-

”هي وقت ناهي ڇا؟

”نہ!

”تہ پو- مون بس ڪئي.

”بس بہ نہ ڪر!

”تہ ڇا ڪيان، طبلا وڄايان؟

”نہ- مون کي ٻڌاءِ تہ مان ڇا ڪريان؟

”گدوءَ وڃي ڇرين جي اسپتال ۾ داخلا وٺ!

”ڪو فائدو رسندو؟

”بلڪل! ڪٿين نہ هڪ ڏينهن تون ڊاڪٽر محمد ابراهيم خليل جي ڪنهن افسانوي جو ڪردار ٿي پوندي ۽ پيو تہ اها ڇريائپ واري هواءِ بہ دماغ مان نڪري ويندئي.

”ڇريو— ڇريو ڇئي— مونکي ڇريو نہ ڪري وبهين خدارا— مان ڇريو ناهيان!

"ناهين ته پو اهڙيون ڳالهيون ڇوتو ڪرين؟
"همدردانه لحاظ کان توکان صلاح ڏو پڇان ته مان ڇا ڪيان؟
"هاڻي هيئن ڪر! ڪن تي هٿ رکي هي ڪلام ڳاء

مونکي جوڳي هٿي ڏي تون ڏارو
الا! منهنجو ڪانگل آهي قرب وارو.

خبر اٿئي ان ڪلام جي ڪلاڪار کي سرڪار سڳوريءَ عطيه طور زمين جي رڳو 'لکت' به ته ڏني آهي نه- تنهنجو به ڪو بلو ڪندي
"مونکي نه زمين جي لکت گهرجي نه زمين! دوست! مونکي محبت گهرجي- مون کي پيار گهرجي! مونکي پنهنجي جيون ۾ بهار گهرجي
"تيز ڇمڇا ڇريءَ جو هڪڙو غزل تنهنجي زندگي جي خزان کي بهار بڻائڻ لاء ڪافي آهي جاني!
"مونکي سهارو گهر جي يار! سهارو جيڪو مونکي تيز ڇمڇا ڇري نه پر منهنجو محبوب ڏئي سگهي ٿو- ۽ توکي ته خبر آ ته منهنجو محبوب....
"محبوب- محبوب- محبوب! ٽي ويءَ تي پيش ٿيندڙ ڪنهن سادي ڪمپنيءَ جي اشتهار ۾ آيل ڪنهن ناهوڪيءَ رن تي مٿو ڦريو اٿئي ڇا؟"
"باهه ڏينس!- منهنجو محبوب محبوب آ ڪي؟"
"سهڻن محبوب جو ماڻو به ڪونه ٿو باقي؟"
"ماڻو- مون سان ته نه ڪري نه؟"

”محبوب ۾ ماڻو لازم ملزوم شيون آهن ڇرپا۔محبوب به ماڻو نه ڪري ته پيو ڪير ڪندو!“

ڇگو پيلا لک ماڻا ڪري پر۔گهٽ ۾ گهٽ چاهي ته سهي!“

”پاپڙا! اهو ته ڇيم نه ته جنهن کي چاهيو آ سو پاڻ هرگز نه چاهيندو آ ۽ اهڙي حالت مون سان به ٿي آهي ڪوڙ دفعا.“

”پو تو ڇا ڪيو آ؟“

”مون کي ڇڏ! جائي پڌ. نيڪ صلاح ڏيانء!“

”ها!“

”وڄ ۾ وڃي آپگهات ڪر. وڄ ۾ وڃي پاڻ مار. وڄ ۾ وڃي خود ڪشي ڪر. دل ۾ لتاڙي گديل ايمان جو قسم! سمورن سورن کان ڇٽي پوندي

”آپگهات ڪرڻ واري جي جنازي جي نماز ڪانه ٿيندي آهي آپگهات ڪرڻ واري کي دوزخ اماڻيو ويندو آهي. اهڙي صلاح ٿو ڏين دوست!

”بس نه! توکي دوزخ ۾ وڃو ويندو نه؟ مان توکي پڪ سان ٿو ٻڌايان ته تنهنجو محبوب به انسانن جي دل رنجائڻ واري قلم تحت سزاڪائي ضرور دوزخ ۾ ايندو ۽ پوءِ ٻڌو ڪونه اٿئي ته مظلوم مظلوم کي پيار ڪندو آهي. ان ڪري دوزخ ۾ به توکي نه رکو تنهنجو محبوب پرهڙئي دوزخ وارا چاهڻ لڳندا۔ اجان ڇا گهرجئي؟

”نيڪ صلاح ڏيڻ لاءِ مهرباني پرڇا مان توکان آخري سوال پڇي سگهان ٿو

"اعتراض جي عادت ٿي نہ اٿم

"تون بہ مون وانگر، محبت ۾ محبوب جو ٺڪرايل آهين، پو تو اج تائين خود ڪشي ڇو نہ ڪئي؟

"مان-مان- اج تائين هڪ نہ! هزارين دفعا خودڪشي ڪري چڪو آهيان دوست! آدم ڪان اج تائين الائي ڪائون جنم ورتو اٿم ۽-۽ هر دفعي پاڻ ماريو اٿم- ٿي سگهي ٿہ هي منهنجو آخري جنم هجي پر پڪي ڇڏ مان هن پيري بہ خودڪشي ڪندس دوست!-"

۽ هو سڏڪن ۾ پنجي ويو!

——

اسان جا ڪتاب

النبي الامين و لقران المبين	-/۳۰	قمرالدين سهتو
وچن جا واڪا: پيو پيو جلد	-/۱۲	نثار بزمي
سمنڊ آپسمنڊ	-/۲۰	قاضي خادم
عيبن هاڻي	-/۱۲	تنوير جوڻيجو
نہ ڪر هار سينگار سڪي	-/۱۵	عبدالجبارجوڻيجو
اڪيلا نہ آهيون	-/۲۰	نجم عباسي
تاريخ اسلام		
ڇپائي هيٺ		رحيم داد
سوري جنهن سيج ترجمو	-/۵۰	نورمحمد عباسي
اسلامي اخلاق	-/۳۰	حافظ خيرمحمد
ڇپائي هيٺ		اوحدي
مثل ماڻهو	-/۲۵	نورالهدي شاه
ڇپائي هيٺ		
صبح مشرق		مولائي شيدائي

لکپڙه ڪريو-

ادارہ: شهباز پبلڪيشنس حيدرآباد سنڌ

پوسٽ باڪس ۱۰

تعارف

هڪ وڏو سنسان ۽ ويران بيابان! ۾ ڪيئڙا/انسان، پنهنجي ولر کان ويراڳي- هن دنيا جي ... رڻ کان دور ان بيابان ۾ جن جي سزا ڀوڳيندي، هڪ ڏينهن، هڪ ... کي پيڙا ڀوڳيندي پسي ورتو! پوءِ انهن پنهي پکيئڙن پنهنجا پنهنجا پر ... تي چانورو ...هو! هڪبئي ڏانهن ... مضبوطيءَ سان پڪڙي هڪبئي جي ... ۾ گهر ڪري ويهي رهيا! اهڙيءَ طرح مرڪ ۽ جني، هٿ هٿ ۾ ڏئي، نئين عزم ۽ حوصلي سان، هڪبئي سهاري شهر طرف وڌيا، هڪ نئين مارڳ کي رسڻ لاءِ! ۽ ايستائين وڌندا رهندا جيستين منزل —/ مارڳ ماڻين!

ظفر جاني! هاڻي منهنجي وجود جو هڪ حصو بنجي چڪو آ — منهنجي جيءَ جو جيايو ۽ روح جو راڻو آهي جاني! جنهن ڪانسواءِ ان ... ۽ جو هڪ پل به جيئڻ ... تي تصور ڪيان! ۽ جنهن جو پيار منهنجي رڳ رڳ ... ائين سمائجي چڪو آ جيئن گل ۾ خوشبو بنان ڪنهن آهٽ جي سمائجي ويندي آ. سندس ان پريم ته رڳو منهنجي زندگيءَ جي مکڙيءَ تيزي چڙهيو آهي — پر بقول سندس کيس به تازگي بخشي آهي.

هونءَ ته ظفر جاني منهنجي من مندر جو ديوتا آهي ۽ سندس هرهڪ ادا بندگيءَ لائق آهي - پر سفيد يا نيري ڪپڙن ۾ نمائين نيٺ سان هڪ ٽڪ مون ڏي نهاريندو آ ته دل چاهيندي آ ته ڪاش! اسان پٿر جا مجسما بنجي وڃون ته جيئن ... ڪنهن احساس جي جاني ايئن ئي مون ڏي نهاريندو رهي ۽ مان ... رهان! سندس ابهي ڪارا ڪاڪل! انهن کي ڦڻيءَ سان سنوارڻ جو انداز به مونکي ڏاڍو وڻندو آ، سڀ کان وڌيڪ ته سندس اهو ... پاري آواز ۽ ڌيمي ڌيمي لهجي ۾ ڳالهائڻ جو انداز! منهنجي من ۾ سانڌاڻ مچائي ڇڏيندو آهي ۽ دل چوندي آ ته هو ڳالهائيندو رهي ۽ مان ٻڌندي رهان! سندس رسڻ جو رسيلو ۽ پرچڻ جو پيارو انداز منهنجو من موهي ڇڏيندو آ. جڏهن به حجت مان ڪو حڪم ڪندو ... ته سچي ... ... دي آهي ۽ جڏهن وري محبت پري مهميز ڏيندو آ ته مان ۾ ماڻي ساز رسي ... دي آهيانس! پوءِ وري هو پيار ... جهان پرچائيندو آهي! ڪڏهن ڪڏهن هو به سچي رسڻي انداز ۾ رسندو آهي ته مان به پرچائيندي آهيانس. هونءَ منهنجا انگل به مڃيندو آهي پاڻيءَ جو هڪ گلاس پيارڻ لاءِ چوندي آهيانس ته به پري اچي پياريندو آهي!

مون کي سندس هڪري ڳالهه نه وڻندي آ، ته هو ٻڇڙو آ ۽ جڏهن ته منهنجي خواهش آهي ته هو بهادر بنجي ۽ بهادر بنجي زماني جي لاهين چاڙهين تي ... جون قطارون لاڙڻ بدران انهن کي پيهڻ جو حوصلو پاڻ اندر پيدا ڪري!!

هونءَ سچي جاني ڏاڍو سٺو آ — عظيم آ — عظمت جو مينار آ — مون لاءِ —

[جيون ساٿيءَ جي ڊائريءَ منجهان]. - مرڪ ٢٣-٢-١٩٨٢

پڙهندڙ نَسُل . پ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڃوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَڻَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَڻَ جي نالي ڪي پئسا گَڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَڻَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. پين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَڻَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ باروڊَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو پوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ-

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ اٽڪائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)